Gaj

زندگيءَ جا ورق

32

ٻلديو گاجرا

G-3 (~~21~~/58)
58

زندگيءَ جا ورق

000027

بلديو گاجرا

مهاڳ

شري ٻلديو گاجرا سان پهرين گڏجاڻي ١٩٣٢ ۾ حيدرآباد جيل ۾ ٿي. ٨ مهينا گڏ گهاريا سين. هڪ ٻئي جي بلڪل ويجهو آيا سين؛ گهاٽا مترَ ٿي ويا سون. ڌرمي پستڪن جو ابياس، خاص ڪري شريمد ڀڳود گيتا تي ودوانن جون ٽيڪائون يا ان جا ترجما پڙهڻ جو چڱو موقع مليو. مهاتما گانڌيءَ جيئن پنهنجي ۽ پنهنجي آشرم نواسين جي ٽوليءَ جي جيون ۾ گيتا سنديش کي عمل ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، تنهن اسانکي به ان باري ۾ ڪجهه پريرڻا ملي. جيل اندر ته ٻين مشغولين جي نه هئڻ ڪري ڪجهه آتم ابياس ڪري سگهياسين پر جيل ۾ مان نڪرڻ بعد راجنيتڪ ۽ ٻين معاملن ۾ وڪوڙجي وڃڻ ڪري ڪجهه ڍلا پوندا وياسون. هڪ ٻئي کان پري به ٿي وياسون. گڏجڻ گهٽ، ويتر اسيمبلي چونڊن بعد ڪجهه راجنيتي متڀيد به اڀريا پر مترتا قائم رکي ۽ هڪ ٻئي جي نڪته نظر وڌيڪ سمجهي، وراهڱي بعد هتي بمبئيءَ ۾ ته هي ٣٠ سال گڏ ڪاريه ڪندي مترتا وڌيڪ مضبوط بڻجي ويئي آهي. اڪثر ويچار ڌارا به راجنيتڪ خواه سماجي ڳالهين ۾ هڪ ئي رهي آهي. البت بعضي شخص جي گڻن اوگڻن بابت متڀيد رهيو آهي. ٻلديو کي هڪوار ڪنهن ۾ شردا ٿي ته انجي گهٽتائي ڏسندو ئي ڪين ۽ جي ڪنهن جي لاءِ اُبتو اثر ويٺس ته پوءِ انجا گڻ ڏسڻ ۾ ڪين ايندس. پر سندس من ۾ ڪو ڏويش ڪونه هوندو آهي.

شري ٻلديو اڄ زندگيءَ جا ڪي ورق ڪتاب جي صورت ۾ ڇپائي رهيو آهي. اهي ورق "پار تواسي" ۾ وقت بوقت پئي پڙهيا اٿم. هينئر ڪتاب جي روپ ۾ وري پڙهيم. جيل ۾ ئي

Printed by:
Shri Ashok G. Bhagchandani
at the Jai Shivshakti Printers,
Opp. Radhaswami Satsang Hall,
Ambernath Road, Behind Kali Mandir,
Ulhasnagar - 421 003.

MARCH 1982
10-00

Published by:
Baldev T. Gajra
44, Agiary Lane,
Fort, Bombay-1.

فهرست

١. جڏهن مان پٺاڻ جي گوليءَ مان بچي نڪتس	١
٢. جڏهن مون پنهنجو گهر لُٽجڻ کان بچايو	٦
٣. جڏهن بابوءَ سان ملاقات ڪرڻ جي لالسا تي قبضو ڪيم	١٠
٤. جڏهن پنجاهه روپين جي چيڪ منهنجي قسمت بدلائي ڇڏي	١٤
٥. جڏهن سچ ڳالهايم ۽ سزا کاڌم	١٨
٦. جڏهن ليکو ڳڙ ڳڙ ڏاڏي تي پيو	٢٢
٧. جڏهن مونکي جاسوس سمجهي ڪنارو ڪندا هئا	٢٧
٨. جڏهن مونکي پريزيڊنٽ ڪيائون ۽ پڇتايائون	٣١
٩. جڏهن ايشور منهنجي پرارٿنا ٻڌي	٣٥
١٠. جڏهن ٻن پئسن مون ريلوي ٽڪيٽ خريدي	٣٨
١١. جڏهن مون سلهه جي بيمار سان کاڌو کاڌو	٤٢
١٢. جڏهن ستيه ستيه نه هوندو آهي	٤٦
١٣. جڏهن آنسوءَن وڻت ويون ۽ ڳوڙهن ڪم نه ڪيو	٤٩
١٤. جڏهن پهاڙ سامهون ڪڙو ٿيو - ناممڪن ڪيئن ممڪن بڻيو	٥٧
١٥. جڏهن ڀرم منجهايو ۽ پل ۾ ڊاڪٽر ڀرم لاهي ڇڏيو	٦٣
١٦. جڏهن مون اندرا کان آٽوگراف نه ورتو	٦٨
١٧. جڏهن مون مهان ٽيرڻ جي لالسا جو تياڳ ڪيو	٧١

بلديو جي تيز فهم، پورب ۽ پڇم جي فيلسوفين جو ابياس، هر هڪ ڳالهه ۾ پاونا رهت تي سوال جو ڇيد ڪرڻ ۽ جيون سارٿڪ بڻائڻ لاءِ اونهي چاهنا ۽ سندس بيا گڻ ڏنا هئم. هن ڪتاب ۾ جدا جدا وقتن تي، جيئن هن لکيو آهي، سندس دليري، ساهس، آفت اچڻ تي نه گهٻرائڻ پر سنجيدگيءَ سان مشڪل جو حل ڪڍڻ، ڪو ڪم هٿ ۾ کڻڻ ته اورچ ٿي انکي پورو ڪرڻ، مخالفت ۾ منجهي وڃڻ بجاءِ وڌيڪ چست ٿي پنهنجي ڪاريه ڪي لڳو رهڻ، اهي گڻ چٽا ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

جيوَن ۾ هر منشيه ڪي ڳالهيون ياد ڪري ٿو ۽ ڪيئن انهن کي منهن ڏئي ٿو انجو ورڻن پنهنجي گهر جي ڀاتين ۽ مٽن سان ته زباني وندي ٿو. بلديو اهي ڳالهيون ۽ آزمودا پستڪ جي صورت ۾ پنهنجن سنڌي ڀائرن اڳيان رکيا آهن. ڪن ڪي شايد ان ۾ خود نما جي بوءِ اچي پر جي گڻ ظاهر ٿين ٿا انهن جو لاڀ پاٺڪ وٺي سگهن ٿا. بلديو جي جيون ۾ سادگي، خود ارپتا، ديش پريم، قرباني ۽ سالم سمجهه ۽ سوجهه ٻوجهه جا گڻ پڙهندڙن کي پريرڻا ڏيئي سگهن ٿا.

مهاڳ لکڻ لاءِ مونکي قرب سان چيائين. لکڻ جي عادت ۽ آزمود و نه هوندي به به اکر لکيا اٿم. ساهتيه ڪيتر ۾ ته مان پوئتي ئي رهيو آهيان. پوءِ به هي ويچار رکيا اٿم. ڪهاڻيون حقيقي، ٻولي ۽ لکڻ جو ڍنگ ته ڪو بلديو ڪان سکي. ڪيئن به هيڪڙ پڙهڻ وينس ته سڀ يڪساهيءَ پڙهي پوريون ڪيم. اُميد ته بيا سارو جڻڪ ڪم ڪندڙ به پنهنجي جيوَن جون ڪهاڻيون لکڻ جي ڪندا.

— نهوندرام وشنداس

ٻه اکر

”پارتواسي“ ۾ پاٺڪن جي ڄاڻ ۽ تفريح لاءِ مون وقت بوقت ”زندگيءَ جا ورق“ جي روپ ھيٺ سنڌ ۾ راڄنيتي جيون جا دلچسپ واقعا شايع ڪيا آھن. سياسي جيون کان سواءِ ڪي واقعا سماجڪ جيون ۽ واپاري کيتر سان به لاڳاپو رکندڙ ھئا. ڪيترن مترن وقت بوقت مونکي صلاح پئي ڏني ته اھي دلچسپ واقعا ڪتابي روپ ۾ آڻي شايع ڪر جيئن انھن کي ڪجھ دائمي روپ ملي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب شايع ڪرڻ آسان چيز نه آھي. ھڪڙو پئسن جي تنگي، ٻيو پاٺڪ ٿورا ۽ خريدار اُن کان به گھٽ. انڪري سٽ نه ٿي ساري سگھيم.

پريس جي ڏنڌي مان رٽائر ڪرڻ کانپوءِ ھي ڪاريه تھائين وڌيڪ مشڪل بڻجي پيو. پر ڪن مترن وٽان اتيجنا ملڻ تي ساھس ڪيم ۽ جي انيڪ ”ورق“ پارتواسيءَ ۾ وقت بوقت ڇپيا آھن تن مان ڪي چونڊ ھن گلدستي ۾ پوتا اٿم.

ھن پستڪ جي مھاڳ لکڻ لاءِ بزرگ نيتا شري نيونداس کي تڪليف ڏنم ان لاءِ به اوس ڪو وزندار سبب ھوندو، خاص ڪري جڏھن شري نيوندرام ڪو ساھتيڪار نه آھي. جيئن جو ھن گرنٿ ۾ درج ڪيل ورق گھڻي قدر سياسي کيتر سان واسطو رکندڙ آھن انڪري ئي منھنجي من ۾ اھو ويچار

۱۸. جڏهن مون سنڌس ڪورو چيڪ قبول نه ڪيو ۷۵

۱۹. جڏهن خون جي ڪيس ۾ شاهديءَ جي پڇري ۾ ويٺو پيو ۸۰

۲۰. جڏهن سياسي چڪرين ۾ ايشور ساٿ ڏنو ۸۵

۲۱. جڏهن مٺي پڇائڻ کان ٻچي ويس ۹۰

۲۲. جڏهن بخار زحمت بدران رحمت ثابت ٿيو ۹۶

۲۳. جڏهن مرار جي ڀائيءَ کي شاديءَ تي گهرايم ۱۰۰

۲۴. جڏهن ٻن هزارن جي ڏنڊ جي نوبت آندم ۱۰۳

۲۵. جڏهن ايشور مونکي ڪوڙ ڳالهائڻ کان بچائي ورتو ۱۰۶

۲۶. جڏهن بئنڪ کي قرض جي درخواست ڪيم ۱۰۹

۲۷. جڏهن سوا لک جي دعويٰ ۾ امانت ڪرڻي پيئي ۱۱۲

۲۸. جڏهن آءٌ ڇوٽو منتري بڻيس ۱۱۶

۲۹. جڏهن پوليس مونکي چوريءَ جي ڏوهه ۾ جهليو ۱۲۰

۳۰. جڏهن ڌرم ڌن تي وڪاڻو - ۱۹۳۷ جي چونڊ ۱۲۵

۳۱. جڏهن خاطوءَ جو نالو ڪورٽ ۾ ڏيڻو پيو ۱۳۱

۳۲. جڏهن ڊاڪٽر وهم وڌاريو - دل جي بيماري ۱۳۶

۳۳. جڏهن ٽڪي جي پوسٽ ڪارڊ خلم ڀاريو ۱۴۱

۴۳. جڏهن جواهرلعل کي ڳالهه مڃائي سگهياسون ۱۴۴

۳۵. جڏهن سئيڪري ڪاميٽيءَ جو سوال بگاڙيو ويو ۱۴۸

۳۶. جڏهن هنسا جي ملاوت ڪري اهنسا ڪم نه ڪيو ۱۵۳

۳۷. جڏهن جيل ۾ ڀهريون دفعو بک هڙتال ڪيم ۱۵۶

۳۸. جڏهن روهڙيءَ ڊويزن ۾ سوڪ پيئي ۱۶۰

۳۹. جڏهن سنڌس سانتيءَ کي امين ڪيم ۱۶۳

۴۰. جڏهن گنگا ديوي شڪارپور ۾ نه هئي ۱۶۶



سرڳواسي شري ايسرداس ورندمل

پرسڌ ڪانگريسي نيتا جو سنڌ ۾ ڪانگريس جو
هڪ مضبوط ٿنڀو هــو ۽ هتي ڀـارت ۾ جنهن
نرواسين جي پنرواس ڪاريه ۾ ساراهه جوڳو يوگدان ڏنو

آءُ تہ هن سنگرهہ لاءِ مهاڳ لکڻ لاءِ شري نيوَندرام کي ئي وينتي ڪريان. هڪڙو تہ هوُ نہ رڳو سياسي مدبر آهي. مان اڪثر چوندو آهيان تہ سندس جنم جي ساهتيءَ جي بدران حيدرآباد ۾ ٿئي ها تہ سنڌ جي راڄنيتي کيتر ۾ ڪانگريس پارٽيءَ جو مهندار هوُ هجي ها. سياست ۾ نہ رڳو هئڻ کان وڌيڪ مونکي هوُ هڪ رشي ڀاسندو آهي؛ نشڪامتا جو مجسم.

جيل ۾ مونکي ساڻس گڏ ساڳيءَ بئرڪ ۾ رهڻ جو سوڀاڳيہ حاصل ٿيو، جتي سندس سنگت ۾ ۽ سندس رهبريءَ هيٺ مون ڌرمي گرنٿن، گيتا، اپنشدن وغيرہ جو اڌين ڪيو. آتما سنبنڌي مسئلن جي باري ۾ سندس ڄاڻ ۽ ان مطابق سندس رهڻيءَ مونکي سندس شردالو ڀڳت بڻائي ڇڏيو ۽ اها شردا اڄ تائين قائم آهي. ان شردا ڪارڻ ئي مون ۾ اها چاهنا جاڳي تہ هن پنهنجي ڪتاب لاءِ مهاڳ ڪانئس لکايان.

ٻہ لفظ ڇپائيءَ جي باري ۾. پنهنجي پريس نہ هئڻ ڪارڻ ٻيءَ پريس جو آڌار وٺڻو ئي پيو، ۽ اُلهاسنگر ڏانهن ئي ان لاءِ نهارڻو پيو. پريس جو مالڪ شري گهنشامداس ۽ سندس سپٽر اشوڪ ڪمار پاڳچنداڻي ٻئي ڪنهن وقت منهنجي ئي پريس ۾ ساٿي هئا. انڪري سوچيم تہ کين ئي هن پستڪ ڇاپڻ جو ڪار بہ سونپيان. ڪجهہ دوريءَ ڪارڻ ۽ ڪجهہ طبيعت ٺيڪ نہ هئڻ ڪارڻ پروفن پڙهڻ جو بوجهہ بہ مٿن ئي رکيم. سڀاوڪ انڪري ڪجهہ چُڪون رهجي ويون آهن؛ ڏٺ اِهو آهي تہ اهڙيون گهٽيون نہ رهيون آهن جيترو ڊپ هو. ڪجهہ ان ڪمتي جي پورتيءَ لاءِ ڀلنامو ڏنو اٿم.

۱۵ فبروري ۱۹۸۲

بلديو گادرا

ڀلائون

صفح	سٽ	غلط	صحيح
مهاڳ (الف)	٩	جيل ۾	جيل
ٻه اکر (٢)	٦	مجهس	مجسم
٤٤	٢١	سياسي	سنياسي
٤٦	١٢	ڪشين	ڪيٽن
٦٢	٩	همايتي	حمايتي
٧٢	١٢	دل	دل ڪي
١٠١	١٧	گاجر	گاجرا
١٠١	١٨	شاديءَ تي	شاديءَ ۾
١٠٢	١٦	ڪم ڪندڙن	ڪم ڪندڙ
١٠٣	١٢	ڏئي	ڏئيس
١٠٤	١٩	ڪرسيءَ	ڪرسيءَ تي
١٠٥	٥	مان	مان تو
١١٤	١٢	آدرش	اَدرش
١١٤	٢٢	ڌ انڌي	انڌي
١١٥	١١	ٽائين	تائين پتو
١١٥	١٨	سگهجي	سگهي
١١٦	١٢	ڪانگريسين	ڪانگريس مين
١١٦	١٧	سمجندا	سمجهندا
١١٨	٨	هڪ	—
١٢٠	٥	بسيون	بسون
١٢٠	٨	گاڏيءَ	گاڏي

ارپڻ

گهڻي عزت ۽ شرڌا سان

پرم پوڄنيه ماتا

سورڳواسڻ

رکمڻي تاراچند گاجرا

جي

چرڻن ۾

١- جڏهن پناهه جي گوليءَ مان بچي نڪتس

پاڪستان بڻجي چڪو هو. ديش جي ورهاڱي ڪارڻ سنڌ مان گهڻا هندو هندستان هليا آيا هوا. منهنجي دماغ ۾ اها چريائي ويني هئي ته آءٌ سنڌ ۾ رهي سنڌ جي هندن جي سيوا ڪندس. اهو مقصد پورو ٿي ڪونه سگهيو؛ ڇاڪاڻ ته سنڌ سرڪار مونکي ٿي جيل ۾ وڌو. آءٌ جيل ۾ رهي پنهنجي زندگي وڃايان، پنهنجي ماڻهن جي ڪم به نه اچان، سو مونکي منظور ڪونه هو. انڪري راتو واهه هوائي جهاز ۾ چڙهي هليو آيس ۽ ٣١ مارچ تي دهليءَ پهتس.

پر پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ انهن اٺن مهينن ۾ جي آزمودا مليا تن جو هڪ گرنٿ جڙي سگهي ٿو. انهن آزمودن ۾ هي هڪڙو نهايت ئي رونگٽ کڙا ڪندڙ ۽ دل اٿاريندڙ آزمودو آهي جڏهن مون پاڪي مؤت جي مونهن ۾ پاتو ۽ ڪنهن معجزي سان حياتي بچائي نڪتس. خبر نه آهي ايشور ڪيئن ايڏي همت ۽ حوصلو اُن گهڙيءَ ڏنو.

هڪ لڳا حيدرآباد ۾ اسانجي نيتا، شري جئرامداس، ڳالهين ڪندي چيو ته مان روزانو سانجهين جو دير دير سان اوڄهڙ طرفن ڏانهن ويندو آهيان ان لاءِ ته ڪي مسلمان مون تي حملي ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ۽ مان سندن خلاف مهاتما گانڌيءَ جو اهنسا جو هٿيار آزمايان. دادا کي ته شايد اهڙو موقع ڪونه

١٢٠	١٥	ان گونڊي جهڙي	او گونڊي جهڙو
١٢١	١٣	ڳاڙيءَ	ڳاڙي
١٢١	١٩	ڏني	ڏني ۽
١٢٢	٧	مبلوس	ملبوس
١٢٩	٢٥	آڏو	اَڏو
١٣١	٣	مثالن	مثلن
١٣١	٣	ڪري	ڪري ء
١٣١	١١	هاڻ	هان
١٣٦	٩	نوري جام	ليلا چنيسر
١٣٩	٣	ٿي	ئي
١٤٦	١١	پعد تجيءَ	پعد تجي
١٤٧	٢٤	سٿنڙي	سٿيٽڙي
١٥٥	١٨	سنگل	سگنل
١٥٧	١٣	ويعد يون	کيون ويعد يون

”تون هندو آهين، انڪري“.

”پر خدا مونکي هندوءَ جي گهر ۾ جنم ڏنو. اُن ۾ منهنجو ڪهڙو قصور؟“

”تنهنجي هندن هندستان ۾ قهر ڪيا آهن. اسانجي هزارن مسلمانن کي قتل ڪيو اٿئون، انڪري توکان بدلو چڪائيندا سون“.

”پر مون ته ڪنهنکي ڪونه ماريو. مون کان بدلو ڇو چڪائيندا؟“

”هو تنهنجا ڀائر آهن نه“.

”منهنجا ته اوهين به ڀائر آهيو هندو مسلمان ٻئي خدا جا پٽ آهن انڪري ڀائر آهن“.

”جي تون چوين ٿو ته هندو مسلمان ٻئي ڀائر آهن ته پوءِ تون اسلام قبول ڪر ته توکي جيءَ دان ڏيون“.

”اهو ته آءٌ مؤر ڪونه قبول ڪندس. جنهن ڌرم ۾ ايشور مونکي پيدا ڪيو آهي ان ۾ ئي مرندس“.

”ڀلا تون جي چوين ٿو ته هندو مسلمان ڀائر آهن ته تون پاڪستان ڇڏي ڀڄي ڇو ٿو وڃين“.

”مان ڪيڏانهن ٿو وڃان؟“

”هندستان“.

”اوهانکي ڪنهن چيو؟ مان ته پنهنجي ڳوٺ شڪارپور ڏانهن وڃي رهيو آهيان“.

”خير، ڪيئن به هجي. يا اسلام قبوُل ڪر يا مؤت لاءِ تيار ٿيءُ“.

”آءٌ مؤت لاءِ تيار آهيان. مؤت ته هڪ ڏينهن ايندو، روز روز ڪونه ايندو. مان چوندس ته خدا جي ڪن ڀليل ٻندن منهنجو خاتمو آندو“.

”ڪٽي ڦتو ڪريوس دريءَ کان“، سندس اڳوان حڪم

مليو مگر منهنجي آڏو بنا چاهڻ جي، بنا ٿوري ڏيڻ جي اهڙو موقعو اچي ويو، مون ڏٺو ته باپوءَ جي اهنسا جي هٿيار تحقيق جادوءَ ڪري ڏيکاريو.

ڳالهه هيئن آهي ته جيڪب آباد ۾ رهيل هندن وٽان ڪي شڪايتون آيون جن جي جاچ ڪرڻ لاءِ جيڪب آباد ويس. اُتان رات جو ١٢ بجي ڪوئٽيا ميل ۾ واپس شڪارپور موٽي رهيو هوس. جيڪب آباد کان شڪارپور تائين ميل گاڏي سوا ڪي ڏيڍ ڪلاڪ وٺندي هئي ۽ رستي تي ڪنهن به سيٽشن تي ڪونه بيهندي هئي.

آءٌ جيڪب آباد ۾ اُن گاڏي ۾ چڙهيس جو سڄو پناڻن سان پريل هو. هڪڙو ئي بيو هندو، مسلمانڪي ڊريس ۾ ملبوس. پيڙ ڏاڍي هئي سو چڙهي دريءَ وٽ ئي بيٺو رهيس.

اوچتو ڪن تي آواز پيو. ”هي ڪافر هٿي ڇو بيٺو آهي؛ دريءَ مان ڪڍي باهر قتل ڪريوس.“ ته ڏينهين هندن کي ريلوي گاڏيءَ مان باهر قتي ڪرڻ جا واقعا روزانو ٿيندا ئي هوا. مون ڇيو: موت اچي ويو، هاڻ بچڻ ڪونهي.

پر دل نه هاريم. ڇيم گانڌيجيءَ جي اهنسا جي هٿيار آزمائڻ جو موقعو اچي ويو آهي. من ۾ نه ڊنس، نه هراس ۾ آيس. بلڪل سنجيدگيءَ ۽ ڏيوج سان پناڻن ڏانهن منهن ڪري ڪيئن ڇيم:

”ڪنهن کي ٿا دريءَ مان قتل ڪريو؟“

”توکي! تون ئي ته هٿي ڪافر آهين نه. پر بتاءِ ته تو سمجهيو ڪيئن؟“

”اوهان پارسي زبان ۾ ڳالهايو ۽ ڪاليج ۾ مون پارسي پڙهي هئي، انڪري سمجهي ويس. هاڻ بتايو ته مون کان ڪهڙو قصور ٿيو آهي جو مونکي دريءَ کان قتل ٿا ڪريو“.

”ڇا ٿيو؟“ اُن پنهنجي پڇيو.

”ههڙي بهادر کي مارڻ بزدلي آهي. هو ڇاتيءَ بندوق سامهون کولي بيٺو آهي. سندس ڇهري تي ذرو به ڏپ جو نشان ڪونهي. اهڙي ويرکي ڪيئن ماريون؟“

هن مونکي سڏ ڪري پاڪر پاتو ۽ پاڻ سان گڏ وهاريو ۽ قرب مان پڇيو:

”تون ڪٿي لهندين؟“

”بي سٽيشن شڪارپور“.

ايتري ۾ شڪارپور اچي وئي: گاڏي بيٺي ۽ آءٌ اُن سردار کان ۽ ٻين سندس ساٿين کان قرب مان موڪلائي گاڏيءَ مان هيٺ لٿس.

مٽون کي اچي ڇيم: اڄ ٻيو جنم وٺي آيو آهيان!

ڪيو. ٻه ڄڻا مون ڏانهن وڌي آيا. مون سمجهو هولي هو ڪئي. هاڻ بچڻ ڪونهي. پر تنهن به همت ڪانه هاريم. دماغ ۾ هڪ چمتڪاري ويچار اچي ويو: ڇيم اهو نسخو آزمايان.

مون کين چيو: مونکي دريءَ کان ٻاهر ان لاءِ ڌڪو ڪريو نه ته جيئن آءٌ مري وڃان.

”ضرور“.

”پر ڪهڙي خاطري آهي ته مان مري ويندس. بچي به سگهان ٿو“.

”تنهنجي قسمت هوندي ته بچي پوندين“.

”پوءِ اهڙي خاطري ڇو نه ٿا ڪريو جيئن آءٌ مري ئي وڃان“.

”مطلب؟“

”اوهان وٽ بندوق ته آهي“.

”هائو آهي“.

”پوءِ ان مان گولي ڇوڙيو نه. هتي اوهانجي اکيان ئي ڪري مرندس ۽ اوهانکي خاطري ٿيندي ته ڪافر مئو“.

”تون گوليءَ سان مرڻ لاءِ تيار آهين؟“

”بلڪل!“

”ته ٺيڪ آهي“.

ائين چئي سردار هڪڙي پٺاڻ کي چيو ته بندوق کڻ. هن بندوق کڻي ۽ منهنجي طرف نشانو ڪيو. مون پنهنجي خميس جا بٽڻ کوليا ۽ ڇاتي اگهاڙي ڪري بندوق جي سامهون ڪئي ۽ کيس چيو:

”گولي چلائو“.

اُن پٺاڻ پنهنجو هٿ بندوق جي گهوڙيءَ Trigger تي رکي جيئن ئي دٻايو ٿي ته سندن سردار ٽپو ڏئي اُٿي آيو ۽ سندس ٻانهن کي جهليو.

ڪونديون ٿي ڏنيوسون. سمجهيوسون ڪجهه منٽن جي ئي دير هئي. مصيبت اسان جي مٿان به ڇانءِ آئي. مهڙجي ئي ماڙي تي سامهون مسلم پناه گير ڪٽنب رهندو هو. سائين اسان جو چڱو رستو ٿي ويو هو. هو اسان جي گهر ۾ ايندا ويندا هئا ۽ اسين سائن چڱيءَ محبت سان هلندا هئاسون. ڪجهه اميد جو ترورو اهو ٿي ڏنو ته شايد هو اسان جي همراهي ڪن. باهران ته هٿن اسان کي چڱو دم دلاسو ڏنو، چيائون رڳو اوهين بالڪنيءَ ۾ نه بهو، مٿان اوهان کي ڏسي سڃاڻي نه وٺن ته هي هندو آهن، باقي اسان جو ڪم آهي اوهان جو بچاءُ ڪرڻ. اسين بالڪنيءَ مان اندر وياسون تہ قصوئي اُلٽو ٿي ويو. اُنهن ئي لٽيرن کي بڌايو تہ هن ماڙي ۾ فلاڻا گهر هندن جا اٿوَ. ائين لٽيرا اسان جي ماڙي ۾ گهڙي آيا.

ڏنم مصيبت سر تي ڪڙڪي آئي آهي. هيئر ڪهڙو بچاءُ ممڪن آهي. ريل ۾ تہ پناڻن سان مهاتما جو اهنسا جو نسخو آزمايو هوم ۽ ڪاميابيءَ سان. مگر جي لٽيرا تيار ٿي سيڙي آيا آهن قولت ڪرڻ ۽ سو بہ ڪيهن رتا سان، انهن آڏو اهنسا ڪهڙو ڪم ڏيندي؟ زور آزمائڻ وئوت هو. هڪڙي ماڻهوءَ جو ٢٠-٢٥ جي ٽولي اڳيان ڪهڙو وَس هلي سگهندو. ڇيم ٻي ڪا ترڪيب ڳولهجي.

اَهڙن وقتن تي رواجي طرح ماڻهن جا حوصلا خطا ٿي ويندا آهن. نازڪ وقت دماغ ۽ دل قابوءَ ۾ رکڻ ڏکي ڳالهه آهي. ننڍا ٻار روئڻ لڳا ۽ زالون ٿر ٿر ٿي ڪنبيون. ڇيم ڪريان سو ڪريان ڇا. ٻارن کي ڇيم اوهين رئو نہ، زالن کي ڇيم جي رڳو ٿر ٿر ڪنبديون تہ مُوڙهو مونکي ئي ٻي همت ۽ بيڪار ڪري ڇڏينديون. ڪجهه ڌيرج ۽ صبر کان ڪم وٺو. مهڙجي مدد ڪريو پوءِ جي ايشوَر جي مرضي هوندي تہ بلا سر تان ٽري

٢- جڏهن مون پنهنجو گهر اجڙڻ کان بچايو!

توهان کي اعتبار مشڪل ايندو پر آهي بلڪل حقيقت. ٦ جنوري ١٩٤٨ جو واقعو آهي، جنهن ڏينهن ڪراچيءَ ۾ ذري گهٽ هرڪنهن هندوءَ جو گهر لٽيو ويو هو. مان به ان ڏينهن ڪراچيءَ ۾ هوس. لا ڪاليج جي سامهون ڀيماڻي بلڊنگ ۾ ٻئي ماڙي تي رهيل هوس. گهر ۾ مون سان منهنجي ماءُ، ڪنواري ڀيڻ، ننڍڙي ڌيءُ ۽ بيمار ڪڪو هوا. منهنجو ڀنا به ڪراچيءَ ۾ هئو مگر اُن ڦرلٽ وقت هو گهر ۾ ڪونه هو، هو ٻاڻ بولٽن مارڪيٽ جي طرف کان ذري گهٽ موت کان بچي، ڪجهه هلڪا زخم کائي گهر سهڪندو آيو. تيسين سڀ ڪجهه ختم ٿي چڪو هو، ملٽري پهري تي هئي.

منهنجي گهر جي هيٺان جنهن مٽر جو گهر هو سو لٽيو ويو. منهنجي گهر جي مٿان ماڙي جو مالڪ رهندو هو، سو به لٽيو ويو، پر منهنجو گهر بچي ويو؛ بچي ويو نه لٽيون جي ڀل کان پر جي مان ڪٿي ڪجهه حقي غرور سان چوان ته مون پنهنجي دليري همٿ سان پنهنجي گهر کي بچايو. البت ايشور جي مهر ٿي، نه ته بندو سو ڪوشش ڪري ته ڇا ٿو ٿي سگهي.

مان آرٽلري ميدان تي ڦرلٽ ٿيندي ڏسي ڊوڙندو گهر آيس. گهر ۾ پهچڻ کان ١٠-١٥ منٽن بعد ئي اسان جي رستي تي لٽيرا پهتا. پرسان وارن جاين مان هندن، بسترا، بئگون هيٺ

سهي سگهندو. نڪ نڪ وڃي وڌنديءَ، شايد ٻه ٽي منٽ ڪين وڌيڪ ملن ها ته در ٽٽي پوي ها. پر راڪي رام ته ماري ڪُئن. ائين دروازو ڀڄڻ تي ئي هو ته هيٺ ملٽري اچي ويئي. ملٽريءَ وارن کي سڏ ڪيم. هوءَ مٿي آيا ته ٻه ساڳي ڳالهه، لٽيرا پر واري مڪان ۾ وڃي لڪا. پر هڪڙي ڳالهه ٿي جو ملٽري وارا پوليس وارن وانگيان چڪر ڏيئي هلي ڪونه ويا مگر هيٺ رستي ۾ پهري تي بيٺا رهيا، جنهن ڪري ڦورن کي وري اسان کي ستائڻ جو موقعو نه مليو. پر واري گهر مان هوءَ آخر ڪيئن وڃي وٺي نڪري ڀڄي ويا، تنهنجي سمجهه ڪانه پيئي پر گهر ڀڄي ويو. مٿيان ءَ هيٺيان گهر وارا حيران ٿي ويا ته اوهان پاڻ کي ڪيئن بچايو!

همت - مردان، مدد خدا.

ويندي. هِنَ ڳالهه سمجهي ته سيٺيءَ مان ڪري بچاءَ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا. گهر ۾ هڪ وڏي شاهي ڪاٺ جي پيٽي رکيل هئي، سامان سان ڀريل ۽ ڪافي ڳؤري. سيٺي گڏجي ان پيٽيءَ کي ريڙهي مکيه دروازي جي آڏو آڏي بيهاريو. ان جي مٿان گهر ۾ جيڪي به ٽرنڪون ۽ پيٽيون هيون سي آڏي رکيون سون جيئن در جي آڏو اڏ مضبوط ٿي پوي. لٽيرا به مٿي پهچي ويا. اچي دروازا کڙڪايائون ۽ چوڻ لڳا ته دروازو کوليو. اسين ڪچون اهڙو جهڙي پٽ. سيٺيءَ انهن پيٽين مٿان چڙهي اڏ کي وڌيڪ مضبوط ڪيو بيناسون. ١٠ منٽ سانده هِنَ دروازي تي ٺڪ ٺڪ لڳائي ۽ دروازي کي زوريءَ کولڻ جي ڪوشش ڪيائون مگر اسان جي پيٽين ۽ ٽرنڪن سندن محنت بيڪار ڪري ڇڏي. ايتري ۾ پوليس هيٺان آئي. مان بالڪنيءَ ۾ دوڙي ويس ۽ پوليس وارن کي واڪو ڪري چيم ته ٻئي ماڙي تي اچي اسان کي بچايو جو ڦورو دروازو ڀڃڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. پوليس وارا جيئن مٿي آيا تيئن ڦورن کي به کڙڪ پئجي ويئي. هو دروازو ڇڏي پاسي واري پناهگير جي گهر ۾ لنگهي ويا ۽ اتي وڃي پناهه ورتائون. پوليس وارا هيٺ موٽي ويا ۽ هيٺان چيائون ته مٿي اوهان جي در تي ڪو به ڪونهي. مون ڪين چيو ته پاڙي واري جي گهر ۾ لڪي ويا آهن، اوهين اُتي وڃو. مگر ڪين ڪهڙي پيئي هئي جو اُن گهر ۾ وڃن. مان ڪري هليا ويا.

پوليس وارا ويا مس ته هو لٽيرا باهر نڪري آيا ۽ وري نئين سر اچي دروازي کي ڀڃڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا ۽ هن دفعي وڌيڪ جوش ۽ ڪاوڙ مان. مون چيو هيئنر خير ڪونهي. هاڻي جي هو دروازو ڀڃي اندر آيا ته سر سلامت نه ڇڏيندا. آخر دروازو به ڪيترا ڌڪ

کي چيو: ”ٺهراءِ اچي ويا“.

ان اجلاس هلندي روزانو صبوح جو ورڪنگ ڪاميٽيءَ جا ميڙ ٿيندا هئا ۽ اهي ميڙ مهاتما گانڌيءَ جي جهوپڙيءَ ۾ ٿيندا هئا. مان صبوح جو ۸ بجي تيار ٿي وڃي باپوءَ جي جهوپڙيءَ ٻاهران ويهي رهندو هوس. وقتي مهاتما جهوپڙيءَ کان ٻاهر نڪرندو هو ته سندس درشن ٿيندو هو. البت مون باپوءَ سان ڪو پڪو ڪڏهن ڪونه ڪيو.

صبوح جو جيئن وقت گذرندو هو ته ڪيترا سنڌي ڪانگريس ڪم ڪندڙ به جهوپڙيءَ ٻاهران اچي ويهندا هئا. دادا جئرامداس، ٻين ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جيان باپوءَ وٽ پيو ايندو ويندو هو. ڪيترا سنڌي ڪانگريسي مترو ڪيس وينتي ڪندا هئا ته باپوءَ جو درشن ته اسان کي به ڪرايو، هڪ منٽ لئي سهي. آءٌ ڏسندو هوس دادا واري ڪنهن نه ڪنهن کي اندر باپوءَ جي جهوپڙيءَ ۾ وٺي ويندو هو ۽ منٽ ٻن کان پوءِ هو ٻاهر ايندا هئا. انهن منٽ ٻن ۾ ضرور دادا باپوءَ کي چوندو هوندو: باپوجي يهه فلان ڪي فلان شخص هئي، اَچا ڪام ڪرتا هئي وغيره- ۽ هو شخص ڪرتارٿ ٿي ويندو هوندو. ڪيس فخر ٿيندو هوندو ته آءٌ مهاتما گانڌيءَ سان ملاقات ڪري آيس ۽ منهنجون ست پيڙهيون اهو جاٽي ڳورو ڪنديون.

مونکي الاجي ڇو ڪڏهن من ۾ ويچار ئي ڪونه آيو ته آءٌ به باپوءَ سان ملاقات ڪرڻ وڃان. سندس آڏو ائين ڪڏهن ڪين ويس نڪي وري ڪنهن منهنجي ساڻس پريچيه ڪرائي. هڪ لڳا اوچتو دادا چيو: ٻلديو هل ته توکي باپوءَ سان ملاقات ڪرايان. آءٌ جرڪ سان ۾ اچي ويس. مونکي منجهيل ڏسي دادا چيو:

٣- جڏهن باپوءَ سان ملاقات جي لالسا تي قبضو ڪيم

١٩٣١ جي زماني جي وارتا آهي. ڪراچيءَ ۾ ڪانگريس اجلاس هلي رهيو هو. منهنجي مٿان هڪ ڏکئي ۾ ڏکيو ڪم رکيو ويو هئو - نهراءُ ڇپائي پهچائڻ. ڪانگريس اجلاس جيل جي پوسان خاص تيار ڪيل نگر ۾ رکيل هئو ۽ پريسون ڇهن ميلن جي دوريءَ تي شهر ۾. صبوح جو ڪانگريس ورڪنگ ڪاميٽيءَ جو ميڙ ٿئي. ٻه ڪلاڪ ڪن هلي. نهراءُ پاس ڪن. اُهي نهراءَ آءٌ شهر ۾ کڻي وڃان، اُتان ڇپارائي ٣ بجي وشيه ڪاميٽيءَ جي ميڙ شروع ٿيڻ تائين کڻي اچي پهچايان. نهايت ئي ڏکيو ڪم هو. بس ٿَن پريسن مان ڪم ڪرائڻو پوندو هو. البت موٽر ڪار مليل هئي جنهن تي پيچ دوڙ ڪبي هئي، مگر اُن هوندي به ڪم نهايت ئي ڏکيو. ڇئن ڪلاڪن اندر لڳ ڀڳ نهراءَ ڪمپوز ٿين، پروف پڙهجن، درست ٿين، ڪاپيون ڇپجي تيار ٿين ۽ پوءِ ڪار دوڙائيندو اچي پنڊال ۾ پهچايان. هڪ لڳا تائين ٿيو جو سردار پٽيل آسرو ڇڏي ويٺو ته ڪو نهراءَ وقت سر پهچندا، سو اُتي ٻيهي ڇپائين: هتي پريس جو بندوبست اڻپورو ٿـو لڳي، جنهنڪري شايد نهراءَ پهچي نه سگهي. انڪري آءٌ اوهانکي نهراءَ جو مسودو چوندو ٿـو وڃان، اوهين لکي وٺو. هن اهي شبد اجان پورا مس ڪيا ته مٿان آءٌ به وڃي پهتس ۽ نهراءَن جو بنڊل سردار جي طرف اُڇلايم. تڏهن هن ورڪي ميمبرن

حالتن جي باري ۾ ڪجهه ڳالهيون ٻولهيون ڪيون. باپوءَ ته انهن ملاقاتن سان ڪجهه پنهنجيائي ڏيکاريندو هو ۽ سندن ڪٽنب پريوار باري ۾ پڇندو ڪندو هو. جڏهن پتاجن باپوءَ کي ٻڌايو ته منهنجو پٽ سنڌ ۾ سرگرم ڪانگريس ڪم ڪندڙ آهي تڏهن باپوءَ ڪائون منهنجو نالو پڇيو ۽ نالي جاڻڻ بعد گهڙي پلڪ پنهنجي يادگيري ٽٽولڻ لڳو ته اهو نالو اڳ ڪڏهن ٻڌو اٿائين. باپوءَ جي سمرڻ شڪتي بي نظير هوندي هئي ۽ هڪ دفعو ڪنهن سان مليندو هو ته گهڻو ڪري هن جي ياد رهندي هيس.

باپوءَ پتاجن کي چيو: الاجي ڇو اهو نالو مونکي هري نٿو.

ان جواب پتاجن کي ڪجهه نراس ڪيو هوندو. جڏهن مونکي هنن اها ڳالهه ٻڌائي تڏهن من ۾ ڪن سيڪنڊن لاءِ حسرت پيدا ٿي پر ڪن سيڪنڊن لاءِ ۽ پوءِ سنتوش اچي ڪان ٻه وڌيڪ.

”جو گهبرائجي وئين. بيا تہ مونکي مٿ ميڙ ڪندا آهن تہ مهاتما وٽ هڪڙو منٽ ئي وٺي هلو. توکي مان ٻاڻ ٿو ڇوان تہ منجهي ويو آهين. ڇو؟“

مون چيو: ”مان سوچ ۾ پئجي ويو آهيان تہ آءٌ هلان يا نہ هلان. مان سوچيان پيو تہ آءٌ هلان تہ ڇا لاءِ. منهنجي آڏو ڪهڙو اهڙو مسئلو ڪڙو ٿيو آهي جو آءٌ باپوءَ سان ان باري ۾ صلاح مصلحت ڪرڻ وڃان. جنهن شخص جي مٿان سڄيءَ دنيا جو بوجهہ آهي، جو ڀارت جي ٣٣ ڪروڙ آدم جي خوشحاليءَ لاءِ رات ڏينهن سوچي رهيو آهي، جو ديس جي آزادي حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ۾ سرگردان آهي، ان جو هڪڙو هڪڙو مٿ اُملهہ آهي. آءٌ ڇا لاءِ وڃي سندس مٿ، بہ مٿ ضايع ڪريان. رڳو من جي ان خوش فهميءَ جي پاڙنا پوري ڪرڻ لاءِ تہ آءٌ بہ ڪڏهن ڇئي سگهان تہ باپوءَ سان ملاقات ڪئي. نہ، مان باپوءَ جو وقت فضول وڃائڻ نٿو چاهيان.

شري جئرامداس جي من تي ڪهڙو اثر ٿيو تنهنجي مونکي پروڙ ڪونهي. هو هڪ ايترو تہ گنڀير شخص آهي ۽ سندس من تي ايترو تہ ضابطو آهي جو سندس چهري مان سندس ڀاونائن جو اندازو لڳائڻ جي ڪوشش ڪير ڪندو تہ دوکو ئي کائيندو. پر مونکي پنهنجي من ۾ سنتوش ۽ خوشي هئي جو مون پنهنجي لالسا تي قبضو ڪيو.

البت اهو منهنجو من جي لالسا تي قبضو ڪرڻ پوءِ ڪجهہ مهانگو پيو پر من تي ضابطو ڪرڻ تہ هر ڳالهہ ۾ وڌوارڪ درشنيءَ ڪان مهانگو پوندو ئي آهي. ان جو ڦل تہ آتمڪ وڪاس جي ڏس ۾ ملندو.

ڳالهہ هيئن آهي تہ سال پوءِ پتاجن جو وارڌا وڃڻ ٿيو ۽ هنن مهاتما سان اُتي ملاقات ڪئي ۽ سنڌ جي منجهيل فرقيوار

”اوهين هندن پناهگيرن کان ٻ جو نہ؛ اهي هندستان مان سنڌ ۾ اچي ٿي آيا آهن، انهن کي اوهين پنهنجي گهرن ۾ جڳهه ڏيو. اوهين کين گهر ۾ جڳهه ڏيندا تہ هو اوهان کي پنهنجي دل ۾ جڳهه ڏيندا“ وغيره وغيره. مان سچ پچ پنهنجي پاريسري مجاهدن سان ائين قرب جي روش ورتي. پر اهو سڀ ڪجهه بي سُود ثابت ٿيو. هڪ ٥٠ رپين جي چيڪ منهنجي تقدير ۾ ڦيرو آڻي ڇڏيو.

تن ڏينهين آءٌ ڪيترو سارو جوکم کڻي، سچ تہ سر تريءَ تي رکي، هيڏانهن هوڏانهن ويندو هوس پنهنجن هندو ڀائرن جي خبرچار وٺڻ. هڪ دفعہ انهن دورن جي دوران ۾ موت آڏو اچي کڙو ٿيو ۽ ڪيئن بچي نڪتس سو هڪ معجزو آهي. آءٌ جو ائين گشت پيو ڪندو هوس تہ خرچ لاءِ پئسو گهربل هو. مونکي اينري تہ وصيت ڪانہ هئي جو پنهنجي هزان پئسو خرچيان. ”هندستان“ اخبار جي آفيس اڃا ڪراچيءَ ۾ هئي سو جئرامداس جي هدايتن پٽاندر ”هندستان“ آفيس مان خرچ لاءِ پئسو پيو وقت بوقت ملندو هوم. آخر هندستان آفيس بہ بمبئيءَ لڏي آئي. سو خرچ ڪٿان اچي؟ شري جئرامداس سان لکپڙه هلندڙ هئي ئي هئي. هن خرچ لاءِ هڪ پنجاه رپين جو چيڪ رجسٽر ٽپال رستي موڪليو. مونکي ان جي ڪا سمڪ ڪانہ رهي.

اوچتو مونکي سنڌ سرڪار وٽان حڪم آيو تہ پنهنجي روزاني اخبار بند ڪر. آءٌ حيران ٿي ويس تہ مونتي اخبار بند ڪرڻ جو ڪيئن حڪم جاري ٿيو جڏهن آءٌ پڪي پاڪستانيءَ جيان هلي رهيو آهيان، ماڻهن کي سنڌ نہ ڇڏڻ جي پريرنا ڪري رهيو آهيان ۽ مجاهدن سان همدردي ڏيکارڻ جو پرچار ڪري رهيو آهيان. منهنجي تپرس جي ڪا حد ڪانہ رهي.

٤- جڏهن پنجاهه روپين جي چمڪ منهنجي تقدير بدلائي ڇڏي

ڪن ٿورڙن راڄنيتي کيتر ۾ ڪم ڪندڙن جيان مون به فيصلو ڪيو هئو ته آءٌ سنڌ ڪونه ڇڏيندس ۽ سنڌ ۾ رهي ئي اُتي رهيل ڀائرن جي خدمت ڪندو رهندس. اهو فيصلو منهنجو دلي فيصلو هو، ان ۾ نڪا سياست هئي ۽ نڪو ڍونگ يا ڏيکاءُ. مون پنهنجن مٽن مائٽن کي به چئي ڇڏيو ته اوهان کي گهرجي ته اوهين ڀلي هندستان ڏانهن هليا وڃو مگر آءٌ هتي سنڌ ۾ ئي رهندس ۽ واقعي منهنجا ڪيترا مٽ مائٽ هيڏانهن هليا آيا.

مهاتما گانڌيءَ جو فرمودو هو ته سنڌ مان هندن کي لڏڻ نه گهرجي مگر سنڌ ۾ ئي بهادريءَ سان رهي هنن کي پنهنجو جيون وتيت ڪرڻ گهرجي. آچاريه ڪرپالاڻي، ڪانگريس پريزيڊنٽ، سنڌ جي دوري تي آيو ته هن به جتي ڪٿي پبلڪ ڀاشڻن ۾ اهو ئي اُپديش ٿي ڏنو.

انهن نيتائن جي اُپديشن جو دل تي اهڙو ته گهرو اثر ٿيو جو آءٌ سچ پچ سچو ۽ پڪو پاڪستاني بڻجي ويس - پاڪستاني معنيٰ پاڪستان جو باشندو. هندستان مان جي مسلم پناهگير اچڻ لڳا تن جي باري ۾ ڪن هندو مرڪزن ۾ انتظاري پيدا ٿيڻ لڳي. مان مهاتما جي سچي پوئلڳ جيان لکيو:

حاجيءَ کان رڳو نڪري وئي. ڇپائين برابر مونکان اِها پُڇا ٿي.

ائين اهو ٥٠ رپين جو چيڪ مونکي مهانگو پئجي ويو. پوءِ خبر مليم تہ سرڪار بهادر مون لاءِ گرفتاريءَ جو وارنٽ بہ ڪڍيو آهي. انهن حالتن هيٺ مان بہ سنڌ ۾ رهڻ ڪارگر يا فائديمند نہ سمجهيو ۽ پوليس جي مهربانيءَ سان ئي راتو واهہ ٣٠ مارچ ١٩٤٨ تي هوائي جهاز رستي سنڌ کي سدائين لاءِ الوداع ڪري ٣١ مارچ هتي هندستان پهچي ويس.

خان بهادر کهڙو تن ڏينهن سنڌ جو مکيه وزير هئو ۽ مرحوم شهيد الله بخش جي پاءُ حاجي مولاڀي بخش جا اُن وقت ساڻس نهايت خوشگوار هئا. آءٌ مولاڀي بخش وٽ لڳو ويس ۽ کيس چيم ته خان بهادر کهڙي سان ملي منهنجي اخبار جي باري ۾ ساڻس ڳالهائي.

حاجي مولاڀي بخش سان منهنجو تمام گهرو سنبنڌ هو، کنهن حد تائين گهرو رستو. هوُ خان بهادر کهڙي سان گڏيو ۽ جيڪي کجهه مون کي ٻڌايائين تنهن مونکي وڏيڪ تپوس ۾ وجهي ڇڏيو.

چيائين خان بهادر کهڙي مونکي چيو ته تون بلديوَ جي طوفان نه اچ. تون هن کي کونه سڃاڻين، هوُ هند سرڪار طرفان هتي جاسوسي ڪرڻ لاءِ رهيو پيو آهي.

مولاڀي بخش چيو ته مون خان بهادر کهڙي کي چيو ته اوهان کي ڪا غلط فهمي پيدا ٿي آهي، آءٌ بلديوَ کي شخصي طور سڃاڻان، هوُ جاسوسي ڪرڻ لاءِ نه رهيل آهي مگر سچيءَ دل سان هتي رهيل آهي.

کهڙي صاحب ان تي کيس چيو ته تون ٻڌوُ آهين. هي ڏس رجسٽر ليٽر. بلديوَ جي نالي آيل آهي، آسام جي گورنر شري جئرامداس وٽان جنهن ۾ ٥٠ رپين جو چيڪ پيل آهي. هاڻ توکي ڇا چوڻو آهي.

مولاڀي بخش پوءِ چيو ته اهو چيڪ ڏسڻ کان پوءِ مان خاموش ٿي ويس. اهڙيءَ ڪيءَ دستاويزي ثابتي کانپوءِ ڪيئن تو شڪ رهي سگهي

مون حاجي صاحب کي چيو: اِها ڳالهه اوهان کي خيال ۾ کونه آئي ته ڪير ٥٠ رپين لاءِ جاسوسي ڪري پنهنجي حياتي جوکي ۾ وجهندو؟

پرنسپال کي خبر پهچائي وئي. سڪول جو پرنسپال هو سوڳواسي تاراچند ڪندنمل شهاڻي؛ انتظام جو بلڪل جبرو پابند. ١٩٢١ جي زماني ۾ هن سچي سڪول طرفان سرڪار جو بهشڪار ڪيو هو ۽ پهنجي "نيوُ ايرا هاءِ سڪول" جو نالو ئي بدلائي "سوراجيه مها وديالي" رکيو هوائين. پر پوءِ هلچل جي پڄاڻي تي وچڙ ڪارڻ ۽ زماني جي بدلجڻ سان وري سرڪار سان ناتو جوڙيائين ۽ وري نالو نيوُ ايرا هاءِ سڪول رکيو ويو. سڪول جي پڙهائي اعليٰ هوندي هئي.

پرنسپال شهاڻي اسان اڳوانن سان گڏيو. هن هڪ هڪ کي الگ گهرايو. انهن اڳوانن ۾ سندس پٽ (سوڳواسي پڳوان شهاڻي جو نوين هند هاءِ سڪول، پونا جو پرنسپال هو) به هئو ته بيو هڪ سندس بلڪل ويجهو مائٽ به هو. هوُ ٻئي مون کان اڳ ۾ تي آيا. پايان ٿو ڪين ڪابه سزا ڪانه ملي. هنن اِنڪار ڪيو ته سٽرائيڪ ڪرائڻ ۾ سندن ڪو هٿ هئو.

جڏهن مونکي پرنسپال گهرايو ۽ پڇيائين تہ سٽرائيڪ تو ڪرائي. تڏهن مون ڪيس چٽي ڏنو: مان به انهن اڳوانن ۾ هوس جن سٽرائيڪ لاءِ شاگردن کي چيڙيو. منهنجي قبوُليت بدڙي هن مونکي سزا ڏني. ڪهڙي سزا ڏني سو ياد ڪونه اٿم، شايد ٻي چار ڏينهن سڪول مان نيڪالي.

مون سزا ٻڌي پرنسپال سان سوال جواب ڪيو جو ڪجهه هيٺين دستور هئو:

آءٌ: لڳي ٿو اوهان رڳو مون کي ئي سزا ڏني آهي.

پرنسپال: هائو.

آءٌ: پر اوهان کي ڄاڻ هوندي تہ ٻيا به مونسان سٽرائيڪ ڪرائڻ ۾ شامل هئا.

پرنسپال: ٻڌو اٿم تہ ٻيا به تو سان شامل هئا.

٥- جڏهن سچ ڳالهايم ۽ سزا کاڌم

هڪ نهايت ئي پراڻي واقعي جو ذڪر ٿو ڪريان، واقعو جو جڏهن ٿيو تڏهن آءٌ اڃا مئٽرڪ ڪلاس ۾ پڙهندو هوس، مگر اهڙو واقعو جنهن ڪارڻ جيون جو هڪ اموليه سبق من جي پٽيءَ تي اڻ مٽجندڙ شبدن ۾ درج ٿي ويو.

مئٽرڪ جي يونيورسٽي امتحان لاءِ تياريءَ جا امتحان (*Preliminary*) هلي رهيا هوا. ڪلاس ۾ ويٺا هواسون؛ سوالي پيپر وراهجي چڪو هو. اوچتو حڪم آيو ته اهو ڪلاس خالي ڪريو، ٻئي ڪلاس ۾ هلي ويهو. اسان مڙيئي شاگرد اُٿان اُٿياسون ۽ وڃي ٻئي ڪمري ۾ ويٺاسون. اڃا ١٥ منٽ ڪين گذريا ته وري حڪم آيو ته اهو ڪمرو به خالي ڪريو، ٽئين ڪمري ۾ هلي ويهو.

هاڻ اها ڳالهه سياويڪ من ۾ بغاغو مچائڻ جهڙي هئي. امتحان هلندي جيڪڏهن هڪڙي ڪلاس مان اُٿاري ٻئي ۾ وهاريندا، ٻئي مان ٽئين ۾ ته من جي ايڪاگرتا سياويڪ ٽٽي پوندي ۽ جواب برابر ڏيئي ڪونه سگهنداسون.

مان ۽ ٻه ٽي ٻيا شاگرد جي چئجي ڪٿي ته ڪلاس جا ڪنهن نموني اڳوان هئاسون، اُٿي کڙا ٿياسون ۽ سڀني کي چيوسون ته نوٽبڪ خالي ڏيئي هليا هلو. سڀني اسان جي مثال جي پيروي ڪئي ۽ ٻن منٽن ۾ ڪلاس خالي ٿي ويو.

منهنجو سر پرنسپال اڳيان جهڪي ويو ۽ خوشيءَ سان سزا هموار ڪرڻ قبول ڪيم. ان سندس ياشڻ منهنجي من تي دائمي ڇاپ هڻي ڇڏي. آءٌ اها دعويٰ ته ڪونه ڪندس ته راجا هرشچندر جيان سچار آهيان، شايد ڪڏهن ڪمزور گهڙيءَ ۾ ڪوڙ ڳالهايو هجيم، پر وڏس پڇندي آءٌ پنهنجي زبان مان ڪوڙ ڪونه ڳالهائيندس. منهنجو هڪ وشواس آهي، عقيدو آهي ۽ جيون جي تلخ ۽ مذر آزمودن ان عقيدي ۽ وشواس کي مضبوط بڻايو آهي ته سنسار جي منجهيل ۽ منجهائيندڙ مسئلن جي وچ گهڙيل هئڻ باوجود، ڪوڙ ڳالهائڻ جي ضرورت پوندي ڪانهي. ڪجهه سياڻپ ۽ سمجهداري هجي ته سچ سان مشڪل ۾ مشڪل پرستنيءَ مان باهر نڪري سگهبو آهي. آءٌ اها دعويٰ پنهنجي شخصي آزمودي مان ڪري رهيو آهيان. البت اها ڳالهه ياد رکڻي پوندي ته سچ جي راهه تي هلڻ لاءِ آخر انعام حاصل ڪرڻو آهي ته عارضي طور ڪشت ته سهڻو ئي پوندو. ان سودي جو اهو هڪ لازمي شرط آهي - هائو "سچ به ڳالهائڻ ۽ سزا به پائڻ."

آءٌ: پوءِ اوهان سزا ڏيو مونکي جو ڏنــي آهي. ٻين کي جو ڇڏي ڏنــو.

پرنسپال: ڇاڪاڻ تـہ ھوُ اَلپي ويا. ھِن تو وانگر پنھنجو ڏوھہ قبوُل نـہ ڪيو ۽ سندن خلاف مون ڪـي شاھـدي ملي ڪانہ سگهي جو ڪين آءٌ سزا ڏيان.

آءٌ: ان جي معنيٰ تہ مون سچ ڳالهايو ۽ سزا بہ کاڌي.

پرنسپال: برابر.

آءٌ: اھو ظلم نہ آھي؟

پرنسپال: نہ ظلم ڪونهي. ائين ئي تہ ٿيڻ گهرجي نہ.

آءٌ: (تعجب مان) ائين ئي ٿيڻ گهرجي، يعني سچ ڳالهائڻ لاءِ سزا ۽ ڪوُڙ لاءِ معافي.

پرنسپال: ڏس ٻلديو! تون ڳالھہ سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. سچ ڳالهائڻ جو ڳڻ اھڙو سؤلو ڪينهي. سچ ڳالهائڻ بلڪل ئي سؤلو ھجي، ان ۾ ڪابہ مشڪلات نہ ھجي، ڪابہ سزا نہ جڙي، تہ پوءِ تہ ھرڪو ھوند سچ ڳالهائي نــہ. ڪوُڙ ڳالهائڻ جي پــوءِ ڪنھن کي ضرورت ئي محسوُس نہ ٿئي. مگر ڇاڪاڻ تہ سچيہ جي وات ڏکئي آھي، ڪنڊاين سان ڇانيل آھي، ان ڪري ئي رواجي ماڻھو اُھا ڏکي وات ڇڏي سؤلي ڪوُڙ جي وات وٺــن ٿا. مگر ڌرم جي راھہ تہ ڏکي ٿيندي ئــي آھي ۽ سچيہ ۽ ڌرم تي ھلڻ واري جو ڳڻ ۽ ناموس تہ ان ۾ آھي جو ھوُ راھہ مشڪل سمجهي بہ ان تي ھلي ٿو.

تو سچ ڳالهايو ان لاءِ مونکي قدر آھي، مان تنھنجي عزت ڪريان ٿو؛ پر توکي سزا ڏيانٿو ان لاءِ تہ ان سچيہ جو پچ تنھنجو برابر قائم رھي. توکي سزا نہ ڏيان، تــو ڪجھہ سنو ڪونہ تہ پوءِ تنھنجي سچيہ جو پچ نـــہ رھندو، ان جو ڪو ملھہ نـــہ رھندو. ھاڻ تون ئي ٻڌاءِ تہ مان تو سان ڀلائي ٿو ڪريان يا ظلم ۽ ناحق.

ڪنهن معاملي تي ڊاڪٽر صاحب ۽ خانبهادر الله بخش جي وچ ۾ متڀيد پيدا ٿيا ۽ نتيجي طور خانبهادر جي وزارت ڊهي پيئي. ان ڪارڻ سنڌ ۾ مسلم ليگ کي هستي ملي ۽ سنڌ اسيمبلي پهرين اسيمبلي هئي سڄي هندستان ۾ جنهن پاڪستان جي فائدي ۾ ٺهراءُ پاس ڪيو. خانبهادر الله بخش پنهنجي جيون جي آخرين گهڙيءَ تائين مسلم ليگ جو مقابلو ڪندو رهيو ۽ شهيد ٿي ويو.

ان سوال تي، سڌانتڪ سوال تي، ته ڪانگريس کي الله بخش جي مخالفت ڪرڻ گهرجي يا سندس ساٿ ڏيڻ گهرجي، ڪانگريس اندر ٻه ڌريون ٿي پيون- هڪ ڊاڪٽر چوئٿرام ۽ ٽومرُ ٽيءَ جي ڌر ۽ ٻي جنهن جو روح روان هو شري نيوندرام وشنداس جنهن سان ساٿي هئا پيرڻ جيٺي سپاهيملاڻي، شري رستم ڪي. سڌوا، پروفيسر اين. آر. ملڪاڻي، شري ايسرداس ورندمل ۽ ٻيا، مڙيئي سرڳواسي. شري نيوندرام جو بلڪل پڪو رايو هو ته خانبهادر الله بخش سان ساٿ ڏيڻ گهرجي. ان سياسي سڌانتڪ چڪريءَ ۾ شري نيوندرام جا راجنيتي سياٽپ، مدبرانا رخ ۽ رويو ۽ سياسي ڳنڍ ڇوڙ ۾ نپٽتا ڏيکاري، اهو سڀ ڏسي آءٌ تپرس ۾ چوندو آهيان ته سنڌ جو سياسي اڳوان شري نيوندرام ڇو نه بڻيو. پر هنتي اينرو ڇئي ڇڏيان ته شري نيوندرام لاءِ اتيمت شردا هئڻ باوجود سنڌ ۾ آءٌ ڊاڪٽر چوئٿرام جي گروپ سان هوس.

پر اها هڪ اور وارتا آهي. اڄ آءٌ ان واد وواد جي زماني جي هڪڙي واقعي جو ذڪر ڪندس.

سنڌ کي آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽيءَ تي ٥ عيوضي چونڊڻ جو حق هو. سنڌ پرانتڪ ڪانگريس ڪاميٽيءَ جي ٤٠ ميمبرن ۾ گهڻائي ته ڊاڪٽر چوئٿرام جي پارٽيءَ جي هئي ۽ سڌي سنئين ووٽ ۾ ته ٥ ئي جڳهيون ڊاڪٽر چوئٿرام جي

٦- جڏهن لڪو ڳر ڏاڙي تي پيو

سنڌ جو راڄنيتي جيون به ڪو سولي ۽ سڌري پٽ وارو ڪونه هو. جيتوڻيڪ سنڌ پرانتڪ ڪانگريس ڪاميٽيءَ تي لمبو عرصو (سواءِ شايد هڪ ٻن سالن جي) ترموُرتيءَ جو قبضو هو تنهن هوندي به سنڌ ۾ مخالفت هوندي هئي، پر چاڪاڻ جو اسان جي ترموُرتيءَ جا ٽي ئي نيتا جڻ جيون داني هئا ۽ قربانيءَ ۽ سيوا جا مجسم انڪري مخالف ڌر ٻيون پري ڪونه سگهنديون هيون. شروعاتي عرصي ۾ سنڌ ۾ مخالفت گهڻو تڻو شخصي بنياد تي هوندي هئي - سوامي گووندانند يا ڊاڪٽر چوئٿرام، ڪير پرانتڪ ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو پريزيڊنٽ ٿئي. ڪراچي شهر ۾ خاص طور سنڌ ۾ مخالف ڪجهه هستيءَ وارا هئا- شري سڌوا، ڊاڪٽر تاراچند لعلواڻي، بعضي نارائڻداس بيچر وغيره پر اها مخالفت جيئن مٿي چيو اٿم شخصي بنياد تي هئي.

سڌانت ۽ نيتيءَ جي بنياد تي سنڌ ۾ مخالفت اسيمبليءَ ۾ گهڙڻ ڪانپوءِ ٿي ۽ سا به مرحوم خانبهادر الله بخش جي معاملي تي. خانبهادر الله بخش قومي مسلمانن جو اڳوان هو؛ سنڌ ۾ هن سر غلام حسين جي "جو حجور" ۽ تنگ ويچار ڌارا واريءَ وزارت کي شڪست ڏئي هڪ قسم جي قوم پرستي جي وزارت ناهي ۽ سچي سنڌ ۾ واهه واهه ٻڌجي وئي.

ڪي ووٽ ڪرڻ لاءِ هدايتون ڏنيون ويون. ڊاڪٽر جي پارٽيءَ جو وپ (Whip) سمجهو ته مان هوس ۽ مون حساب ڪتاب لڳائي پنهنجن سيني ميمبرن کي هدايتون ڏنيون ته ڪهڙي دستور ووٽ ڪجو. مخالف ڌر طوفان سمجهان ٿو ته شري نيوندرام ٿي پنهنجن ساٿين کي هدايتون ڏنيون.

ووٽن جي ڳڻپ ٿي. مخالف پارٽيءَ وارا ٻه جايون کٽي ويا: اسانکي ۴ نه مگر ٣ جايون مليون. مان ڏاڍو پريشان هوس ته اسان هڪ جاءِ ڪيئن ۽ ڇو وڃائي. ڪٿي مون کان ڪا ڳڻپ ڪرڻ ۾ حساب ڪرڻ ۾ ڀل ته ڪانه ٿي وئي. ڏاڍو سوچ ڪيم ۽ حساب ڪتاب وري لڳايم پر مونکي ڪا ڀل ڏسڻ ۾ ڪانه آئي. پڪ هيم ته جي منهنجن ڏنل هدايتن موجب اسانجا مڙيئي ساٿي ووٽ ڪن ها ته اسانکي ۴ جايون اوس ملن ها.

پوءِ تپاس ڪرڻ لڳس ته اسانجي ساٿين برابر ڏنل هدايتن موجب ووٽ ڪيو يا نه. پتو پيم ته اُتي ئي گهوٽالو آهي ۽ ڪنهن ووٽ برابر نه ڪيو- پروفيسر گهنشيام شوداساڻي. چيم: چو ڪفر از ڪابعي برخيزد ڪجا ماند مسلماني، يعني جي ڪابعي مان ڪفر شروع ٿيندو ته پوءِ اسلام ڪيئن بچندو.

پروفيسر صاحب چيا ڪيو جو پنهنجي ٻي پسندي جنهن اُميدوار کي ڏيڻي هيس ان جي بدران سوامي ڪرشنانند کي ڏنائين. هاڻ پروفيسر صاحب جي ان ٻي پسنديءَ جو فيض سواميءَ کي بلڪل ئي ملڻو ڪونه هو. سندس جڳهه ته اسان پڪي ڪري ڇڏي هئي ڪيس ٨ ووٽ پهرين پسنديءَ جا ڏياري. گهنشيام جي ٻيءَ پسنديءَ سان جنهن اُميدوار کي اسان کٽائي سگهون ها، اُهو ڪري پيو.

پروفيسر صاحب کان پڇيم:

”اوهان ائين ڇو ڪيو؟“

پارٽيءَ کي ملي وڃن ها. پر آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽيءَ تي چونڊ جو هڪ علحدي سرشتي هيٺ ٿيندي آهي جنهن کي انگريزيءَ ۾ چئبو آهي ”پروپورشنل ريپريزينٽيشن باءِ سنگل ٽرانسفربل ووٽ“. ان سرشتي جو مقصد اهو آهي ته ٿورائي وارن کي به پنهنجو عيوضي موڪلڻ جو موقعو ملي. مثلن ٤٠ ميمبرن ۾ جيڪڏهن ڪي اٺ الڳ گروپ ٺاهي سگهن ته انهن ٨ کي پنهنجو عيوضي ملي سگهي ٿو ۽ گهڻو ڪري هڪڙي جاءِ مخالف گروپ سدائين ڪڍندو هو.

اهو سرشتو چونڊن جو بلڪل ئي منجهائيندڙ آهي. ان سرشتي هيٺ جيترين جڳهين اوترا هر هڪ کي ووٽ. سمجهو ٥ جڳهيون ته هر هڪ ووٽر کي ٥ ووٽ. پر اهي پنج ئي ووٽ ڪيس پنجن اميدوارن کي وراهي ڏيڻا آهن. نه فقط ٥ ئي ووٽ ڪيس وراهي ڏيڻا آهن پر هنکي پنهنجي پسندي به ڄاڻائڻي آهي يعني پهريون نمبر آءٌ فلاڻي اميدوار کي ٿو ڏيان، ٻيو نمبر فلاڻي کي، ٽيون نمبر فلاڻي کي، وغيره. وري انهن ووٽن جي ڳڻپ ڪرڻ اهڙو مشڪل آهي جو ڪتاب اڳيان نه هجي ته صحيح ڳڻپ ٿي ئي ڪانه سگهي. پڻ جدا جدا پارٽين يا گروهن جي سرڪردن کي پنهنجن ووٽرن کي بلڪل خبرداريءَ سان سمجهائڻو آهي ته اوهين ووٽ هيئن ڪجو ۽ پسنديون هن دستور ڏيکارجو وغيره.

حيدرآباد ۾ پرانتڪ ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو ميڙ هئو. ٥ ميمبر آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽيءَ تي چونڊڻا هئا. ٻئي ڌريون پوري پوري تياري ڪري آيون هيون. ڊاڪٽر پارٽيءَ جي خواهش هئي ته مخالف وارا هڪ کان وڌيڪ جايون نه کڻن ۽ مخالف وارن جي خواهش هئي ته ڪنهن اٽڪل بازيءَ سان ٻه جايون کڻون. حساب ڪتاب ڪري پنهنجن پنهنجن ساٿين

٧- جڏهن مونکي جاسوس سمجهي ڪندا هئا.

١٩٣٠ جي ڳالهه آهي، جڏهن مان بي. اي جو امتحان ڏيڻ ڪانپور ۾ آزادي جي هلچل ۾ شامل ٿيو هوس ۽ شڪارپور ۾ ڪاري ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ مان واپس پنهنجي نگريءَ ۾ آيو هوس. ان ڏينهن شڪارپور ۾ ڪانگريس جو مکيه نيتا هئو سوڳواسي سوامي پرياڳ پارٿي. ڪچهريءَ ۾ هن جي بيٺڪ ۽ آستان هو. اُتي اچي اڪثر ڪانگريس ڪم ڪندڙ ڪٺا ٿيندا هوا ۽ ڪاري جي باري ۾ ڳالهيون ٻولهيون ڪندا هئا.

آءٌ انهن بزرگن جي پيٺ ۾ ڇوڪر هوس انڪري سوياويڪ مونکي ايتري اهميت ملڻ واري ڪين هئي. مونکي ان جي ڪا چنتا به ڪانه هئي. آءٌ دل ۾ سوچيندو هوس ته وقت پئي ڪم ۽ قابليت جو ضرور قدر ٿيندو، تڪڙ ڇو ڪريان تنهن سواءِ پنهنجو پريوجن ڪاريه ڪرڻ سان، عهدي ۽ ناموس جي ڪنهن کي چنتا آهي؟

پر جنهن ڳالهه مونکي تعجب ۽ حيرانيءَ ۾ وڌو سا اِها هئي ته هوءَ مونکان ڪنارو ڪرڻ چاهيندا هوا ۽ نه چاهيندا هوا ته ڪو مان سندن وچ ۾ وهان. هڪ لڳا ياد اٿم ته سوامي جن جي مندر ۾ هوءَ ڳالهيون ڪري رهيا هئا ته مان اوچتو وڃي اُتي نڪتس. پيڪڙبل دروازو کولي مان به سنگت سان گڏ وڃي هيٺ فراس تي ويٺس. ڏٺم ته منهنجي گهڙڻ سان هدن ڳالهيون

تمام معصوميت پوري نوع ۾ چيائين:

سواميءَ اڇي چيو گهنشيام تون ڀورين پسندي تہ مونکي ڏيئي ڪونہ سگهندين پلا ٻي پسندي تہ ڏج. مون سوچيو ڪجهہ فوق ٿورو ئي ٿيندو سو ڪٺي ڏنم.

پروفيسر صاحب اهو سوچيو ئي ڪونہ تہ ان ڪارڊ سچو قصو ڊانواڊول ٿي سگهي ٿو.

شري نيوندرام ضرور ان وقت خوش ٿيو هوندو تہ حساب ڪتاب ۾ هڙ ٻلديو کي شڪست ڏيئي ويو ۽ مونکي ڪائونس شڪست ڪائڻ ڪارڊ ڪو ڌڪ ڪونہ ٿيو. انگريزيءَ واري چيو آهي:

جي شڪار ۾ ٿيٺو آهي تہ شير جو شڪار ٿجي ۽ نہ ٻگهڙ جو. شري نيوندرام لاشڪ سياست ۾ هڪ شير هو، پڻهنجو مت پاڻ ۽ اڄ بہ سندس دماغ اهڙو ئي سالم آهي. ارمان اِهو آهي تہ شير ساڻس سات نہ ٿو ڏئي.

گروهه جي نالي سان پوسٽ هئو جنهن جا مکيه نيتا گرڻ هئا شري جئرامداس، ڊاڪٽر چوئٿرام ۽ پروفيسر گهنشيام. ٻيو گروهه يا پارٽي سوامي گووندانند جي پارٽيءَ جي نالي سان پوسٽ هئي.

اهي ٽڙيون عامل ۽ غير عامل ڪري به مشهور هيون ته وري حيدرآبادي ۽ نان حيدرآبادي نالي سان به پوسٽ هيون جيتوڻيڪ سوامي گووندانند عامل به هئو ۽ حيدرآبادي به.

هاڻ مان ته اجا نئون ڪانگريس ڪيتو ۾ گهڙيو هوس؛ مونکي نڪي ان قسم جي پارٽين جي گهٽي ڄاڻ هئي، نڪي وري منهنجو ڪنهن هڪڙي پارٽيءَ سان ڪو خاص سمپرڪ هئو. پر الاجي ڇو اسانجي شڪارپور جي ڪانگريس متن جي من تي هڪ اثر ويهجي ويو هو ته آءٌ ڊاڪٽر چوئٿرام پارٽيءَ جو آهيان ۽ سندن طرفان ڄڻ هڪ جاسوس طور شڪارپور جي ڪانگريس مرڪزن ۾ آيو آهيان. اهو ئي ڪارڻ هئو جو هو مون کان لڪ لڪاءُ ڪري رهيا هئا ۽ منهنجي اچڻ تي هو ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ بند ڪري ڇڏيندا هئا.

اها پوسٽي آخر ڪيئن بدلي تنهن جي نه ڪارڻ جي مون کي ڄاڻ آهي ۽ نه تفصيلن جي ياد اٿم. جيئن جيئن ڪانگريس اندر پارٽين ۽ ٽڙين ۽ ڪشمڪش ۽ ڇڪتاڻ جي وڌيڪ ۽ وڌيڪ ڄاڻ ٿيندي وئي تيئن ئي منهن جو رخ ۽ رونيو به ڪجهه وڌيڪ نوس نموني ۾ گهڙجي ويو ۽ منهنجو لاڙو ترمورتيءَ طرف ٿيندو ويو. پر ان حقيقت باوجود شڪارپور جي ڪانگريس مرڪزن ۾ منهنجو اثر وڌندو رهيو. ان جو ڪارڻ محض هڪڙو هئو ته ڪم جي باري ۾ منهنجي سمجهه، محنت، اورچائي سيني کي قائل ڪري ڇڏيو. هنن متن کي پورن وشواس ٿي ويو ته منهنجي مٿان جيڪو ڪم رکيو ويندو

بند ڪري ڇڏيون مانڻ ڪري ويهي رهيا.

ٻاهريون ٻه ورڪي مون کان ڇڱيلائيءَ ۽ صحت جي باري ۾ پڇا ڪرڻ لڳا. آءٌ سمجهي ويس ته هي مونکان ڪنارو ڪرڻ ٿا گهرن ۽ منهنجي سامهون ڳالهيون ڪرڻ ڪو نه ٿا گهرن. مونکي اُنجو ڪارڻ سمجهه ۾ بلڪل ڪو نه آيو. آزاديءَ جي يڌ ۾ ڪا ڳالهه ڳجهي نه هئي ڇاڪاڻ ته مهاتما گانڌيءَ سيکاريو هو ته سڀ ڪجهه کلئي پٽ ڪرڻو آهي، ظاهر ظهور ڪرڻو آهي ۽ وقتي اختياري وارن کي چتاوني ڏيڻي آهي. مثلن جي لوڻ جو ستياگرهه ڪرڻو آهي ته کلئي عام لوڻ تيار ڪرڻو آهي ۽ پوليس کي اڳواٽ اطلاع ڏيڻ گهرجي ته اسين فلاڻي وقت ۽ فلاڻا فلاڻا ماڻهو بي قائدي لوڻ تيار ڪنداسون، پوليس پل اُتي اچي. پوليس واقعي اچي بيهندي هئي ۽ جڏهن ورڪر لوڻ تيار ڪري بيهندا ته پوليس کين گرفتار ڪندي. هزارين ماڻهن جي وچمان اُئين ستياگرهين کي گرفتار ڪري کڻي ويندا هئا.

هاڻ ان کلم کلئي پروگرام ۾ ڪهڙي ڳالهه ڳجهي يا خانگي ٿي ٿي سگهي سو مونکي سمجهه ۾ ڪو نه آيو. پر آءٌ دلشڪستو ڪو نه ٿيس. پنهنجي قابليت ۽ پنهنجي محنت ۾ وشواس هئم ۽ خاطري هيم ته هڪ ڏينهن مان مٿن جي وشواس جو پاتر بڻجي ئي ويندس ۽ واقعي بڻجي ويس. اينري قدر جو شڪارپور ڪانگريس جي ڪيترن ۾ ڪابه مکيه ڳالهه، ڪو به اهم فيصلو ڪو نه ٿيندو هو جنهن ۾ منهنجي صلاح يا منهنجو پاڳ نه هوندو هو.

پر ان اوائلي اوشواس جو ڪارڻ ڪهڙو؟ سنڌ جي ڪانگريس ڪيترن ۾ ڪهڙي قسم جون پارٽيون يا ڌريون هيون تنهن جي مونکي ڪا گهري ڄاڻ ڪانه هئي. ائين ٻڌو هوم ته سنڌ ۾ ٻه هڪڙا مکيه گروهه هئا جن جي پاڻ ۾ سدائين ڇڪتاڻ ۽ ڇڪري هلندي رهندي هئي. هڪڙو گروهه ترموڙتي جي

٨- جڏهن مونکي پريزيڊنٽ ڪيائون ۽ ڦٽايائون

هي شڪارپور جو واقعو آهي. سال ياد ڪين اٿم پر ١٩٣٧- ١٩٣٨ هوندو. مان "سوراج" روزانو ڪڍندو هوس. هڪ روزاني اخبار جو سمپادڪ ڪجهه حيثيت ۾ مانوارو سمجهيو ويندو ئي آهي. تنهن سواءِ مڪاني ڪانگريس سيوڪن ۾ آءٌ ننڍي ۾ ننڍو هوس انڪري جي نوجوان ڪانگريسي ڪم ڪندڙ هئا سي قرب جي نظرن سان ڏسندا هئا. شڪارپور جي چيلا سنگهه سيتلداس ڪاليج ۾ هڪ نئون پروفيسر آيو هو جو ڪميونسٽ ويچارن جو هو. نوجوانن، جن ۾ گهڻا ڪاليجي شاگرد ۽ شاگردن جا اڳوان هئا تن هڪڙو ننڍڙو ميڙ ڪوٺايو جنهن ۾ اهو ڪاليجي پروفيسر "ڪميونواد" سمجهائڻ وارو هئو. نوجوانن مونکي نوتو ڏنو ته اچي ميڙ جو سڀا پتي ٿيو. هنن سمجهيو ته جيئن آءٌ نوجوان هوس انڪري سندن ويچار ڌارا جي پٺڀرائي ڪندس.

ان پروفيسر هڪ ڪلاڪ ڀاشڻ ڪيو جنهن ۾ هن وگيانڪ سماجواد ۽ ڪميونواد جي سمجهاڻي ڏني. هن جو مکيه دليل هي هئو ته جتي پيدائش جا وسيلا ۽ وراهست خانگي واپارين جي هٿ ۾ آهي اُتي پونجي واد راڄ ٿو ڪري ۽ غريبي وڌي ٿي. هن چيو ته جيڪڏهن پيدائش جا وسيلا ۽ وراهست سرڪار جي هٿ ۾ اچن ته هوند هرڪو خوش رهي ۽ سکي بڻجي.

سو بخؤ بي ٿيندو ئي ٿيندو ۽ پوءِ نہ فقط مونٽي وڏيڪ ۽ وڏيڪ جوابداريءَ جا ڪم آندا ويا مگر اڪثر مڙني ڪمن جي وراست ڪرڻ وغيره جو ڪار بہ ئي منهنجو ڪار بہ ٿي پيو.

پرانتڪ سطح تي منهنجي ڊاڪٽر چوئٿرام گروپ سان گهرائي وڌندي رهي ۽ اها گهرائي هڪ مونجهارو ۽ رنڊڪ بڻجڻ جي بدران هڪ سهوليت واري حقيقت بڻجي پيئي ڇو تہ شڪارپور جا ڪانگريسي مٿر ان منهنجي گهرائي جو اُپيوگ وٺي ٿي سگهيا. هؤنئن جو سندن ۽ پرانتڪ ڪانگريس مرڪزن جي وچم هڪ قسم جي ديوار هئي، اها ديوار منهنجي اچڻ بعد ٽٽي پيئي ۽ پرانتڪ اڳوانن سان وڏيڪ ويجهو ۽ وڏيڪ گهرا بڻجي سگهياسون جنهن ڪري هڪ ٻئي جي ڳالهہ صحيح روپ ۾ سمجهي ٿي سگهياسون ۽ مشڪل ۽ منجهائيندڙ مسئلن جو حل ڳولي ٿي سگهياسون.

هن حيدرآبادي - نان حيدرآبادي يا عامل غير عامل جي وچم پيد ۽ ڪشمڪش جي باري ۾ هڪڙي دلچسپ حقيقت ذڪر ڪري هي باب ختم ڪندس.

ڊاڪٽر چوئٿرام جيتوڻيڪ عامل گروپ جو سرڪردو ڪري ليکيو ويندو هو (جيتوڻيڪ هؤ پاڻ عاملپڻي جي پاونا کان بلڪل آجو هو) تہ بہ هؤ پرانتڪ ڪانگريس تي اڪثر اپر سنڌ جي ڪنهن تڪ مان ئي اچي بيهندو هئو، ڪڏهن سکر مان، ڪڏهن جيڪب آباد مان، ڪڏهن لاڙڪاڻہ مان ۽ اسانجا غير- عامل ۽ نان - حيدرآبادي سنڌي ڪانگريسي دوست کيس سدائين يا بنا مخالفت جي يا وڏي گهڻائيءَ سان چونڊي موڪليندا هئا، اهڙي سندس مانيتا هوندي هئي ۽ اهڙي منجهس متون جي شرڌا هئي.

سهوليتون ميسر ڪري ڏيئي سگهندي؟ سمجهو ڪٿي ته روس ۾ اهڙو جادو به ٿي ٿو وڃي ته هرڪو هوائي سفر ڪري سگهي، پوءِ به هرڪو سکي ٿيندو؟ اِنسان جي خواهش جو ڪو انت ڪونهي. ڪو سٽالن ڊڪٽيٽر هوندو، ۽ ممڪن آهي ته هڪ ڳوٺاڻي ڪسان جي من ۾ تمنا پيدا ٿئي ته مان ڇو ڪين ڊڪٽيٽر هجان، سٽالن ڇو؟ ڇا ڪميونسٽ سرڪار هرڪنهن رعايا کي ڊڪٽيٽر بڻائي سگهندي؟ ناممڪن.

۽ هي آخرين مثال وٺو. سمجهو ته ڊڪٽيٽر سٽالن جو پٽ بيمار ٿي ٿو پوي ۽ غريب ڪسان جو به. ڇا ٻنهي کي ساڳيءَ اِسپتال ۾ ساڳي قسم جو علاج ملي سگهندو. ناممڪن آهي. ڊاڪٽر اوس سٽالن جي پٽ جي وڌيڪ سنڀال ڪندا. پر سمجهو ڪٿي ته ڊاڪٽر بلڪل مشينون بڻجي پيون آهن ۽ اها ڀاونا سندن من ۾ داخل نه ٿي ٿي سگهي ته ڊڪٽيٽر جي پٽ جي وڌيڪ سنڀال ڪرڻي آهي، ۽ ٻنهي کي ساڳيو علاج ۽ ساڳيو ڌيان ٿو ملي، ته به ممڪن آهي ته سٽالن جو پٽ بچي پوي ۽ ڪسان جو پٽ مري پوي.

هاڻ ٻڌايو ته ڪميونواد ڪسان جي ڏک کي ڪيئن شانت ڪري سگهندو. ڪهڙي سمجهاڻي ڏيندو ڪسان کي ته سندس پٽ ڇو مري پيو ۽ سٽالن جو پٽ ڇو بچيو. ڪميونواد ڪسان کي ڪابه سمجهاڻي ڏيئي نه سگهندو ۽ هن جي دکي دل کي ڪو ڏڍ ڏيئي ڪو نه سگهندو.

ان دکي ڪسان کي ڀارت جو آتمواد ئي ڏڍ ڏيئي سگهي ٿو. شرير ناسوَنت آهي، آتما امر آهي، حياتي يا زندگيءَ جو عرصو، يا هن دنيا ۾ سفر جي لنبائي پوربلي جنم جي ڪرمن تي ٻڌل آهي. ان ڪري ڏک ڪرڻ جو ڪو ڪارڻ ڪونهي.

هن جي پاڻ ڪانپور مونکي صدر جي حيثيت ۾ ڪجهه شبد چوڻا هئا ۽ دستور موجب مونکي وڪتا جي ساراهه ڪرڻي هئي. پر مون ٿورا شبد ڪونه چيا. ليڪن ڪلاڪ جي مٿان ڪلاڪ ڀاشڻ ڪيو. مون حاضرين کي چيو ته پروفيسر صاحب پنهنجي ڀاشڻ ۾ سماج جي بيماري به غلط ٻڌائي آهي ۽ علاج به غلط.

مون جيڪي ڪجهه چيو تنهنجو تات پرج هي آهي:

”ديش جي بيماري اها ڪانهي ته پيدائش جا وسيلا خانگي هٿن ۾ آهي پر بيماري اها آهي اسين غلام آهيون انڪري اسانکي ڌارين ملڪن تي پاڙڻو ٿو پوي. علاج به غلط ٻڌايو ويو آهي. صرف پيدائش جي وسيلن ۽ وراهست جي سرڪار جي هٿ ۾ اچڻ سان هرڪو سکي ٿيندو سا ڳالهه به ممڪن ڪانهي. سک جو احساس جسماني وسئن جي موجودگيءَ تي نه آهي مگر اها من جي اوستا آهي.

ڪميونواد اها من جي اوستا آڻڻ ۾ اسمرٿ آهي. مون چيو سمجهو ڪٿي ته ڪميونسٽ سرڪار طاقت ۾ ٿي اچي ته هرويرو اهو ضروري ڪين آهي ته هوءَ سڀني ديشواسين جي سڀني خواهشن جي پورتي ڪري سگهندي. سمجهو ڪٿي ته ڪميونسٽ سرڪار سڀني ديشواسين کي بوٽ ميسر ڪري ٿي ڏئي (پروفيسر صاحب پيرين اگهاڙن مزدورن جو مثال ڏنو هو) پر ڪميونسٽ سرڪار سڀني ديشواسين کي موٽرڪار ميسر ڪري ڏيئي سگهندي؟

پر سمجهو ڪٿي ته ڪميونسٽ سرڪار اهڙي آسودگي ديش اندر آڻي به ٿي جو هرڪنهن کي موٽرڪار ميسر ڪري ڏئي (اڄ ١٩٧٨ تائين ته روسي سرڪار اهڙي آسودگي آڻي ڪانه سگهي آهي) پر اها سرڪار هرڪنهن لاءِ هوائي سفر جون

٩- جڏهن ايشور منهنجي پرارٿنا ٻڌي

سرڳواسي پروفيسر نارائڻداس رتنمل ملڪاڻي، سياسي ۽ جوڙجڪي سيوڪ هئڻ سان گڏوگڏ هڪ اعليٰ ساهتيڪار به هو. سندس شئلي نهايت وڻندڙ، بعضي ڪلائيندڙ ۽ ساڳئي وقت اونهيءَ معنيٰ سان ڀرپور هوندي هئي. سندس ڪتاب ”انار دانا“ هڪ امولهه گرنٿ آهي.

هڪ لڳا ساڻس ڳالهين جي دوران ۾ ڪائونس معلوم ٿيو ته هن هڪ ڪتاب ”اُپنشدن مان آکاڻيون“ لکيو آهي. تن ڏينهن پتاجن ”هري سندر ساهتيه مندر“ طرفان ڪتابن جي هڪ مالها پرڪاشت ڪندا هئا. مون پروفيسر صاحب کان گهُر ڪئي ته سندس اهو ڪتاب ”اُپنشدن مان آکاڻيون“ ان مالها ۾ شايع ڪريون. هن اجازت ڏني ۽ پنهنجو دستخط به.

ڪم نصيبا، شڪارپور ۾ پريس جي جڳهه بدلائيندي، اهو سندس دستخط ڪٿي هيٺ مٿي ٿي ويو ۽ ڪيتري ئي ڳولها ڪيم پر لڀي نه سگهيو. انگريزي دان چيو آهي ته ڪو سٺو ڪتاب ليکڪ جي زندگيءَ جو نچوڙ آهي. انجي قيمت ڪٿي ئي ڪونه سگهجي. ڪيترو منهنجي دل کي صدمو رسيو هوندو ۽ ڪيترو ليکڪ کي انجو ڪلپنا ۾ ئي احساس ڪري سگهجي ٿو. ان واقعي کانپوءِ ڪيترائي موقع پروفيسر صاحب سان ملاقات جا ٻڻيا، هر اهڙي موقع تي آءٌ شرمساريءَ ۾ ڪند

ڪميونزم شايد جسماني سهنج ميسر ڪري ڏيڻ ۾ ڪنهن حد تائين ڪامياب ٿئي سگهي ٿو پر من جي شانتي ۽ آنند آتم واد ئي ڏيئي سگهندو؛ ان لاءِ اسانکي روس ڏانهن نه مگر ڀارت ڏانهن نهارڻو پوندو.

ڀاشڻ پوري ڪرڻ کانپوءِ مون ڏٺو ته جي نوجوان شاگرد ان ميڙ ۾ حاضر هئا ۽ جن تي پروفيسر جي ڀاشڻ جو چڱو چوکو اثر ٿيو هئو تن جي چهرن جو رخ بلڪل ئي بدليل هو ۽ پروفيسر صاحب جي ڀاشڻ جو اثر ڌوپجي ويو هو. آءٌ جيئن ڪانگريس پنڊال مان ٻاهر نڪري رهيو هوس تيئن ان پروفيسر کي مون هيئن چوندو ٻڌو: ”اوهان کي ڪنهن چيو ته گانڌيءَ کي سياپتي بڻايو؟“

اخبارن جي پيج ۾ جي وڪٽڻ لاءِ ڪڍي رکيون هيم. شايد ٻئي ڏينهن اُهي هجن ئي ڪو نه ها.

ان واقع بعد پروڙيم ته ڪرسٽ جو چيو آهي ته دروازو کڙڪائيندو رهه، ضرور کلندو، سو گفتو بي معنيٰ ڪو نه آهي.

مون اُهي ڪوٽائون انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيون ۽ پروفيسر صاحب کي موڪلي ڏنم. جواب ۾ شڪرگذاريءَ جو خط آيو، ۽ ان سان گڏوگڏ ١٠٠ روپئي جو چيڪ. لکيائين: هي ڪم ڪنهن سرڪاري وڀاڳ مان مونکي مليو ۽ ان لاءِ ١٠٠ روپيه پر محنت تو ڪئي آهي ۽ انڪري لوازمو به توکي ئي ملڻ گهرجي.

ننڍي هوندي امڙ جڏهن آکاڻي ڪٿي ٻڌائيندي هئي تڏهن آخر ۾ هي شبد چوندي هئي. جهڙي انهيءَ (يعني آکاڻي جي نايڪ يا نايڪا) جي پئي تهڙي شل سڀ ڪنهنجي پئي. آءٌ به انهن شبدن سان هي باب پورو ٿو ڪريان.

جهڪائي ڇڏيندو هوس. سندس اکين مان اکيون ملائڻ جي همت ڪانه ٿيندي هئي.

اهڙيءَ هڪ ملاقات جي موقع تي پروفيسر صاحب مونکي سڏ ڪري پنهنجي پاڪر ۾ ورتو ۽ نهايت قرب ۽ فراخدليءَ سان هي شبد چيائين:

”مان ڏسان ٿو توکي منهنجي دستخط جي گم ٿيڻ جي اتي پيڙا ٿي آهي ۽ ان ڪارڻ تون مون سان ملڻ ۽ ڳالهائڻ جي ئي همت وڃائي ڇڏي آهي. جيڪي ٿيو سو ٿيو، ان واقعي کي وساري ڇڏ. پنهنجو قرب جو ناتو قائم آهي.“

سندس انهن شبدن ڪجهه دل کي ڏڍ ڏنو ۽ من کي سنتوش مليو.

ايشور جي قدرت ڏسو. وري هڪ ٻيو اهڙوئي واقعو ٿيو ۽ سو به پروفيسر ملڪاڻيءَ سان ئي. هن ڪجهه شعر انگريزيءَ ۾ اُلٿو ڪري لاءِ موڪليا هئي ممبئي ۾ ؛ هندستان ۾ لڏي اچڻ ڪانپوءِ ۽ اهي ڪاغذ به الائي ڪيئن گم ٿي ويا، گم ٿي ويا يعني هيٺ مٿي ٿي ويا.

مون ڏاڍا ڳوليا، پريس مان به پڇيو ن ڪيم جيئن چوٽي آهي، پر پتو ندارد. آخر جڏهن نهايت ئي پريشان ٿي پيس تڏهن پنج منٽ ڪرسيءَ تي ويهي سچيءَ دل سان ايشور کي پرارٿنا ڪيم. چيم ”ڀڳوان هڪ دفع ته پروفيسر صاحب نه بخشڻ جهڙو ڏوهه بخشي ڇڏيو، هي ٻيو دفع آئي کهڙو منهن کڻي سندس آڏو ويندس. انڪري منهنجي ڪارڀت رک ڪيئن به ڪري ڪاغذ لهي ڏئي.“

قدرت قادر جي! جڏهن اکيون کولي ڪرسيءَ مان اُٿيس تڏهن پهرين هنڌ جتي هٿ وڌم اُتان ڪاغذ نڪري آيا ۽ پيل اهڙي هنڌ هئا جتي هئڻ جو ڪڏهن به گمان نه ٿئي ها. ردي

هيڊ پڇيس: ٽوڪي پاڻ ٻڌايائين يا ٽو جهليس.
ٽ. ڪليڪٽر: پاڻ ٻڌايائين.
هيڊ: نه پوءِ چئبو ته سچ ٿو ڳالهائي. ڇڏي ڏينس.
ٻيو دفعو اهڙو واقعو ٿيو. وري مون ساڳي ڳالهه ڪئي، ڀي رهيس، پيڙ گهٽجڻ تي پاڻ گيٽ ڪيپر کي ٻڌايم.
ڇپائين تون جيڪي چوين ٿو سو سچ هوندو. پر مان لاچار آهيان. هان اينتري رعايت توسان ڪريان ٿو: ڏنڊ جا پئسا ڏيئي وڃ. رسيد نه ٿو ڪيان؛ سڀاڻي پاس ڏيکاري واپس وٺي وڃج؛ نه آئين ته مان رسيد ڪٽي ڇڏيندس.
ٻئي ڏينهن ويس ۽ پاس ڏيکاري پئسا واپس وٺي آيس.
ٽئين دفعي ڪجهه اور پرستني ٿي. دادر کان بمبئي تائين پاس هئي، پر آخرين تاريخ هئي ۽ رات جا ١٢ وڄي ويا. ڪليڪٽر پاس ڏسي چيو ته ١٢ وڄي ويا آهن، پاس رد، ١٠ روپيه ڏنڊ ڏئي. مون گهڻوئي کيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته مونکي سمڪ ڪانه رهي ته اڄ پاس جي آخرين تاريخ آهي، آءٌ بنا ٽڪيٽ سفر ڪرڻ وارو ڪونه آهيان پر هن هڪ نه ٻڌي. آفيس ۾ وٺي هليو ۽ رسيد بوڪ ڪڍيائين ۽ ڇپائين روپيه ڏهه ڪٽي.
اتي هڪ ويچار اچي ويو. آءٌ ان رات گهاٽڪوپر مان موٽيو هوس ۽ گهاٽڪوپر کان دادر تائين ٽڪيٽ ڪڍائي هيم. کيس اها ٽڪيٽ ڏيکاري چيم ته ڏس هيءَ ٽڪيٽ. هاڻ جيڪڏهن بنا ٽڪيٽ سفر ڪرڻ جي نيت هجي ها ته گهاٽڪوپر کان دادر تائين ٽڪيٽ ڇو ڪڍايان ها، ۽ جي سمڪ هجي ها ته پاس جي تاريخ پوري ٿي آهي ته گهاٽڪوپر ۾ دادر جي بدران وي. ٽي. جي ٽڪيٽ نه وٺان ها؟ رڳو چار آنا ٿي وڌيڪ لڳن ها.

١٠- جڏهن بنا پئسن مون ريلوي ٽڪيٽ خريدي

ريل گاڏيءَ ۾ سفر ڪندي عجيب غريب آزمودا ملندا آهن، ريلوي عملي سان سمپرڪ جي دوران ۾. اوهانکي ڪيترا اهڙا آزمودا مليا هوندا، دلچسپ، ڪڏهن مٺا ڪڏهن ڪڙا. مونکي به ڪيترا اهڙا آزمودا مليا آهن، جي مان سمجهان ٿو اوهان کان نرالا هوندا. پاٺڪن جي وندر لاءِ هتي درج ڪري رهيو آهيان.

بمبئي جي شهر ۾ لوڪل ٽرين ۾ سفر ڪندي بعضي پاس گهر ڀلجي وڃڻ جو واقعو ٿئي ٿي پيو. مسافر يا ته ڏنڊ ڀري پاڻ ڇڏائيندو يا چيڪر کي چانهه پاڻي ڏيئي جند آجي ڪندو. مون سان ائين اڌ درزن دفعا ٿيو آهي، پر ڪڏهن به پئسا ڪونه ڀريا اٿم ۽ ائين به نه ته ڪو ڀيڙ ۾ لڪ ڇپ ۾ نڪري اچان؛ شاهه شاهوڪاري در تي بيٺل ٽڪيٽ ڪليڪٽر کي ٻڌائي.

هڪ لڳا ائين پاس وسري وئي. گيٽ وٽ پهتم، ڪيسي کي ٽٽوليم ته پتو پيو ته ڪپڙا بدلائيندي پاس ڪڍڻ ڀلجي ويو آهيان. گيٽ تي مات ڪري بيهي رهيس. جڏهن ڀيڙ گهٽي تڏهن ٽڪيٽ ڪليڪٽر کي چيم مون وٽ پاس ڪانهي، گهر وسري وئي اٿم. چيائين مونکي ڪابه اختياري ڪانهي جو توکي ڇڏي سگهان؛ هل منهنجي هيڊ وٽ. هيڊ کي چيائين ته هي شخص چوي ٿو ته پاس گهر وسري وئي آهي.

مان- ڳالھ ھيئن آھي تہ مان ڪانديوليءَ ۾ لھڻو ھوس. ننڍ ۾ هتي بوريوليءَ هلي آيو آھيان. ھاڻ ننڍ ۾ ھتي اچي وبس بنا ٽڪيٽ جي ھو تہ ريلوي قانون ھيئن بہ ڏوھہ ڪونھي پر واپس بنا ٽڪيٽ وڃڻ جو ڏوھہ آءُ ڪين ڪريان.

ھوُ- پوءِ مان ڇا ڪريان.

مان- تون ٽڪيٽ ڏئي نہ اوڏر تي. ٢٠ پئسن جو ٿي تہ جوکم آھي نہ. ڪنھن ڏينھن اچي واپس ڏيئي ويندس. جي نہ آھس تہ بہ وڃائيندين ٢٠ پئسا. چئج ھڪ جينٽلمن اچي ٢٠ پئسا ڦري ويو.

اعتبار ڪندا. ٽڪيٽ ڪڍي ڏنائين ۽ مان بہ ھڪ ڏينھن وڃي ڪيس ٢٠ پئسا واپس ڏنا.

اڳتي اھڙي پرستني نہ بچي تدھن لاءِ ھاڻ پاس ٿي ڪانديوليءَ جي بدران بوريوليءَ جي ڪڍائيندو آھيان.

ان دليل سعدس دل کي پڪايو. چيائين اگر اها ڳالهه ڇو ڪين ڪيءَ نه ايتري ڏاندل ئي ڪين ٿئي ها.

هڪ دفع پاس ڪيائڻ وٽس نه چار آنا ڪٽي پيا. بوڪنگ ڪلارڪ چيو ڇا ڪريان. چيومانس ڇا ڇو ڪريون؛ پاس ڏيو نه. چار آنا تون ڀڌيجا وجهي ڇڏ. ڪڏهن نه ڪڏهن آءٌ اچي توکي ڏيئي ويندس. ڏيئي ڇڏيائين ۽ مان به هڪ ڏينهن قرض چڪتو ڪيو.

هي آخرين آزمودو نهايت ئي دلچسپ آهي. مونکي پاس ڪانديوليءَ تائين هئي؛ نه ته بوريوليءَ هليو ويس. هڪڙي سٽيشن وڌيڪ. هاڻ ڪانديوليءَ ڪيئن واپس اچان. کيسي ۾ پاس ڪانسواءِ روڪڙ ڪجهه ڪانه هئي. نه ته ۾ اڳتي هلي وڃڻ ته ريلوي قانون هيٺ به ڏوهه ڪيهي، بشرطيڪ توهين شهر اندر نه وڃو ۽ ٻيءَ مونئدڙ گاڏيءَ ۾ واپس وڃو. پر واپسي ٽڪيٽ اوهانکي وٺڻي آهي. بوريوليءَ کان ڪانديوليءَ هڪڙي سيڪشن-۲ منٽ گاڏي وٺي ۽ رات جو ۱۲ بجي ڪهڙو ٽو چيڪر اچي. پر دل ۾ چيم بنا ٽڪيٽ مسافري ڪيئن ڪريان. سو بوڪنگ آفيس تائين هليو ويس ۽ دريءَ ٻاهران بيهي بوڪنگ ڪلارڪ کان ٽڪيٽ گهريم- ڪانديوليءَ جي، قيمت ۲۰ پئسا.

بوڪنگ ڪلارڪ چيو ۲۰ پئسا ڏي. پوءِ ته هينئون دلچسپ وارتالاپ ٿيو:

مان- پئسا نه مون وٽ آهن ئي ڪونه.

هو- پوءِ ٽڪيٽ وٺڻ ڪيئن آيو آهين؟

مان- چاڪاڻ ته مان بنا ٽڪيٽ جي سفر ڪرڻ جو ڏوهه ڪرڻ نه ٿو چاهيان.

هو- مطلب. پوءِ پئسا ڪٽي ڇو ڪين آئين.

ويندا هئا ۽ اُنهن ۾ مان بہ هوس. درحقيقت منهنجي جوابداري وڌيڪ ۾ وڌيڪ هئي.

هڪ دفع اڻين آءٌ ڪيس ڏسڻ لاءِ ڪوئٽيا وڃڻ جي تياري ڪري رهيو هوس. شڪارپور جو پرسند ۾ پرسند ڊاڪٽر، ڊاڪٽر ڪشنچند بولچنداڻي، جو هڪ سچو ساٿي هو، تنهنکي جڏهن خبر پيئي تہ آءٌ ڪوئٽيا چندر کي ڏسڻ لاءِ وڃي رهيو آهيان تڏهن پنهنجيائيءَ مان گهرائي بہ جاريون آڇيائين. چي: هيءُ ساڻ کڻي وڃ. هڪڙي جاري وات کي ڍڪڻ لاءِ هئي ۽ ٻي نڪ کي. چيائين آخر سلهہ جي بيمار سان ملڻ تو وڃين سو هي پنهنجي بچاءَ لاءِ ساڻ کڻي وڃ.

”اهي ڇا لاءِ، ڊاڪٽر صاحب؟“ مون پڇيو.

”ان لاءِ تہ جيئن سلهہ جا جيوڙا تنهنجي وات يا نڪ مان لنگهي تنهنجي اندر نہ گهڙي وڃن.“

”گهڙي ويندا تہ ڇا ٿيندو؟“

”تون خود ڪنگري مرض ۾ ڦاسجي سگهين ٿو!“

”پر ڊاڪٽر صاحب مون ڪتابن ۾ پڙهيو آهي تہ لکين سلهہ جا جيوڙا هرڪنهن شخص جي شرير اندر هوندا ئي آهن.“

”هائو، برابر، پر هرو ڀرو قاتل انداز تہ اندر نہ وڃڻ گهرجي.“

”اهو تہ ان تي مدار آهي تہ شرير ۾ مقابلي ڪرڻ جي ڪيتري طاقت آهي.“

”البت!“

”۽ پڻ من ڪيترو مضبوط آهي.“

”اهين بہ برابر آهي“ ڊاڪٽر وراڻيو.

”تہ پوءِ مونکي خاطري آهي مونکي سلهہ نہ ٿيندي.“

”پر بہ سنڀال ڪرڻ ضروري آهي. تون هي جاريون کڻي وڃ. جڏهن چندر وٽ وڃين تڏهن منهن کي ۽ نڪ کي

١١- جڏهن مون سلهه جي بيمار سان گاڏو

شري چندر پارتي (ايشور ڪيس اوس پنهنجي گود ۾ وشرام ڏنو هوندو) هڪ هوڻهار نوجوان هو، ٢٠-٢٢ سالن جو ڳڀرو. هو سنڌ ۾ (شڪارپور) منهنجي ”روزانه سوراج“ ۾ منهنجو ساٿي سمپادڪ هو، نهايت ئي ذهين ۽ سعادت مند هو. منهنجي نيتي ۽ لکڻي جو نوع ايتري قدر ته جهٽي ويو هو جو آءُ بنتاس (مهاراشٽري لفظ جو سنڌيءَ ۾ اچي چڪو آهي- بن تراس = بي فڪر) اخبار سندس حوالي ڇڏي ڪراچيءَ ڏانهن يا ٻئي ڪيڏانهن هليو ويندو هوس. هن لکڻيءَ ۾ منهنجي طرز اهڙيءَ ئي ڪماليت سان جهٽي هئي جهڙي ڪماليت سان مهاديو ديسائيءَ مهاتما گانڌيءَ جي.

پر ان هوڻهار نوجوان کي ننڍي ئي سلهه جي نڳوري مرض اچي ڳٽو ڪان جهليو. براڪانٽائيز مان پلورسي، پلورسيءَ مان سلهه. تن ڏينهن سلهه جو اڃا ڪاميابيءَ سان علاج ڳولهي ڪونه ڪڍيو هئائون ورنه ڪيس بچائي وٺجي ها. ڪيس ڪوئٽيا ۾ سئنيٽوريم ۾ داخل ڪرايوسون پر ڦڪيون تڏهن فرق ڪن جڏهن امر ڪريو ان کي. ڊاڪٽرن جي دوا ته پري، پوڄڻ جي دعا نه اَگهي.

جڏهن هو ڪوئٽيا سئنيٽوريم ۾ علاج هيٺ هو تڏهن سياوڪ سنڌس کي مترو ونجها عزيز ڪيس ڏسڻ لاءِ آئي

منهنجي بدران ڊاڪٽر ان سنياسيءَ کي ڏئي ها ته هن کي ڪم اچي وڃن ها.

آءٌ وري به ڏينهن ٻه چندر سان گڏ جڻ ويس ۽ هر روز وٽس ويندو هوس جيسين ڪوٽيا ۾ هوس. روئڻهارڪو مونهن ڪري چيائين: سواميءَ جا افعال ڏٺوَ- سلهه ڪائي ٻيئي وڃيس شايد. آخر ڪيس ڇيو ڪنهن نه هتي مون سان گڏ جڻ لاءِ ڪهي اچي.

مون پاڻ کي پنهنجي دورانديشيءَ لاءِ شاباس ڏني.

آءٌ ته سندس ڪٽ پوسان ئي ويٺو هوس ڪرسيءَ تي. مون کي رتي به ڊپ ڪونه ٿي ٿيو. اڙٻنگ نوجوان مونکي مونجهاري ۾ وجهي ڇڏيو. چيائين ماني مونسان گڏجي کائُ هڪ هڪ ٿالهيءَ مان- جوکم جو سيڪڙو وڌي ويو. منهنجي آتم وشواس جي جڻ آزمايش هئي.

آءٌ ان آزمايش مان پار پيس. جيم اِنڪار ڪندس ته هن جي دل کي صدمو رسندو. سو هن سان گڏجي ماني کاڌم؛ هڪ ئي ٿالهيءَ مان؛ ۽ رات جو ڌرمشالا ۾ پهچي نبض ڪانه ڏٺم ته مون کي سلهه ٿي آهي ڇا. مون پنهنجي جيوَن ۾ هڪ کان وڌيڪ سلهه جي بيمارن سان گذر ڪيو آهي ۽ سلهه کي مونکي ڇهڻ جي همت ڪانه ٿي آهي.

پر آءٌ پنهنجي پٺي ڇو ٺپريان: اُتي ان سئنيٽوريم ۾ ئي چندر جي شيوا لاءِ سندس هڪ نوڪر به رهندو هو. سندس جيان ڀيرو جوان. هوُ ته سندس ڪانگهاري جي ڊٻي به ڪٽي صفا ڪري ايندو هو ۽ سندس ڪاڪوُس جي پاٽ به. هوُ ڪو سندس رشتيدار ڪونه هو. نوڪر هو، پگهاردار نوڪر، پر نوڪر هوندي چندر سان سندس ايترو پريم هو جو سندس سيوا ڪندي ذرو به ڪونه هچڪندو يا ڊڄندو هو ۽ مونکي خبر آهي ڪيس سلهه ڪونه ورتو.

لڳائي وڃ.“

”مان ڄاڻان، منهنجو بچاءُ ٿيندو پر انهن ڀائرن سان منهنجي شڪل اهڙي ٿي پوندي جهڙي ڪنهن بيمار جي دل کي اهڙو ڌڪ اچي ويندو جو هوءَ ته اهو ڏسي ئي ختم ٿي ويندو. آءٌ پنهنجي لاءِ جوکم کڻڻ لاءِ تيار آهيان، هن جو نه.“

”تون ڄاڻ، پر منهنجي صلاح اٿيئي ڀاڄ سان ڪٽي وڃ. متان اُتي خيال بدلجي وڃيئي: هڪيون هونديءَ ته ڪم ايندءِ.“

مان ڊاڪٽر جي دل رکي ڇاريون ڪارٽونس ورتيون جيتوڻيڪ مون انهن جو اُپيوگ ڪونه ڪيو. مون کي اُپيوگ ڪرڻ جو ارادو ئي ڪونه هو.

ڪوئٽيا ۾ وڃي هڪ ڌرمشالا ۾ لٿس. اُتي چندر جو هڪ ٻيو گهاٽو دوست به لٿل هو. هڪ ڏينهن اڳ هو چندر وٽان ٿي آيو هو مون سان جڏهن مليو تڏهن مون کيس ڏاڍو ملول ڏٺو. مونکي چيائين ”دادا، منهنجي نبض ته ڏسو؛ مان ڪالهه چندر سان ملي آيو آهيان. ڏسو مون کي ته ڪٿي سلهه نه ٿي آهي؟“

مونکي سندس معصوميت تي ۽ پڻ سندس مانسڪ ڪمزوريءَ تي ڏاڍو تعجب لڳو.

ٻئي ڏينهن آءٌ سئنيٽوريم ۾ ويس. مون ڪان اڳ اُتي سندس مامو ويٺو هو جو سياسي هو ۽ سياسي ڪاريه ڪرتا. سياسي تياڳي ٿيندا آهن يا اُنهن مان تياڳي هئڻ جي آشا رکي ويندي آهي. مونکي ڏسي ڏاڍو ڏک ٿيو ته اُن سياسي جو جيون سان ڪيڏو موهه هو ۽ موت کان ڪيترو ڊڄبو ٿي.

هوءَ پنهنجي بيمار ڀاڻيجي جي پرسان ڪونه ويٺو هو، ڪمري جي دروازي وٽ ڪرسي وجهي ويٺو هو، منهن بيمار کان ٻئي طرف ۽ وات کي رومال. دل ۾ آيو ته اهي ڄاريون

اهڙي هڪ واقعي جو اج آءٌ هتي بيان ٿو ڪريان- سنڌ جي سياسي اتهاس جو هڪ وساريل ورق. ١٩٤٥ جو زمانو هو. لڙائيءَ ڪانپوءِ سنڌ اسيمبليءَ جي چونڊن جي تياري ٿي رهي هئي. ڪانگريس اُميدوار بيهارڻ جو فيصلو ڪيو ۽ اُميدوارن جي چونڊ ٿي رهي هئي.

شڪارپور مان ڪانگريس ٽڪيٽ لاءِ ٻه اُميدوار هئا- ڊاڪٽر (سرڳواسي) ڪشنچند بولچنداڻي ۽ ڊاڪٽر گوبندرام پنجابي. ڪانگريس ڪم ڪندڙ ٻن ڪئمپن ۾ ورهائجي ويا- هڪڙا ڊاڪٽر ڪشنچند جي پنيرائيءَ ۾، ٻيا ڊاڪٽر گوبندرام جي پنيرائيءَ ۾. سنڌ پرانتڪ اليڪشن ڪاميٽيءَ جا ميمبر شڪارپور ۾ آيا، سر زمين تي جاچ جوچ ڪرڻ. ڪم ڪندڙن جو ميڙ گهرايو ويو جتي ڪم ڪندڙن کي نوتو ڏنو ويو ته پنهنجا پنهنجا ويچار کليءَ دل سان پيش ڪن. ڊاڪٽر گوبندرام جي ساٿين ۽ پنيرائي ڪندڙن ۾ هڪڙو ورڪر هو جو ”موتيرام ڊبل روٽي والا“ نالي سان مشهور هئو. سنو، سچو ڪم ڪندڙ، پر ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو ٿلهو ۽ ڦوهڙ. ڇا ڪتي چئجي ڇا نه چئجي تنهن جي پروڙ گهٽ. جيڪي ايندس سو وائي چڙهندو.

هو ڳالهائڻ لاءِ اُٿيو. خانگي گفتگوءَ ۾ جڏهن وهندا هئاسون تڏهن بعضي هو ڊاڪٽر ڪشنچند جي خلاف ڳالهائيندي ڪي ناشائستا ۽ اڻ سهائيندا لفظ ڪڍي وهندو هو جي ڪنهن به سڀيه ڪم ڪندڙ لاءِ واپرائڻ مناسب نه ٿا شمار ڪري سگهجن. سندس اربدگي سڀاءُ ڪارڻ منهنجي من ۾ شڪ پيدا ٿيو ته متان هو پنهنجي تقرير ۾ به اهڙا واڪ نه دهرائي. هڪڙو ته اها ڳالهه اڻ وڻندڙ ٿيندي، ۽ ٻيو خود اسانجي ئي مقصد کي شڪست ايندي. مان جتي ويٺو هوس اُتان ٽپو ڏئي اُٿيس

١٢- جڏهن سچ سچ نہ هوندو آهي

اوهان مومل ۽ سومل وارو قصو ٻڌو آهي! مومل ۽ راڻي جي ڪهاڻيءَ کان ته اوس واقف هوندا. مومل جي راڻي سان پريت ٻڌي وئي ۽ هو روزانو رات جو مومل سان ملاقات ڪرڻ ايندو هو. سومل کي اها ڳالهه ڪين آئڙي. سو ڇا ڪيائين جو هڪ رات مردانا ڪپڙا پهري، جڏهن مومل کي ننڊ اچي وئي تڏهن وڃي سندس بستري تي ساڻس گڏ سمهي پيئي. راڻو به پهچي ٿو، موجب هميشه واريءَ ويل اچي پهتو. سومل سان ٻيو مردانو سنل ڏسي ٻڙي ڪامي ويو. پويان پير ڪري واپس هلي ويو ۽ مومل روئندي رهي.

هن ڪان وڌيڪ ڀرلڪ پرماڻ راڻي کي سومل جي بيوفائيءَ جو ٻيو ڪهڙو ٿي ملي سگهيو؟ پنهنجي نيڻين ڏاريو مرد ساڻس گڏ سنل ڏٺائين. پنهنجي اکين تي ڪئين اعتبار نہ ڪري؟ پر جيڪو ١٠٠ سيڪڙو سچ ٿي ڏسڻ ۾ آيو سو سچ ڪونہ هو؛ دوکو هو.

مومل راڻي جي تہ ڪهاڻي آهي، قصو آهي. ڏٺي جاڻي سچ پچ اهو قصو حقيقي طور ٿيو يا نہ ٿيو. پر زندگيءَ ۾ اهڙا واقعا بعضي ٿيندا آهن جڏهن سچ سچ نہ هوندو آهي، يعني جيڪي ڪجهه ١٠٠ سيڪڙو سچ ڏسڻ ۾ اچي سو حقيقت ۾ اهين نہ هوندو آهي، ۽ پوءِ پيدا ٿيل غلط فهمي دور ٿي نہ سگهندي آهي.

١٣- جڏهن آنسُون وهڻ ويون ۽ ڳوڙهن ڪم نه ڪيو

آءٌ وري ١٩٤٤-٤٥ واري زماني جو هڪ واقعو هتي ڏهرايان ٿو. ساڳيو موقعو، ساڳي وارتا. اسيمبلي چونڊن جو معاملو. شڪارپور جي ٽڪ مان ڪانگريس ٽڪيٽ ڪنهن کي ملي اهو پيچيدو ۽ مشڪل سوال. راڄنيتي ڪيتري ۾ مونکي جن ڪشمڪشائن مان لنگهڻو پيو آهي انهن ۾ هيءَ ڪشمڪش وڏي ۾ وڏي ۽ مشڪل ۾ مشڪل شمار ٿو ڪريان.

مون جيئن اڳ ٻڌايو، ٻه اُميدوار ڪانگريس ٽڪيٽ لاءِ ميدان ۾ ڪڙا هئا. سرڳواسي ڊاڪٽر ڪشنچند ۽ ڊاڪٽر گوبندرام پنجابي. منهنجو توڙي اسانجي ڪٽنب جو ٻنهي سان گهاٽو ناتو هو. ڊاڪٽر ڪشنچند سان ته اُنلندو وڌيڪ گهرو هو، جو هو نه فقط منهنجي پتا جو سهپاٺي هو پر سموري ڪٽنب جو ڇڄي ڪٽي ته گهاٽو متر هو.

پر راڄنيتي ڪيتري ۾ شخصي سنبنڌن کي ترجيح ڏيڻ بي اِنصافي شمار ٿي سگهي ٿي. اِئين ته ڊاڪٽر ڪشنچند جي خلاف ڪا ڳالهه ڪانه هئي. هُو ته سچي معنيٰ ۾ حب الوطنيءَ جي ڀاونا سان پُر هو ۽ هڪ بلڪل ئي نيڪ شخص. شري جئرامداس هڪ لڳا پنڊت نهروءَ سان سندس واقفيت ڪرائيندي چيو ته هُو شڪارپور جو جمشيد مهتا آهي.

پر آءٌ ۽ منهنجا ڪيترا ساٿي ڊاڪٽر گوبندرام پنجابيءَ

ان لاءِ ته ڪيس ڪن ۾ چناوني ذبان تہ متان اهڙا ناشائنتا شبد اني ميڙ ۾ واپرائين.

آءٌ اُنيس، هن تائين پهتس، ۽ ڪيس ڪن ۾ ڪجهه چوڻ جي ڪوشش ڪيم پر عين ان گهڙيءَ جڏهن آءٌ ڪيس منع ڪري رهيو هوس تہ متان هي گفتو ڪڍيو اٿيئي، هن اُهي شبد چئي ئي ڇڏيا. تير ڪمان مان ڇٽي ويو، انجو واپس اچڻ ناممڪن هو.

بس سرڳواسيءَ جي من ۾ هڪ غلط فهمي منهنجي باري ۾ ويهجي وئي ته مون ٻڌو ذيئي وڃي ڊبل روٽي والا کي چيڙيو ته اهي لفظ تون چئہ ۽ هن ڪن منهنجن بزرگن سان اها شڪايت ڪئي. مون ان غلط فهميءَ کي دور ڪرڻ جي ڪيترن موقعن تي ڪوشش ڪئي پر ڏٺي ٿو جاڻي ته سرڳواسيءَ جي من تان اهو اثر لٿو يا هوءَ اها غلط فهمي پاڻ سان کڻي ئي ويو.

زندگي خود ئي هڪ عجيب گورک ڌنڌو آهي جنهنجي اندر نعيا نعيا گورک ڌنڌا ٿين ٿا، جن کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪيترئي به ڪجي پر بعضيءَ اُهي ڇٽن ئي ڪونہ ٿا. شايد انجو ڪو علاج ئي ڪونهي.

ڪونه هو. بيو ڪٿ وارو مهاراج، مهاراج رامداس، جنهجي بدولت ئي سيٺ دولترام ۱۹۳۷ ۾ ڪامياب ٿيو هو، تنهن ڪانگريس اُميدوار جي مدد ڪرڻ جو انجام ڪيو هو، ٽڪيٽ ڪنهن کي به ملي - ڊاڪٽر ڪشنچند کي توڙي ڊاڪٽر گوبندرام کي.

هاڻ اسان متون جو ويچار هئو تہ جڏهن مشڪل سمي ڊاڪٽر ڪشنچند هيڪيو ۽ هچڪيو پر ڊاڪٽر گوبندرام ٽپو ڏيڻ قبول ڪيو، تڏهن هيئر جي سٽائي وارو مبدل ۾ ڊاڪٽر گوبندرام جو حق رهني ڊاڪٽر ڪشنچند کي ٽڪيٽ ڏيڻ بي اِنصافي ٿيندي جڏهن چونڊ ۾ ڪاميابيءَ جي باري ۾ ڪو شڪ ڪونهي. تنهن سواءِ ۱۹۴۲ واري هلچل ۾ ڊاڪٽر گوبندرام جيل ۾ وڃي پنهنجي هڪ لياقت وڌائي ڇڏي هئي. ڊاڪٽر ڪشنچند جيل ۾ ڪونہ ويو هئو.

شڪارپور ۾ سنڌ پرانتڪ اِليڪشن ڪاميٽيءَ جا ميمبر آيا، سواءِ بزرگ نيتا شري جئرامداس جي. ڊاڪٽر چوئٿرام ڪٿ واري مهاراج سان ملاقات ڪرڻ ڪانپوءِ مونکي خاطري ڏني تہ ٽڪيٽ گوبندرام کي ڏيندا سون. رات جو سرڳواسي سچانند ٿيوومل جو بہ اِليڪشن ڪاميٽيءَ جو هڪ ميمبر هئو تنهن مونکي شخصي مبارڪ ڏني. جي تنهنجي اُميدوار کي ٽڪيٽ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو. پر فيصلو ڪاميٽيءَ طرفان ظاهر نہ ڪيو ويو. چيائون فيصلو حيدرآباد پهچڻ ڪانپوءِ ظاهر ڪندا سون، شري جئرامداس سان صلاح مصلحت ڪرڻ بعد.

پوءِ ڪن ني سٽس پيئي تہ فيصلو ڦيرايو ٿو وڃي ڊاڪٽر ڪشنچند جي فائدي ۾. لڳو ٿي شري جئرامداس جو رايو ڪشنچند جي فائدي ۾ هو. آءٌ سمجهان ٿو تہ شري جئرامداس جوکم کڻڻ کان هچڪيو هوندو، ڊاڪٽر ڪشنچند جي مٽي مائٽي،

جا جو سمرتڪ هئاسون تنهن جو هڪ ڪارڻ هو. ١٩٣٧ جي چونڊن جي سمي ڪانگريس ٽڪيٽ تي چونڊ جي اچڻ جي خاطري ڪنهن کي ڪانه ٿي ٿي سگهي، اُلٽو سمجهيو ٿي ويو ته ڪانگريس اميدوار هارائيندا ته سهي پر ڪانگريس جي پرچار لاءِ ٻيهارڻا اوس آهن. ٿيو به ائين. سڄي سنڌ مان رڳو ٧ ٽڪن مان ڪانگريس اميدوار چونڊجي سگهيا، جن مان ٻه چار ته هئا ڪراچيءَ مان - شري آر. ڪي. سڌوا، ڊاڪٽر پوپٽ لعل، ڪماري جيٺي سپاهيملاڻي ۽ شري ايسرداس ورندمل. سڄيءَ سنڌ مان رڳو ٽن ٽڪن مان ڪانگريس سوڀاري ٿي - حيدرآباد مان پروفيسر گهنشام، ساهتيءَ مان شري نيوندرام ۽ روهڙيءَ مان شري هاسانند پمناڻي.

ان ڏکيءَ ۽ اڻانگي وقت جڏهن ڪانگريس ٽڪيٽ لاءِ پوءِ به ائردار اميدوار ملڻ ئي مشڪل هئو تڏهن اسان شڪارپور مان ڊاڪٽر ڪشچند تي ڏاڍو زور آندو ته توهين ڪانگريس ٽڪيٽ تي اميدوار بيهو، پر هن حساب ڪتاب لڳائي، ڪاميابيءَ جي خاطري نه سمجهي، بيهڻ کان انڪار ڪيو. ان وقت جڏهن ڊاڪٽر گوبند رام کي چيوسون تڏهن هن توڪل ڪري ٽپي پوڻ قبول ڪيو ۽ مخالفت ڪئي ان شخص جي جو سنڌ جو گهرو منتري ۽ ويجهو عزيز هو، سوڳواسي ديوان بهادر مولچند پنجابي. وڏي ڳالهه ته ان وقت ڊاڪٽر گوبند رام وٽ پئسي به ڪانه هئي؛ مونکي شخصي ڄاڻ آهي ته هن چونڊ لاءِ قرض ڪيو جو ڪو عرصو ته ڪيس ادا ڪرڻ ۾ لڳي ويو.

١٩٤٥واري سمي ۾ ڪانگريس اميدوار جي چونڊجڻ جي خاطري هئي. هڪڙو ته ١٩٤٥ واري چونڊ وقت اسان جي نڪ مان ڪو به هلندڙ وارو شخص ڪانگريس خلاف بيهڻ لاءِ تيار

ميٽنگ شروع ٿي. مون پنهنجو نالو موڪليو. سڏ ٿيو. اِئين لڳو ته ڄڻ آءٌ ڪنهن سٽن ججن واري سپريم ڪورٽ آڏو شاهدن جي پڃري ۾ بيٺو آهيان.

سوال ٿيو: تنهنجي ٽڪ جو ته اسان فيصلو ڪري ڇڏيو آهي، پوءِ تون هاڻي ڪيئن آيو آهين؟

آءٌ: پر آءٌ ته شڪارپور ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري آهيان، چونڊ جي ڪاريه جو بوجهه سمورو منهنجي مٿان پوٽو آهي، اوهان منهنجن راين ٻڌڻ کانسواءِ ڪيئن فيصلو ڪيو.

هڪ ميمبر: تو شڪارپور ۾ ڇو ڪين پنهنجا رايا رکيا.

آءٌ: مون کان ڪنهن رايو پڇيو ئي ڪو نه، اِهائي منهنجي شڪايت آهي. تنهن کان سواءِ مونکي ڪاميٽيءَ جي ٻن ميمبرن خاطري ڏني ته فيصلو منهنجي رائي موجب ڪيو ويو آهي؛ ان بعد مونکي رائي ڏيڻ جي ضرورت ئي نه پئي. اوهان جيڪڏهن پوءِ فيصلو بدلائڻ جو سوچيو ته مونکي ڪوٺايو ها نه.

ٻيو ميمبر: چڱو تون هاڻ چئه توکي ڇا چوڻو آهي.

مون پنهنجا دليل ڏنا ته ٽڪيٽ ڊاڪٽر گوبندرام کي ملڻ گهرجي ۽ نه ڊاڪٽر ڪشنچند کي. پر ڏٺم گهڻو ڪجهه اثر ڪو نه ٿيو. مونکي لڳو ته شري جئرامداس جي رائي خلاف ٻيو ڪو به ميمبر جوکم کڻڻ لاءِ تيار نه هو جو ڊاڪٽر گوبندرام جي طرفداري ڪري.

مون آخرين داءُ اُڇلايو. مون چيو ته مون لاءِ ته ڊاڪٽر ڪشنچند لاءِ ڪم ڪرڻ ئي مشڪل ٿي پوندو.

شري جئرامداس ان لئي جيڪو جواب ڏنو تنهن منهنجي پيرن جي هيٺان ڌرتي ڪڍي ڇڏي.

چيائين: چڱو توکي روهڙيءَ جي ٽڪ ڏانهن چونڊن جو

هلندي پڄندي، وڏيڪ پئسي خرچڻ جي شڪتي، انهن ويچارن
سندس من تي اثر ڪيو هوندو.

اسين اهو ٻڌي ڏاڍا دل شڪستا ٿياسون. مونکي متر
چيو ته تون حيدرآباد روبرو چڙهي وڃ. آءٌ تيار ٿيس؛ روهڙي
اسٽيشن تائين ڊاڪٽر گوبند رام به ساڻ هليو جو ان ڏينهن شري
سي. ٽي. ولڀچا حيدرآباد مان موٽيو هو. جيوسون روهڙي
اسٽيشن تي ساڻس مليا، خبر پئي پوءِ وڃڻ يا نه وڃڻ جو
فيصلو ڪجي.

شري ولڀچا لٿو ءِ ٻڌايائين ته اڄ بورڊ آخرين طرح فيصلو
ڪيو ته ٽڪيٽ ڊاڪٽر ڪشنچند کي ڏني وڃي ءِ ان ڪري
هينئر حيدرآباد ڪنهن جو به وڃڻ اجايو ٿيندو.

مون شري ولڀچا کان پڇيو ته فيصلو پڪو ڪيو ويو آهي.
چيائين "اجا نه." مون چيو ته پوءِ آءٌ ويندس؛ ءِ آخرين
ڪوشش ڪندس. اِئين گاڏيءَ ۾ چڙهي پيس.

حيدرآباد پهچي، تيار ٿي، شري جئرامداس جي گهر
پهتس جتي ئي ڪاميٽيءَ جون ميٽنگون ٿينديون هيون. جيئن
اُتي پهتس ته ڪاميٽيءَ جي هڪ ميمبر ذرا ٺوڪ مان چيو:
اچا هتي حيدرآباد جو چڪر ڏيڻ آيو آهين- هائو بابا خرچ
اُميدوار جو، پوءِ چڪر ڇو نه ڏيندا. آءٌ اهو گفتو ٻڌي جلي
ويس؛ جڻ ڪڏهن حيدرآباد ڏٺي ڪانه هئم. آءٌ هر مهيني
هڪ دفعو ته ضرور ڪراچي ءِ حيدرآباد جو چڪر ڏيڻ ويندو
ئي هوس، بعضي ڌنڌي سان، بعضي پبلڪ ڪاريه سان. وري
اهو گفتو ان ميمبر ڪڍيو جنهن مان مونکي پوري همدردي ءِ
ساٿ ملڻ جي آشا هئي. خار ڏاڍا لڳم ءِ من ۾ آيو ته ڪيس
ڪجهه چئي ڏيان؛ پر سوچيم ڪجهه چوندس ته پنهنجو ئي ڪم
بگڙندو، سو سڙي پي ويس.

هوُ: نہ اهڙي ڪا ڳالھ ڪانهي. ڀلي ڪجھ بہ توکي چوڻو هجي سو چؤ.

مان: هڪڙي ڳالھ چوڻي اٿم جا اوهان کي ٻڌائي سگهان ٿو ۽ ڪامنيءَ اڳيان رکي نٿي سگھيس.

هوُ: ٻڌاءِ ڪهڙي ڳالھ آهي.

مان: چوُنڊن ۾ شري سدوا چوُنڊ جي ايندو.

هوُ: ضرور.

مان: ڪانگريس پارٽيءَ اندر وري ليڊر جي چوُنڊ تي چڪري لڳندي، سدوا ۽ گھنشام جي وچ ۾.

هوُ: شايد.

مان: اوهان سمجھو ٿا تہ ڊاڪٽر ڪشچند جو ووٽ ڪنهن کي ملندو؟

هوُ: چو ڪنهن کي ملندو؟

مان: شري سدوا کي.

هوُ: سو ڪيئن ٿو چئين.

مان: هتي اوهانجي ئي شهر ۾ شري سدوا جي حمايت جو ميڙ ٿيو هو جنهن ميڙ ۾ ڊاڪٽر ڪشچند بہ شريڪ هئو ۽ اتي شري سدوا جي پنيرائي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ ڊاڪٽر ڪشچند بہ کين پنهنجي ووٽ جي خاطري ڏني.

هوُ: هتي اهڙو ميڙ ٿيو هئو؟

مان: اوهين ڀلي خاطري ڪريو.

پاڻکن جي جاچ لاءِ آءٌ هتي درج ڪريان تہ اها خبر مونکي ان شخص ڏني جنهن تي شري جئرامداس جو سؤ سيڪڙو وشواس هئو. اهڙي ميڙ جي مونکي شخصي جاچ اڄ تائين ڪانہ ٿي آهي؛ مون وري ڪڏهن جاچ بہ ڪانہ ڪئي ڇو جو منهنجو خود ان شخص تي ١٠٠ سيڪڙو وشواس هئو ۽ مونکي خبر هئي

ڪاربہ ڪرڻ لاءِ موڪليندا سون.

آءٌ هار ڪانءِ ميٽنگ مان ٻاهر نڪتس. پر اجا بہ اُميد ڪانہ وڃايم، ڇو تہ ٽڪيٽن جي پڌرائي ڪانہ ڪئي وئي هئي.

ميٽنگ منجهند جي مانيءَ لاءِ برخواست ٿي. ورانديءَ ۾ ڊاڪٽر چوئٿرام وينو هوس. هُو تہ شخصي طور ڊاڪٽر گوبندرام جي فائدي ۾ هو پر جئرامداس جي رائي خلاف هو بہ زور ڏيڻ لاءِ تيار نہ هو. موڙهو هو تہ جئرامداس ڪي. آءٌ ڊاڪٽر سان ڳالهائيندي روئي پيس، اکين مان آنسوُ وهڻ لڳا. آواز رڪجي ويو. شري جئرامداس بہ ڪو ائين ٻاهر اچي ويو.

ڊاڪٽر کيس چيو: جئرام! هي ڏس ٻلديو جهڙو ڪم ڪندڙ هيئن روئي پيو، کيس ناراض ڪري اسين ڇو ڪشيند ڪي ٽڪيٽ ڏيون جڏهن ڊاڪٽر گوبندرام جي بہ ڪٽڻ جي پوري پوري خاطري آهي.

خبر نہ آهي انهو شري جئرامداس تي ڪو اثر ٿيو يا نہ ٿيو. شايد ڪونہ ٿيو. پڇيائين:

مانيءَ ڪاڏي اٿيئي.

مان: هيئر وڃي کائيندس.

هُو: چڱو تون مانيءَ مونسان کائج.

مانيءَ تي ويناسون. رڳو هُو ۽ مان اڪيلا هئاسون. هن ٻهڪيائيءَ ۾ خوش خبريافت پڇي، گهر جي ڳالهين جو پڇيو، ٻنا جن جو پڇيو، پوءِ هيئنئين گفتگوُ هلي:

مان: مان سمجهان ٿو تہ چوُنڊ جي باري ۾ تہ آءٌ ڪجهہ بہ ڳالهائي نٿو سگهان.

هُو: ڇو، ڇو ڪين. ڀلي چؤ جيڪي چوڻو هجيئي.

مان: اوهين مٿان چئو تہ جيڪي ڪجهہ توکي چوڻو هو سو ڪاميٽيءَ آڏو چئين ها.

١٤- جڏهن پهاڙ سامهون ڪڙو ٿيو - ناممڪن ڪمُ ممڪن بڻيو.

مون اڳئين ورق ۾ ڏيکاريو ته ڪيئن ١٩٤٥ جي چونڊن ۾ پرانتڪ اليڪشن ڪاميٽيءَ ڪان ڊاڪٽر گوبندرام کي ٽڪيٽ وٺي ڏيڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪيم. پر لڙائي اڃا اُتي ختم ڪانه ٿي، ڊاڪٽر ڪشنچند پرانتڪ ڪاميٽيءَ جي فيصلي خلاف مرڪزي بورڊ کي اپيل ڪئي. ٻين ٻن ٽڪن مان به نراس ٿيل اُميدوارن اپيلون موڪليون.

هينئر ته ڊاڪٽر چوئٿرام ۽ شري جئرامداس ٻنهي کي اڻ تڻ لڳي ته اهي اپيلون بحال نه ٿين ۽ سندن فيصلو قائم رکيو وڃي. سو ٻئي ڄڻا بمبئي ۽ دهليءَ ڏانهن چڙهي ويا. ٻه مکيه اڳوان جن جي آواز کي مانيتا هئي ۽ جي اپيلن جي باري ۾ هيڏانهن يا هوڏانهن ٿي ڪري سگهيا سي هئا سردار ولڀ ڀائي پٽيل ۽ مولانا ابوالڪلام آزاد.

سنڌ جي باري ۾ ابوالڪلام آزاد جي فتويٰ آخرين ٿيڻ واري هئي. سنڌ مسلم گهڻائيءَ وارو پرانت هو ۽ انڪري اهو پرانت مولانا آزاد کي سپرد ڪيو ويو هئو. ڊاڪٽر چوئٿرام ۽ شري جئرامداس جو سردار پٽيل سان بلڪل گهرو ناتو هو پر سردار ڪيئن چيو ته سنڌ جي باري ۾ جيڪي ڪجهه مولانا چوندو اُهوئي ٿيندو. مان ان ۾ دست اندازي ڪري نه سگهندس

۽ شري جئرامداس ان شخص کان ئي جاچ ڪندو.

نتيجو هي نڪتو ته پڌرائي روڪي وئي. ڏينهن ٻن ڪانپوءِ منهنجي پتا کي شري جئرامداس ۽ ڊاڪٽر گهرايو.

ڪيس چيائون اوهان تي هڪڙو ڪم رکون ٿا. شڪارپور جي ٻــن بينل شخصيتن (سوڳواسي) سيٺ پــرسرام پارومــل ۽ (سوڳواسي) پياري لعل سوپــراج کان تصديق ڪري ڏيو تــه جيڪڏهن ٽڪيت ڊاڪٽر گوبندرام کي ڏني وڃي تــه هوءَ ٻئي سندس پنيرائي ڪندا يا نه. پتاجن ٻنهي سان مليا ۽ ٻنهي اهو جواب ڏنــو تــه جنهن کــي بــه ٽڪيت ڏيندا انکي اسين مدد ڪنداسون. اِئين ان مشڪل چڪريءَ ۾ مــون سوڀ حاصل ڪئي. ٽڪيت ڊاڪٽر گوبندرام کي ملي.

ڪٿان هار ڪائي، آخر سياست کي الوداع ڪري لنڊن وڃي وڪالت ڪرڻ جو سوچي رهيو هئو تڏهن سنڌ اسيمبليءَ پاڪستان جي فائدي ۾ ٺهراءُ بحال ڪري جناح ميان ڪي نئون سياسي جيون عطا ڪيو. شايد هيءُ وڏاءُ هجي، ۽ برطانيه سرڪار ڪيئن به ديش جو ورهاڱو ڪري ئي ها، پر گهٽ ۾ گهٽ ايترو ٿئي ها ته ان لاءِ سنڌ جي مٿان نڪر نه پڇي ها. ان ۾ ذرا به شڪ نه آهي ته ڊاڪٽر چوئٿرام ۽ سندس ساٿين جي الله بخش کي ڇڏڻ هڪ وڏي ۾ وڏي سياسي غلطي هئي. پر اهو قصو ڪنهن ٻئي مضمون ۾.

پنهنجي ڪهاڻيءَ تي اچون. مرحوم خان بهادر الله بخش ۽ ڊاڪٽر ڪشنچند گهاٽي ۾ گهاٽا دوست هئا؛ اها ڳالهه تصور ۾ آڻڻ مشڪل هو ته مرحوم الله بخش جو ڀاءُ حاجي مولا بخش جو پاڻ سياسي جدوجهد ۾ مرڪزي رول ادا ڪري رهيو هئو ۽ مسلم ليگ جي خلاف مکيه وزيريءَ لاءِ پنهنجو داءُ اُڇلائڻ وارو هو، سو ڊاڪٽر ڪشنچند کي ڇڏي ڊاڪٽر گوبندرام جي پنيرائيءَ ۾ خط ڏيندو. هڪڙو ته ڊاڪٽر ڪشنچند سندس مرحوم ڀاءُ جو گهاٽو دوست هئو، ۽ ٻيو سنڌ جي سياست ۾ مکيه وزيري جي چڪريءَ ۾ ڪانگريس پارٽيءَ جي پنيرائي حاصل ڪرڻ لاءِ هو ڊاڪٽر ڪشنچند تي وڌيڪ ڀاڙي تي سگهيو بنسبت ڊاڪٽر گوبندرام جي جو اوس ڊاڪٽر چوئٿرام جي راءِ تي هلڻ وارو هئو. ٻئي طرف اها ڳالهه بلڪل چٽي ڪئي وئي هئي ته جيڪڏهن مولا بخش ڊاڪٽر گوبندرام جي پنيرائيءَ ۾ خط نه ڏنو ته اپيل ۾ ڊاڪٽر گوبندرام جي ٽڪيٽ رد ڪري هاءِ ڪمانڊ ڊاڪٽر ڪشنچند کي ٽڪيٽ ڏيندي. نهايت ئي مشڪل مسئلو بڻجي پيو.

آءٌ حاجي مولا بخش وٽ ويس. منهنجو به مٿس ڪجهه

۽ نه مولانا جي فيصلي کي ڦيرائي سگهندس. ان ڪري اوهين مولانا وٽ وڃو.

هڪ ڳالهه ٻي سردار پٽيل کين ڇٽي، اِئين مونکي ٻڌايو ويو. ڇي: مولانا آزاد تي مرحوم خان بهادر الله بخش جي ڀاءُ حاجي مولاي بخش جو گهڻي ۾ گهڻو اثر پوڻو آهي. مونکي ڄاڻ ملي آهي ته ڊاڪٽر ڪشنچند اِئين ڄاڻايو آهي ته حاجي مولاي بخش سندس پنيرائي ڪري رهيو آهي ۽ هو ڊاڪٽر گوبندرام کي قبول نه ڪندو. انڪري ضروري آهي ته اوهين مولا بخش کان خط حاصل ڪريو ته هو ڊاڪٽر گوبندرام جي فائدي ۾ آهي، يا گهٽ ۾ گهٽ اهڙو خط ڪانئس حاصل ڪريو ته جيڪڏهن ڊاڪٽر گوبندرام کي ٽڪيٽ ڏني وئي ته هنکي ڪو اعتراض ڪو نه ٿيندو. مونکي ڊاڪٽر چوئٿرام تار موڪلي ته اهڙو خط حاجي مولا بخش کان وٺي موڪل؛ ٻيءَ حالت ۾ هاءِ ڪمانڊ وارا ٽڪيٽ بدلائي ڊاڪٽر ڪشنچند کي ڏيندا. اِئين هڪ جبرو پهاڙ اچي منهنجي آڏو ڪڙو ٿيو. اها تقاضا پوري ڪرڻ ناممڪن ٿي لڳو.

هيءَ ڳالهه سمجهڻ جوڳي آهي. ڊاڪٽر چوئٿرام ۽ سندس گروهه هڪ وقت خان بهادر الله بخش جي خلاف ٿي ويا؛ جيتوڻيڪ خان بهادر الله بخش نه سنڌ ۾ مسلم ليگ جي راهه ۾ وڏي ۾ وڏو روڙهو بڻجي رهيو هئو. ڪن سياستدانن جو ته اهو ڪٿن آهي ته جيڪڏهن سنڌ جا ڪانگريسي ڊاڪٽر چوئٿرام جي غلط رهبريءَ جو مقابلو ڪن ها ۽ خان بهادر الله بخش کي مکيه وزيريءَ تان هٽائڻ ۾ هٿيو نه بڻجن ها ته شايد پاڪستان ئي نه بڻجي ها، ڇو ته سنڌ پهريون پرانت هو جنهن اسيمبليءَ مسلم ليگ وزارت جي ٺهڻ ڪارڻ پاڪستان جي فائدي ۾ ٺهراءُ بحال ڪيو. قائداعظم جناح جڏهن جتان

۱۴- جڏهن پهاڙ سامهون ڪڙو ٿيو - ناممڪن ڪمُن ممڪن بڻيو.

مون اڳئين ورق ۾ ذڪر ڪيو ته ڪيئن ۱۹۴۵ جي چونڊن ۾ پرانتڪ اِليڪشن ڪاميٽيءَ ڪان ڊاڪٽر گوبندرام کي ٽڪيٽ وٺي ڏيڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪيم. پر لڙائي اڃا اُتي ختم ڪانه ٿي، ڊاڪٽر ڪشنچند پرانتڪ ڪاميٽيءَ جي فيصلي خلاف مرڪزي بورڊ کي اپيل ڪئي. ٻين ٻن ٽڪن مان به نراس ٿيل اُميدوارن اپيلون موڪليون.

هيڏانهن ته ڊاڪٽر چوئٿرام ۽ شري ڄئرامداس ٻنهي کي اڻ ترڻ لڳي ته اهي اپيلون بحال نه ٿين ۽ سندن فيصلو قائم رکيو وڃي. سو ٻئي ڄڻا بمبئي ۽ دهليءَ ڏانهن چڙهي ويا. ٻه مکيه اڳوان جن جي آواز کي مانيتا هئي ۽ جي اپيلن جي باري ۾ هيڏانهن يا هوڏانهن ٿي ڪري سگهيا سي هئا سردار ولڀ ڀائي پٽيل ۽ مولانا ابوالڪلام آزاد.

سنڌ جي باري ۾ ابوالڪلام آزاد جي فتويٰ آخرين ٿيڻ واري هئي. سنڌ مسلم گهڻائيءَ وارو پرانت هو ۽ اِنڪري اهو پرانت مولانا آزاد کي سپرد ڪيو ويو هئو. ڊاڪٽر چوئٿرام ۽ شري ڄئرامداس جو سردار پٽيل سان بلڪل گهرو ناتو هو پر سردار ڪيئن چيو ته سنڌ جي باري ۾ جيڪي ڪجهه مولانا چوندو اُهوئي ٿيندو. مان ان ۾ دستاندازي ڪري نه سگهندس

اڳ هئو جو سندس ڪٽنب جو اسانجي گهر سان به گهاٽو ناتو هو. حاجي صاحب سان پنهنجي ڳالهه ڪيم. حاجي مولا بخش چيو ”ٻڌيو، تون سمجهي سگهين ٿو ته مان ڊاڪٽر ڪشنچند جي خلاف ڊاڪٽر گوبندرام لاءِ خط ڏيئي سگهندس. توکي خبر آهي ته ڊاڪٽر ڪشنچند جو خان بهادر الله بخش سان ڪيترو گهاٽو ناتو هو. تنهن سواءِ سياسي چڪريءَ ۾ ڊاڪٽر ڪشنچند منهنجو ساٿي بڻبو، پوءِ مان ڪيئن اهڙي قسم جو خط ڏيان؟“

مون کيس چيو ته اوهين رڳو لکي ڏيو ته جيڪڏهن ڊاڪٽر گوبندرام کي ٽڪيٽ ملي ته مونکي اعتراض ڪونه ٿيندو.

چيائين پر سو به هاءِ ڪمانڊ ڪو مون کان پڇيو ٿورو ئي آهي. مان پنهنجي ليکي ڪيئن اهڙو خط ڏيندس. مون ته ڪشنچند کي به ڪو خط ڪونه ڏنو آهي.

”پر هن ته اوهانجو نالو ڪٽب آندو آهي نه“ مون چيو.

”تنهنڪري مان ڇا ٿو ڪري سگهان.“ حاجيءَ چيو. ”هونئين جي هاءِ ڪمانڊ مون کان پڇي ته ڪٿي مان چوندس ڀلي ڪنهنکي به ٽڪيٽ ڏيو. پر مان ائين پنهنجي سر خط لکي ڪونه ڏيندس.“

آءٌ نراس ٿي ٻاهر نڪتس. جيم ڪئيل راند هيئڙو هارجي ٿي چڪو ته ڊاڪٽر چوئٿرام بلڪل صاف لکيو هو ته حاجي مولا بخش جو خط نه هٿ ڪري سگهنديس ته ٽڪيٽ ڊاڪٽر ڪشنچند کي ملي ويندي.

ائين سوچيم پئي ته هڪ رستو سجهي آيو. حاجي مولا بخش جي گهر سامهون ئي شڪارپوري زميداري بئنڪ جي آفيس هئي جنهنجو مئنيجر جڳ حاجي مولا بخش جو سياسي

ڪٿان هار کائي، آخر سياست کي الوداع ڪري لنڊن وڃي وڪالت ڪرڻ جو سوچي رهيو هئو تہ ڏهن سنڌ اسيمبليءَ پاڪستان جي فائدي ۾ ٺهراءُ بحال ڪري جناح ميان کي نئون سياسي جيون عطا ڪيو. شايد هيءُ وڏاءُ هجي، ۽ برطانيہ سرڪار ڪيئن بہ ديش جو ورهاڱو ڪري ٿي ها، پر گهٽ ۾ گهٽ ايترو ٿئي ها تہ ان لاءِ سنڌ جي مٿان ٺڪر نہ ڀڄي ها. ان ۾ ذرا بہ شڪ نہ آهي تہ ڊاڪٽر چوئٿرام ۽ سندس ساٿين جي اللهه بخش کي ٽوڙڻ هڪ وڏي ۾ وڏي سياسي غلطي هئي. پر اهو قصو ڪنهن ٻئي مضمون ۾.

پنهنجي ڪهاڻيءَ تي اچون. مرحوم خان بهادر اللهه بخش ۽ ڊاڪٽر ڪشنچند گهاٽي ۾ گهاٽا دوست هئا، اها ڳالهه تصور ۾ ئي آڻڻ مشڪل هو تہ مرحوم اللهه بخش جو ڀاءُ حاجي مولا بخش جو پاڻ سياسي جدوجهد ۾ مرڪزي رول ادا ڪري رهيو هئو ۽ مسلم ليگ جي خلاف مکيہ وزيريءَ لاءِ پنهنجو داءُ اُڇلائڻ وارو هو، سو ڊاڪٽر ڪشنچند کي ڇڏي ڊاڪٽر گوبندرام جي پنيرائيءَ ۾ خط ڏيندو. هڪڙو تہ ڊاڪٽر ڪشنچند سندس مرحوم ڀاءُ جو گهاٽو دوست هئو، ۽ ٻيو سنڌ جي سياست ۾ مکيہ وزيري جي چڪريءَ ۾ ڪانگريس پارٽيءَ جي پنيرائي حاصل ڪرڻ لاءِ هو ڊاڪٽر ڪشنچند تي وڌيڪ ڀاڙي ٿي سگهيو بنسبت ڊاڪٽر گوبندرام جي جو اوس ڊاڪٽر چوئٿرام جي راءِ تي هلڻ وارو هئو. ٻئي طرف اها ڳالهه بلڪل چٽي ڪئي وئي هئي تہ جيڪڏهن مولا بخش ڊاڪٽر گوبندرام جي پنيرائيءَ ۾ خط نہ ڏنو تہ اپيل ۾ ڊاڪٽر گوبندرام جي ٽڪيٽ رد ڪري هاءِ ڪمانڊ ڊاڪٽر ڪشنچند کي ٽڪيٽ ڏيندي. نهايت ئي مشڪل مسئلو بڻجي پيو.

آءٌ حاجي مولا بخش وٽ ويس. منهنجو بہ مٿس ڪجهہ

۽ نہ مولانا جي فيصلي کي قبوليءَ سگهندس. ان ڪري اوهين مولانا وٽ وڃو.

هڪ ڳالهہ بہ سردار پٽيل کين چئي، اِئين مونکي ٻڌايو ويو. ڇي: مولانا آزاد تي مرحوم خان بهادر الله بخش جي پاءُ حاجي مولا بخش جو گهڻي ۾ گهڻو اثر پوڻو آهي. مونکي ڄاڻ ملي آهي تہ ڊاڪٽر ڪشنچند اِئين ڄاڻايو آهي تہ حاجي مولا بخش سندس پنيرائي ڪري رهيو آهي ۽ هو ڊاڪٽر گوبندرام کي قبول نہ ڪندو. انڪري ضروري آهي تہ اوهين مولا بخش کان خط حاصل ڪريو تہ هو ڊاڪٽر گوبندرام جي فائدي ۾ آهي، يا گهٽ ۾ گهٽ اهڙو خط ڪانئس حاصل ڪريو تہ جيڪڏهن ڊاڪٽر گوبندرام کي ٽڪيٽ ڏني وئي تہ هنکي ڪو اعتراض ڪو نہ ٿيندو. مونکي ڊاڪٽر چوئٿرام تار موڪلي تہ اهڙو خط حاجي مولا بخش کان وٺي موڪل؛ ٻيءَ حالت ۾ هاءِ ڪمانڊ وارا ٽڪيٽ بدلائي ڊاڪٽر ڪشنچند کي ڏيندا. اِئين هڪ جبرو پهاڙ اچي منهنجي آڏو ڪڙو ٿيو. اها تقاضا پوري ڪرڻ ناممڪن پئي لڳو.

هيءَ ڳالهہ سمجهڻ جوڳي آهي. ڊاڪٽر چوئٿرام ۽ سندس گروهہ هڪ وقت خان بهادر الله بخش جي خلاف ٿي ويا؛ جيتوڻيڪ خان بهادر الله بخش ئي سنڌ ۾ مسلم ليگ جي راهہ ۾ وڏي ۾ وڏو روڙهو بڻجي رهيو هئو. ڪن سياستدانن جو تہ اهو ڪٿن آهي تہ جيڪڏهن سنڌ جا ڪانگريسي ڊاڪٽر چوئٿرام جي غلط رهبريءَ جو مقابلو ڪن ها ۽ خان بهادر الله بخش کي مکيہ وزيريءَ تان هٽائڻ ۾ هٿبو نہ بڻجن ها تہ شايد پاڪستان ئي نہ بڻجي ها، ڇو تہ سنڌ پهريون پرانت هو جنهن اسيمبليءَ مسلم ليگ وزارت جي نهڻ ڪارڻ پاڪستان جي فائدي ۾ ٺهراءُ بحال ڪيو. قاعداعظم جناح جڏهن حتان

صلاحڪار بہ هئو. منجهس ٻنهي ڀائرن جو وشواس هوندو هو. منهنجو بہ هن سان دوستاڻو ناتو هو. سو ونس لنگهي ويس ۽ کيس چيم تہ حاجي صاحب کان هڙو خط وٺي ڏيو. چيائين تون ڀاڻ ونس ڇو ڪين ٿو وڃين. مون کيس چيو تہ آءٌ وٽائونس ٿي آيو آهيان ۽ هن مونکي خط ڏيڻ کان اِنڪار ڪيو. چيائين جي توکي اِنڪار ڪئي اٿس تہ مونکي ڪيئن ڏيندو.

”ڏيندو“ مون چيو.

”ڪيئن ٿو چوين؟“

”اوهان کيس هي دليل ڏجو. ڊاڪٽر گوبندرام کي ٽڪيٽ ملي آهي. اپيل ۾ ٽڪيٽ بدلجي ڊاڪٽر ڪشنچند کي ملندي انهي کهڙي خاطري. ڊاڪٽر ڪشنچند کي جي ملي ۽ هو چوندجي آيو تہ هو اوهانجو ساٿي ۽ مددگار ٿيندو ئي آهي. اوهين ڊاڪٽر گوبندرام کي اِنڪار ڪري، اڄ کان ئي کيس پنهنجو مخالف ڇو ٿا بڻايو؟“

”پوءِ تو اهو دليل مولابخش کي ڇو ڪين ڏنو؟“ مٺو پڇيو.

”مون اهو دليل نہ ڏنو جو مون وٽان اهو دليل کيس تسڪين ڪو نہ ڏيندو. هو چوندو تہ ٻلديو ڊاڪٽر گوبندرام جو طرفدار آهي انڪري تو اهو دليل ڏنئي، پر توهين ڏيندا تہ اُن جو اثر ٻيڻ وارو آهي ڇو تہ پوءِ هو سمجهندو تہ اهو دليل منهنجي هڪ وشواسي مٺو وٽان آيو آهي انڪري ضرور ان ۾ وزن هوندو.“

خبر نہ آهي کيس دليل جي سچائيءَ اثر ڪيو، يا سندس بہ همدردي ڊاڪٽر گوبندرام سان هئي يا مونکي ”نانهن“ نہ ٿي ڪري سگهيو. ڪيئن بہ هو مولابخش وٽ ويو ۽ ١٠ منٽن ۾ ڪانئس گهربل خط آڻي ڏنائين.

اُن هئُو جو سندس ڪتب جو اسانجي گهر سان بہ گهاٽو ناتو هو. حاجي صاحب سان پنهنجي ڳالهہ ڪيم. حاجي مولا بخش چيو "بلديو، تون سمجهي سگهين ٿو تہ مان ڊاڪٽر ڪشنچند جي خلاف ڊاڪٽر گوبندرام لاءِ خط ڏيئي سگهندس. توکي خبر آهي تہ ڊاڪٽر ڪشنچند جو خان بهادر اللهہ بخش سان ڪيترو گهاٽو ناتو هو. تنهن سواءِ سياسي چڪريءَ ۾ ڊاڪٽر ڪشنچند منهنجو ساٿي بڻبو، پوءِ مان ڪيئن اهڙي قسم جو خط ڏيان؟"

مون کيس چيو تہ اوهين رڳو لکي ڏيو تہ جيڪڏهن ڊاڪٽر گوبندرام کي ٽڪيٽ ملي تہ مونکي اعتراض ڪونہ ٿيندو.

چيائين پر سو بہ هاءِ ڪمانڊ کو مون کان پڇيو ٿورو ئي آهي. مان پنهنجي ليکي ڪيئن اهڙو خط ڏيندس. مون تہ ڪشنچند کي بہ ڪو خط ڪونہ ڏنو آهي.

"پر هن تہ اوهانجو نالو ڪتب آندو آهي نہ" مون چيو.

"تنهنڪري مان چا ٿو ڪري سگهان." حاجيءَ چيو. "هرويرو جي هاءِ ڪمانڊ مون کان پڇي تہ ڪٿي مان چوندس پلي کيهنکي بہ ٽڪيٽ ڏيو. پر مان ائين پنهنجي سر خط لکي ڪونہ ڏيندس."

آءٌ نراس ٿي ٻاهر نڪتس. چيم ڪئبل راند هيئنءَ هار جي ٿي چو تہ ڊاڪٽر چوئٿرام بلڪل صاف لکيو هو تہ حاجي مولا بخش جو خط نہ هٿ ڪري سگهندين تہ ٽڪيٽ ڊاڪٽر ڪشنچند کي ملي ويندي.

ائين سوچيم پئي تہ هڪ رستو سجهي آيو. حاجي مولا بخش جي گهر سامهون ئي شڪارپوري زميداري بئنڪ جي آفيس هئي جنهنجو مئنيجر جڳ حاجي مولا بخش جو سياسي

١٥- جڏهن پرم مڱڇايو ۽ پل ۾ ڊاڪٽر پرم لاهي ڇڏيو.

سرڳواسي ڊاڪٽر ڪشنچند ۽ ڊاڪٽر گوبندرام پنجابيءَ جي وچ ۾ ڪانگريس ٽڪيٽ لاءِ جا ڇڪري لڳي هئي تنهن بنسبت هڪڙو وڏيڪ دلچسپ واقعو ياد ٿو اچيم جو ٻه اڳو پوءِ پاڙڪن جي دلچسپيءَ لاءِ درج ڪري ٿو ڇڏيان.

ان ڇڪريءَ هلندي روزانو اسان وٽان سنڌ جي ڪانگريس جي هاءِ ڪمانڊ وٽ تارون پيون وينديون هيون- ڪي ڊاڪٽر گوبندرام جي پنيرائيءَ ۾، ڪي وري ڊاڪٽر ڪشنچند جي پنيرائيءَ ۾. ڪم ڪندڙن وٽان تارون، شاگردن وٽان تارون، واپارين وٽان تارون، مطلب تارون، تارون، تارون.

ان ڇڪريءَ هلندي ٢ آڪٽوبر مهاتما گانڌيءَ جي جنم جو ڏينهن آيو. شڪارپور جي چيلاسنگهه سيتلداس ڪاليج ۾ شاگردن اهو ڏينهن ملهائڻو ڪيو. ڪنهن شرارتي شاگرد اڳوان ڇا ڪيو جو ٻنهي آسامين، ڊاڪٽر ڪشنچند ۽ ڊاڪٽر گوبندرام کي، نوتو موڪلائڻ جو بندوبست ڪيو ته اچي ان ڏينهن ڪاليج ۾ مهاتما گانڌيءَ جي جيون ڪاريه تي ڀاشڻ ڏيو.

مونکي ڏاڍي چنتا وٺي وئي. مونکي ڏر ورتو ته ان شرارت جي پنيان ڪا سازش آهي. شايد مقصد اهو آهي ته ڏيکارجي ته ڊاڪٽر ڪشنچند کي مهاتما گانڌيءَ جي فيلسوفيءَ ۽ جيون

آءٌ جيت جي خوشيءَ ۾ سڌو تار آفيس ۾ ويس ۽ خط جو مضمون تار رستي ڊاڪٽر چوئٿرام کي موڪليم. ان خط ڪم ڪيو. ڊاڪٽر گوبندرام جي ٽڪيٽ بحال ڪئي وئي.

خبر نه آهي ته پڇاڙيءَ تائين ڊاڪٽر ڪشنچند کي پتو پيو يا نه، ته ڪيئن سندس اپيل رد ٿي. هُو ته مولانا آزاد سان روبرو ملي آيو هئو ۽ ٽڪيٽ ملڻ جي خاطري پاڻ سان کڻي آيو هو.

ڊاڪٽر ليلارام ڦيرواڻي (شل سندس آتما سرڳ ۾ هجي) هڪ دفعو ڊاڪٽر ڪشنچند جي هڪ همايتيءَ کي سڏ ڪري چيو "وچ وچي ڊاڪٽر ڪشنچند کي چئه جيسين تو بلديو جي پنيرائي حاصل نه ڪئي آهي، تيسين توکي ٽڪيٽ جو ملڻ ناممڪن آهي."

سندس اڳڪٿي سچي نڪتي!

ڇنتا ۽ انتظاريءَ جــو شڪار بڻبو آهي. مون سان بہ اُهائي ويندن هئي.

پوءِ ٻه ڀائيين ڊاڪٽر ڪشچند ڪــي سڏ ٿيو. آهستي آهستي گنڀير ۽ بزرگــي قـدمــن سان هوُ منچ تــي آيــو ۽ ڀاشڻ شروع ڪيائين. واهہ جو مهاتما گانڌيءَ جي سکيائــن جي سمجهاڻــي ڏنائين. موزون شبدن ۾ ڏيــوي ڏيــوي، ڇيدي ۽ ساهتڪ ڀاشا ۾ هوُ مهاتما جي فيلسوُفيءَ جو ورنن ڪرڻ لڳو ۽ انجي سمجهاڻي ڏيڻ لڳــو. ٻڌندڙ بلڪل ئي سانت ۾ ۽ ڌيان سان ڪيس ٻڌندا رهيا. اهو بہ قانون آهي تہ ٻـڌنـدڙ بلڪل ڌيان سان ڪنهن وڪتا کي ٻڌندا آهن تہ وڪتا جو حوصلو وڌي ويندو آهي ۽ تيئن هنجو ڀاشڻ وڌيڪ اثردار بڻبو آهي. هتي بہ ساڳي ڪيفيت هئي. تارين جي ڦهڪن ۾ ڊاڪٽر صاحب جي تـقرير ختم ٿي. ٣٠ منٽ سانده هڪ نهايت ئي فصيح تقرير ٻڌيسون ۽ ٻڌنـدڙ ڪرتارٿ ٿي ويا.

پوءِ ڊاڪٽر گوبندرام اُٿيو. هوُ اُٿيو تہ منهنجي دل ٻڏڻ لڳي. ڇيم ڊاڪٽر ڪشچند جي ڀيٽ ۾ هنجي تقرير ڪهڙو اثر ڪندي؟ خير. ڊاڪٽر صاحب منچ تي آيو، سندس موُنهن ۾ مون ذرا بہ انتظاري يا پريشاني ڪانہ ڏٺي. بلڪل ئي آتم وشواس سان پــرُ، همٿ ۽ جرئت ڀريل تيز قدمن سان اڳتي وڌيو ۽ هال ۾ درشڪن ڏانهن هڪ نظر اُڇلائي ڀاشڻ شروع ڪيائين.

ڊاڪٽر ڪشچند هڪ سڪالــر واري تقرير ڪئي هئي جنهن ۾ مهاتما گانـڌيءَ جي ستيہ ۽ اهنسا جي سڌانتــن جي بي نظير سمجهاڻي ڏني هئائين. آخر هن جاتو ٿي تہ ڪاليجي شاگردن آڏو ڪهڙو هو جنتي ذهني قابليت جو درشن ڪرائڻ لازمي هو.

جي وڏيڪ جاڻ آهي ۽ هوُ وڏيڪ فصيح وڪتا آهي. نہ تہ
ڪو ڊاڪٽر گوبندرام تقريون ڪونہ ڪندو هو. شڪارپور
ڪانگريس ڪاميٽيءَ جي پريزيڊنٽ هئڻ جي حيثيت
سياويڪ هو ڪانگريس طوفان ڪونايل هر ميڙ جو سياڻپي تي
ڪاروائي هلائيندو هو ۽ انڪري سياويڪ ڳالهائيندو بہ هو.
ڪاليجي وديارٿين اڳيان تہ انگريزيءَ ۾ ڳالهائڻو هو ۽ مون
ڊاڪٽر جي ڪڏهن انگريزيءَ ۾ تقرير ڏني ئي ڪانہ هئي.

ٻئي طرف ڊاڪٽر ڪشنچند کي انگريزي ڀاشا جي چڱي
چوکي جاڻ هئي ۽ انگريزيءَ ۾ تقريون ڪرڻ جو ابياس بہ هوس.
تنهن سواءِ مکيہ ڳالهہ اها هئي جو هن گانڌيجيءَ جي ساهتيہ
جو خاصو ابياس ڪيو هو. ڪئي بہ مهاتما گانڌيءَ جي سکيائن
جي باري ۾ ڪا چرچا هلندي هئي تہ تمام قابليت سان هوُ
مهاتما جي سکيائن جي سمجهاڻي ڏيندو هو. آءٌ اڌ چرچي ۽
اڌ سايبا ۾ چوندو هوس تہ جهڙيءَ طرح لارڊ بالعبروڪ چوندو
هو تہ دنيا ۾ ٽي ودوان ٿي گذريا آهن- ارسٽو، بيڪن ۽
ٽيون هوُ خود؛ ساڳيءَ طرح سنڌ ۾ مهاتما جي سکيائن سمجهڻ
۾ ٽن ڄڻن ماهرت حاصل ڪئي آهي، هڪ شري ڄيرامداس
ٻيو ڊاڪٽر ڪشنچند ۽ ٽيون هن ٻندي. انڪري چننا ورايم تہ
ڊاڪٽر گوبندرام الاجي هن چنايتيءَ مان ڪيئن پار نڪرندو.
جيڪڏهن ڪٿي ناڪام ٿيو تہ ٻئي ڏينهن هاءِ ڪمانڊ وٽ
تارون ويندريون تہ ڊاڪٽر کي تقرير ڪرڻ ئي ڪانہ ٿي
اچي وغيره.

جلسو شروع ٿيو. آءٌ ڏاڍيءَ آتوريلا ۾ هوس؛ جنهن
چنايتيءَ ۾ منهنجي پنهنجي قسمت جو فيصلو ٿيڻو هو. اها
هڪ معووگياني حقيقت آهي تہ اڪثر چوُنڊن جي چنايتيءَ ۾
اُميدوارن جي پيٺ ۾ سنڌن مکيہ ۾ مکيہ ڪم ڪندڙ وڏيڪ

تي الاجي ڪيترين سينچرين کيون هونديون، پوءِ مونکي چيو
ڪين ڪنهن ڇوڪريءَ ائين اچي ڪڏهن مٿي ڏني. "پر"،
بابيءَ لکيو، "مرچنٽ، تون جيسين سينچري پوري ڪندو
هئين تيسين درشڪن کي ننڊ اچي ويندي هئي."

ڊاڪٽر گوبند رام شڪارپور جي هڪ ڪاليج هال ۾
ياشرط ڪري رهيو هئو، جتي ڪاٻه پارسي ڇوڪري ڪانه
هئي، ۽ هجي ٻه ها ته، ڊاڪٽر صاحب شايد مشڪي، نمستي
ڪري سندس وار گسائي ڇڏي ها؛ ڇو ته اُها شڪارپور هئي،
سنه ١٩٤٥ هئو ۽ ڊاڪٽر گوبند رام عباث نه آهي.

ڊاڪٽر گوبندرام هڪ لڙاڪو ڪانگريسيءَ جي نوع ۾ ڀاشڻ شروع ڪيو. هن ستيه ۽ اهنسا کي هڪ طرف رکي مهاتما گانڌيءَ آزاديءَ جي پڌ ۾ جا ديش جي بي نظير اڳواڻي تي ڪئي تنهن جو ذڪر شروع ڪيو. ڊاڪٽر ڪشنچند پڌنڌڙن جي دماغ کي طراوت ڏني هئي، ڊاڪٽر گوبندرام سندن دلين ۾ جوش ۽ اُتساهه ڦوڪڻ لڳو. خبر نه آهي ڪٿان پريرڻا حاصل ڪري آيو هو؛ سندس شبدن ۾ جيڪڏهن ڊاڪٽر واري نزاڪت ۽ سُوڪيمتا نه هئي ته انهي عيوض منجهن شڪتي ۽ جذبو هو، سندس آواز وڏيڪ بلند هو ۽ ان ۾ وڏبڪ لرزش هئي. هڪ گفتو چيائين جنهن جادُوي اثر ڪيو ۽ تاڙين جو ٺهڪو پئجي ويو.

Sooner or later, sooner rather than later, our country is bound to be free ... ...

اڄ يا سڀاڻي، سڀاڻي جو اڄ ئي، اسانجو ديش آزاد ٿيڻ وارو آهي.

ان هڪڙي گفتي ڪارڻ ئي جڻ فصاحت جي چٽاڀيٽيءَ ۾ کيس جيت حاصل ٿي.

آءٌ اڄ جڏهن مٿيون واقعو درج ڪري رهيو آهيان تڏهن ڪرڪيٽ جي جڳت جو هڪ ٽوٽڪو ٿو ياد پويم. بمبئي ۾ هڪ ڀيرڏيهي ٽيم ۽ پارٽي ٽيم جي وچ ٽيسٽ مئچ هلي رهي هئي. هڪ پارٽي کيڏاري عباث علي بيگ نهايت عاليشان راند کيڏي رهيو هئو. جڏهن هن ١٠٠ رنسون پوريون ڪيون تڏهن هڪ پارسي ڇوڪري پنهنجي ٽنبوءَ مان اُٿي راند جي ميدان تي ڊوڙي وئي ۽ وڃي بيگ جي ڳل تي مٺي ڏنائين.

بابي تلميارخان ان واقعي جو ذڪر ڪندي لکيو: شري وجيه مرچنٽ دل ۾ چوندو هوندو ته مون ڪرڪيٽ جي ميدان

ڪاني ڪانپور ۾ شريمتي اِندرا گانڌي جدا جدا آيل مکيه ماڻهن سان ۽ اخبار وارن سان غير-رسمي دستور، (*Informally*) ڪجهه ٿورو پيهنجيائيءَ جي نموني ملي رهي هئي. هوءَ هڪ ٽيبل پوسان بيٺي هئي ته ڪيترا مترو، فوٽوگرافر، اخبار نويس اُتي اچي ڪٺا ٿيا. ڪيترا مترو ڪانئس آٽوگراف وٺي رهيا هئا.

ان سمي آءٌ گانڌي گرنٿ تيار ڪري رهيو هوس جو ذري گهٽ اچي پورو ٿيو هو. اهو گرنٿ آءٌ پاڻ سان کڻي ويو هوس. من ۾ لالسا هئي ته سندس آٽوگراف ان گرنٿ لاءِ ڪنهن فوٽي تي وٺندس ۽ اهو فوٽو گرنٿ ۾ وجهندس. موقعو بلڪل ئي سٺائو ملي ويو. جو به اخبار نويس يا ملاقي ڪانئس آٽوگراف گهري رهيو هو انکي هوءَ خوشيءَ سان ڏئي پيئي ۽ به اکر قرب ۽ پيهنجيائيءَ جا ساڻس ڳالهائي رهي هئي.

سندس ٽيبل جي پوسان آءٌ به بيٺو هوس. گرنٿ منهنجي هٿ ۾ هو. ڪانئس رڳو هڪ يا ٻن فوٽن جي دوريءَ تي هوس. رڳو گرنٿ سندس آڏو رکڻ جي دير هئي ۽ هوءَ دستخط ڪري ها. ٻيا اخبار نويس ۽ فوٽوگرافر مونکي همٿائي رهيا هئا، ڪجهه منهنجي عمر جي لحاظ کان ۽ ڪجهه کاديءَ جي ڊريس جي لحاظ کان. هڪڙو بمبئي جي هڪ پرسٽ روزاني اخبار جو فوٽوگرافر عيوضي به اتي بيٺو هو. هن ڪئميرا تيار ڪري مونکي چيو مسٽر گاجرا ڪتاب کوليو، ڪانئس آٽوگراف وٺو ته آءٌ اوهانجو فوٽو ڪيدان. ڪانئس آٽوگراف وٺان ها ۽ اهو فوٽو نڪري ها ته ڪيڏو نه اهو منهنجي لاءِ خوشيءَ ۽ فخر جو سرچشمو بڻجي پوي ها.

پر الاجي ڇو من اندر هڪ جدوجهد هلي رهي هئي. ڪانئس آٽوگراف وٺان يا نه وٺان. اهو زمانو هو جڏهن ڪانگريس ڦٽي به ڦاڪون ٿي هئي. اسانجي چوياريءَ ۾ هڪ ساٿي هو

١٦- جڏهن مون اندرا کان آٽوگراف نه ورتو

وڏن نيتائن سان فوٽو ڪڍائڻ ۽ انهن جو آٽوگراف هٿ ڪرڻ جو ڪنهن ڪنهن کي نه شوق ٿيندو هوندو. ڪي وڏي ماڻهو ڏسڻ جي چاهنا جي پورتيءَ لاءِ ان قسم جو شوق رکندا آهن؛ ڪي ذاتي واپار ۾ فيض حاصل ڪرڻ جي چاهنا خاطر منتظر هوندا آهن؛ ڪي يادگار قائم رکڻ جي خيال کان ته سندن ايندڙ پيڙهيون ان ڳالهه تي فخر وٺي سگهن ته اسانجو پيءُ، ڏاڏو يا پڙڏاڏو ڪيڏو نه وڏو ماڻهو هئو. هيءَ هڪ سڀاويڪ ڪمزوري آهي جنهن کان مشڪل ڪو آجو هوندو.

١٩٧٠ يا ١٩٧١ جو واقعو آهي. پالگهر پرسان تاراپور ۾ جو اسانجو ائٽمي مرڪز آهي انجي سلسلي ۾ ڪو شاهي اُتسوُ ٿيڻو هو جنهن جو سڀاپتي پد پرڌان منتري اندرا گانڌيءَ کي سينگارڻو هو يا اُن ڪيندر جي ڪنهن نئين وڀاڳ جو ڪيس اُدگهاٽن ڪرڻو هو.

اخبار وارن کي اُتي اچڻ جو نوتو مليل هو ۽ بمبئي مان اخبار وارن کي اُتي وٺي وڃڻ لاءِ ريلوي وارن هڪ خاص گاڏي هلائڻ جو پربند ڪيو هو. آءٌ به ٻين اخبار وارن سان گڏ جي تاراپور ڏانهن ويس. پالگهر ريلوي سٽيشن تان تاراپور پهچائڻ لاءِ موٽر بسين جو پربند ڪيو ويو هئو.

جلسو عاليشان هو. اُتسوَ جي سماپتيءَ کانپوءِ کاڌو ٿيو.

١٧- جڏهن ٻه مهان ڏيهن جي لاءِ سا جو تياڳ ڪيو

سياسي کيتر ۾ ۽ ڌرمي کيتر ۾ اوهان مهان هستين جا واقعا پڙهيا هوندا جڏهن هنن پبلڪ ڪارڻ ڪندي عظيم شخصي قربانيون ڪيون آهن، ۽ موهه تياڳ جا لاثاني مثال پيش ڪيا آهن. پنڊت ليکرام جي جيون چرتر ۾ هڪڙو پرسنگ اچي ٿو ته سندس پٽ موت جي بستري تي پيو هو جڏهن ڪيس تار آئي ته فلاڻي ڪي فلاڻي شهر ۾ هيترا هندو مسلمان ٿيڻ وارا آهن ۽ تون يڪدم اچ ۽ اچي ڪين بچاءِ. هو پٽ کي موٽڻ حالت ۾ ڇڏي اوڏانهن هليو ويو ۽ وڃي انهن هندن کي مسلمان ٿيڻ کان بچايائين. ان وچ ۾ سندس پٽ شايد ڪال جو شڪار ٿي ويو. ڪوي اها ڪهاڻي دل اُتاريندڙ بند ۾ قلمبند ڪئي آهي. جڏهن ماتا کيس ٻاڏائيندي چوي ٿي ته تون پنهنجي لعل کي هيئن ڪال جي مونهن ۾ ڏسي ٻه ڪيئن ٿو وڃين تڏهن هن جواب ۾ چيو:

مٽن جاتا هون هزارين لعل جاتي کي بچاني کو

اهڙا بيا ڪيئي مثال اتهاس ۾ اوهانکي ملندا. انهن مهان هستين کي هزار وار پرڻام. چوٿي پڙهائي تي اهڙو واقعو پنهنجي ڪٽنب ۾ ٻه ٿيو آءُ ٻڌندو آهيان. ماتا ڪڏهن مون جي پيڙا مان چوندي آهي تنهنجو ننڍڙو ڀاءُ هرديو جڏهن موت جي بستري تي پيو هو تڏهن پٽهي آريه سماج جي منچ تي

جنهنکي ان ڦوٽ آڻڻ ۾ شريمتي اندرا گانڌيءَ جو جيڪو رول هو سو پسند ڪونہ آيو هو ۽ انڪري هوءَ سندس آلوچڪ ٿي پيو هو. راڄن جو متيبڊ ٿئي ٿو. ايمانداريءَ وارا متيبڊ ۽ راڄن جا فرق زندگيءَ جو هڪ ملهائتو انش آهن. راڄن جو متيبڊ لاشڪ هن حالت ۾ هئو مگر پرسپر ڦوٽ ڪونہ هليو ويو هئو. هڪ ٻئي سان پريت قائم هئي ۽ هڪ ٻئي لاءِ پريم، شردا ۽ عزت ۾ ڪا ڪمي ڪانہ آئي هئي.

من اندر هلندڙ جدوجهد جو ڪارڻ اهو جو سوچڻ لڳس تہ منهنجو اهو آٽوگراف وٺڻ ۽ انکي گانڌي گرنٿ ۾ درج ڪرڻ جنهنجي تيار ڪرڻ ۾ ان مترَ جو ساٿ ۽ سهيوگہ جهجهو هو، ڪيئن ڪيئن پاسندو. ڪٿي سندس دل کي ڌڪ تہ نہ رسندو. آخر اندرا گانڌيءَ جو آٽوگراف گانڌي گرنٿ ۾ اچڻ ڪا بنيادي ضرورت ڪانهي. ان چاهنا جي پنيان پاونا تہ ايمان جي سمايل آهي نہ. جيم پنهنجي هڪ پرم مترَ ۽ جيون پر جي ساٿيءَ جي دل کي رنج ڪرڻ جي موقعي کي ٽارڻ مٿان پنهنجي من جي ڪجهہ وڏي ماڻهو ڏسجڻ جي چاهنا قربان.

هوءَ اخبار نويس ۽ فوٽوگرافر مونکي هٿندو ڏسي حيران ٿي ويا. ڪين ڪهڙي جاڻ تہ منهنجي من ۾ ڇا وهي رهيو هو.

سال پوءِ جڏهن ان پنهنجي مترَ سان ان واقعي جو ذڪر ڪيم تڏهن هن ڦرب مان هي شبد چيا:

” ڏاڍو ڪو ڀيلو آهين.“

پيس ڇا ڪريان. آخر اندر مان پڙپڙاٽو ٿي ته نه وڃ. آءٌ ڪونه ويس؛ ۽ ايشور جي قدرت ڇاڇي انهن ٻن ڏينهن ۾ ئي سرڳواس ٿي ۽ مون سندس ڪرم تي ٻيهي ڪريا ڪرم پورو ڪيو. هليو وڃان ها ته جيئن پڻ من کي پيڙا ستائيندي رهي ها.

ٻيو موقعو ان کان ٻه وڌيڪ نازڪ هو ۽ وڌيڪ شخصي. منهنجي ڌرم پتني بيماريءَ ۾ مبتلا هئي. ٽئي ويم ڪانپورءَ ڪيس زهر چڙهي ويو ۽ بهترين ڊاڪٽر ڪيس بچائي نه سگهيا. سندس زهر ٽڪا هڻي ڪڍيائون، سندس بخار ڇڏيو، پر دل ڪمزور ٿي پيئي ۽ ڪير خاطريءَ سان چئي نه ٿي سگهيو ته دل پار ڪڍندي يا نه. اهڙيءَ حالت ۾ سکر تعلقي جي ڪانگريس ڪم ڪندڙن شڪارپور جي پوسان رستم جي ڳوٺ ۾ هڪ ميڙ ڪوٺايو هو، سنڌ واهه جي ڪناري تي. ونڊر ٻه ته ڪاريه ڪرم ٻه. منهنجو گرو شري وليچا ۽ سهيوگي شري گوپالداس جميتراءِ مونکي ڪوٺڻ آيا. چيائون هينئر ايشور جي مهربانيءَ سان تنهنجي ڌرم پتني خطري کان ٻاهر آهي؛ انڪري هلي سگهين ٿو. سانجهيءَ جو ئي ته واپس ايندا سون. ٨-١٠ ڪلاڪن ۾ ڇا ٿيندو. مون پنهنجي استريءَ ڏانهن سوالي نگاهن سان نهاريو، سندس اجازت وٺڻ لاءِ. هن اجازت ڏني پر ڪجهه ٻي ڏلي. مون فيصلو ڪيو آءٌ ڪونه ويندس. مترن کي نراس ڪري واپس ڪيم.

ايشور جي ڇا قدرت آهي. منهنجي ڌرم پتنيءَ جو اهو ئي آخرين ڏينهن هو ۽ منهنجي گود ۾ ئي هن پران ڏنا. بيمارن جي سيوا ڪندي نبض ڏسڻ جو ڇڱو آزمودو ٿي ويو اٿم. مون سندس مرتيوءَ کان هڪ ڪلاڪ اڳ سندس نبض ڏسي پنهنجن مائٽن کي چيو هيءَ هاڻي موڪلائي رهي آهي.

پاڻ شرط ڪري رهيو هو ۽ جڏهن واپس آيو تڏهن پاڻين جو پوا
پڪيڙو اُڏامي چڪو هو.

جيون ۽ مرتيو ايشور جي هٿ ۾ آهن. منهنجو تہ عقيد
آهي تہ موت جڏهن اچڻو آهي تڏهن ايندو، هڪ ڏينهن ا
نہ ۽ هڪ ڏينهن پوءِ نہ. ڪو ڪنهنکي بچائي ڪونہ سگهندو
پر ان هوندي بہ موهہ جو تياڳہ ڪري فرض نباهڻ لاءِ پنهنج
ڪنهن ويجهي عزيز کي مرتيوءَ جي بستري تي ڇڏي وڃڻ
وڏي آتمڪ شڪتي گهرجي.

بہ دفعا آءٌ اهڙي آزمائش هيٺ آيو آهيان ۽ ٻئي دفعي
چئجي تہ آءٌ ان ويچار درشٽيءَ کان ناپاس ٿيس. آءٌ اڄ تائين
ان فيصلي تي ڪونہ پهچي سگهيو آهيان تہ آءٌ فرض اڳيا
جهڪيس يا موهہ ۾ ڦاٿس، پر دل ڏي اٿم تہ جيڪي ڪج
ڪيم سو نيڪ ئي ڪيم ورنہ شايد زندگي ڀر پڇتائيند
رهان ها.

مونکي سال ياد ڪونهي پر اسانجا سمورا نيتاڳڻ جيل اند
باند هئا. ڪي ٿورا ٻيءَ قطار وارا ڪم ڪندڙ ٻاهر هئا سون
نواب شاهہ ۾ هڪ ميڙ ڪانگريس ڪم ڪندڙن جو ڪونا
ويو هئو پروگرام جي باري ۾ رٿون رٿڻ لاءِ. مونکي بہ سڏ هو
گهر ۾ هڪڙي پراڻين چاچي بيمار پيئي هئي ۽ خاطري ڪا
هئي تہ گهڻا ڏينهن ٽڪيندي. ڪيس ڪو پنهنجو پٽ ڪونہ هو
هڪڙي ڌيءُ، پرڻجي ويل، پرديس. منهنجي اڳيان ڏکيو مسئل
هئو- ميٽنگ تي وڃان يا اُتي رهي سندس سيوا ڪريان. فرض
ڇا موهہ ڇا؟ هڪ لاوارث چاچيءَ جي سيوا ڪرڻ فرض ه
يا موهہ هو؛ سياسي ميڙ ۾ وڃي جتي ٻيا بہ گهڻيئي هوندا
منهنجي نہ وڃڻ ڪارڻ ڪو وڏو نقصان ڪونہ ٿيندو، اهو
ڳسائڻ موهہ هو يا فرض ڪرم- اڪرم جو جهميلو. آءٌ منجهي

١٨- جڏهن مون سندس ڪورو چيڪ قبول نہ ڪيو!

سال پورو ياد ڪونہ اٿم. شايد عيسوي سن ١٩٤٣ يا ١٩٤٤ هو. جيل مان تازو آزاد ٿيو هوس ۽ حيدرآباد مان شڪارپور وڃي رهيو هوس. ساڳيءَ گاڏيءَ ۾ ۽ ساڳئي گاڏي ۾ مون سان گڏ شڪارپور جي نگر نايڪ سرڳواسي سيٺ لڇيداسنگهہ ڀاڄ جو مربي پٽ سيٺ پرشوتمسنگهہ بہ سفر ڪري رهيو هو. هو پرشوتمسنگهہ جي پيٽ ۾ امرسنگهہ جي نالي سان وڏيڪ پروسڌ آهي.

ملاقات ٿي تہ سياويڪ گفتگو بہ ٿي. خوش خيريافت ڪان پوءِ جيل جي خبر چار پڇيائين. پوءِ هيٺئين دستور گفتگو هلي:

هو: هاڻ وري پنهنجي روزاني اخبار ”سوراج“ چالو ڪندين؟

مان: ڪوشش تہ ڪندس جاري ڪرڻ جي.

هو: اخبار ۾ اوس ڪوٽ پوندي هوندءِ.

مان: قوميت جي پاونا سان ايمانداريءَ سان ڪو اخبار هلائيندو ۽ بليڪ ميل ڪان دور رهندو تہ ڪوٽ تہ پوندي ئي پوندي.

هو: پوءِ ان ڪوٽ جي پورت ڪيئن ڪندين.

مان: اوهان جهڙا قدردان ۽ مترپيا ڪوٽ جي پورت ڪندا. مون اڳ هڪ لڳا اخبار ۾ پدرائي ڪئي تہ ڪوٽ ڪارڻ

جڏهن اهو ڏينهن ياد ايندو اٿم تڏهن سوچيندو آهيان
جي ايشور سمت نہ ڏني ها ۽ آءٌ هليو وڃان ها تہ ڪيترن
پيڙا ٿئيم ها. ٽي مهنا مون ڌنڌو ڇڏي سندس سيوا ڪئي
اُها مٽيءَ ۾ ملي وڃي ها؛ ڦٽڪار ٻين جي ۽ پنهنجيءَ جـ
شڪار ٿيان ها. آءٌ سندس شوَ ياترا سان شمشان ڀُوميءَ ۾ بـ
ويس جا ڳالهہ ڇپائون دستوُر جي خلاف آهي. پر دستوُر تـ
اُنهن سان لاڳو هوندو آهي جي ٻيو دفعو شادي ڪرڻ چاهيندا
آهن. اها ڳالهہ مونکي اڄ تائين سمجهہ ۾ ڪانہ آئي آهي تـ
هڪڙو پرش هڪ استريءَ سان هم بستري ٿي ٻيءَ سان ڪيئن
ساڳئي نموني هلي سگهي ٿو، ۽ هن ڪان پوءِ سمجهہ ۾ آئي تـ
بي سود، ڇو تہ هيئنر تہ ڪڏهن ڪان مدي خارج ٿي
چڪو آهيان.

جيڪڏهن سموري ڪوٽ پريندا تہ پوءِ اخبار اوهانجي ٿيندي ۽ نہ منهنجي. اوهين ميونسپل پريزيڊنٽ آهيو؛ اوس اوهين چاهيندا تہ اخبار ۾ اوهان جون سرگرميون اچن - ڪي چڱيون هونديون، ڪي لڱيون. آءٌ پوءِ پاڻکي ٻڌن ۾ سمجهندس ۽ ايمانداريءَ سان پنهنجو رايو ظاهر ڪري ڪونہ سگهندس. انڪري مان اوهان جي آڇ قبول نہ ٿو ڪريان.

آءٌ اوهان کي هڪڙي ڳالهہ چوان. جيڪڏهن ڪا اخبار سدائين اوهانجي ساراهہ ڪندي تہ ان ساراهہ جو پبلڪ تي اثر ڪونہ ٿيندو، ڇوندا اخبار وارو خريد ڪيل آهي. پر جيڪڏهن ڪا اخبار وقتي اوهانجي نڪتہ چيني بہ ڪندي ۽ وقتي ساراهہ تہ پوءِ جنتا ان ساراهہ کي وزن ڏيندي. انڪري خود اوهانجي نڪتہ نظر کان بہ آزاد اخبار وڌيڪ اُپيوگي آهي.

هوُ: تنهنجي مرضي. تون پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ آهين. باقي منهنجي آڇ قائم آهي. جڏهن بہ ڪپيئي تڏهن ان جو فائدو وٺي سگهين ٿو.

مان: اوهان جا وري بہ شڪرانا. پر مان اوهانکي سمجهايو آهي تہ خود توهانجي هٿ ۾ نہ آهي تہ ڪو مان اوهان کان ائين ڪوٽ وٺان. ها، مان اخبار جاري ڪريان ان لاءِ شروعاتي ڪجهہ رقم گهربي سو ٻين مترن جيان اوهان وٽ بہ ايندس پوءِ ڪپيو سا مدد ڪجو.

آءٌ شڪارپور ۾ وٺس ويس. ڪوٺيءَ تي سندس نعيو پاءُ (ايشوَر ڪيس پنهنجي گود ۾ وشرام ڏئي) سيٺ ڪشنچند ويٺو هو. امرسنگهہ کيس چيو:

ڪشن بلديو پنهنجي روزاني سوراج وري ٿو جاري ڪرڻ گهري شروعاتي مدد لاءِ آيو آهي. ڇا ٿو چوين.

ڪشنچند: ڀلي مدد ڏئيس. مونکي ڪو اعتراض ڪونهي.

اخبار بند ٿو ڪريان ته شهر جا ٻي چار ڏني متر لنگهي آيا
چيائون اخبار بند نه ڪجهه، اسين وينا آهيون، ڪوٽ کي مونهن
ڏينداسون. مون اخبار جاري رکي جيتوڻيڪ سندن آڇ جو
اُپيوگ ڪونه ڪيو. اُپيوگ ڪرڻ جو موقعو ڪونه آيو.

هو: چڱو، بلديو! هاڻي مان توکي ٿو اهڙي آڇ ڪريان
جيڪا ته ڪوٽ تي سا منهنجي سر تي، تون اخبار هلڻي بند
هرگز جي جاري ڪر.

هاڻ هي ته ڪورو چيڪ هو، جهڙو مهاتما گانڌيءَ جدا
ميان کي ڏيڻ تي چاهيو، پر مون اهو ڪورو چيڪ قبول نه
ڪيو. ڪارڻ؟

سيٺ پرشوتمسنگهه بجاج ان وقت شڪارپور ميونسپل جو
پريزيڊنٽ هو. ان حيثيت ۾ ميونسپل ڪاروبار هلائيندي، هو
چار چڱا ڪم به ڪري ها ته ڪو هڪ اڌ لڳو ڪم به ڪانگريس
تي وجهي ها. مون دل ۾ سوچيو جي آءٌ سمورو ڪوٽ ڪانگريس
ونندس ته اوس موت ۾ ڪجهه ڏيڻو پوندو. هو نيڪ مڙس ڪٿي
نه به چوي پر وات ڪائي اکه لڄائي واري جوڙي ته پرسند آهي
انڪري مون سندس اهڙي اُدار دل واري آڇ قبول ڪرڻ کان
اِنڪار ڪيو.

مون کيس چيو:

مان: اوهانجي گهڻي مهرباني. مگر آءٌ اوهانجي آڇ قبول
ڪري ڪونه ٿو سگهان.

هو: (اچرج ۾) سو ڇو؟ پائي مون وٽ ته اخبار وارا ايندا
آهن جي ٢٠-٢٥ روپيه به نهايت خوشيءَ سان ۽ شڪرگذاري
سان وٺي ويندا آهن ۽ تون آهين جو هڙي ڪوري چيڪ قبول
نه ٿو ڪرين.

مان: سائين منهنجا، ان جو به ڪو ڪارڻ آهي. اوهين

ٿلهو کائڻ، ٿلهو سوچڻ، ۽ ڦٽ مٿي، ڏنڊي جي اِس طرف يا کُونڊي جي اُس طرف.

ٻه ميونسپل جا عملدار هئا- چيف آفيسر ڪي. وي. جوشي (مراٺي) ۽ هيلٿ آفيسر ايس. آر. ٻنيجا (شڪارپوري). ٻئي اپڙيل، جنتا ٻنهي مان ناراض- هڪڙو ڏاڍو مڙس هو (جوشي) ۽ ٻيو سست ۽ ڪاهل (ٻنيجا). ميونسپل جي ميمبرن ۾ ٻئي ڊاڪٽر خوب سندن چوڏا لاهيندا هئا پر جڏهن پريزيڊنٽ بڻيا تڏهن کين هٿ ڪونه لڳايائون. هي ٻجاج صاحب آيو ته ٻنهي کي سڌو ڪيائين- ٻنيجا کي ته ٽڪيٽ وٺارايائين ۽ جوشيءَ جي ٽڪ مان ور لاٿائين.

هن ڪاروبار اهڙو سوڌو، برجستائيءَ ۽ همت سان هلايو جو مونکي ورلي مٿس نُڪته چيني ڪرڻ جو موقعو مليو، پر جڏهن به موقعو ملندو هو ته آءٌ جوڙجڪي نموني نُڪته چيني ڪندو ئي هوس.

پر هڪڙي ڳالهه سمجهي ڇڏج، ائين نه سمجهج ته ڪيس مدد
ڪندين ته هوءَ ڪو تنهنجو لحاظ رکندو. تنهنجي ڪا ڳالهه پسند
ڪونه آيس ته بئي ڏينهن اخبار ۾ نڪته چيني ڪندءِ.

امرسنگهه: ان جي هنڪي پوُرن آزادي آهي. مدد ڪيس
ڪبي ته بنا شرط شروط.

مونکي ٢٥٠ روپين جو چيڪ يڪدم ڏنائون ان سمي
٢٥٠ روپين جو وڏو ملهه هئو.

۽ ڪم نصيبا انن ڏينهن جي اندر ئي مونکي سندن
سخت نڪته چيني ڪرڻي پيئي جو هنن گورنر کي
شڪارپور جو پرسند شاهي باغ ۾ هڪ شاهي پارٽي ڏني. پر
مونکي ڪو ڏورابو ڪونه مليو.

آءٌ ايترو چوندس ته پريزيڊنٽي هنن واهه جا هلائي. هن ڪان
اڳ به بيا پريزيڊنٽ ٿي گذريا ڪانگريسي- سوڳواسي ڊاڪٽر
ڪشنچند ۽ سوڳواسي ڊاڪٽر ڀڳوانداس مگر بجاج ٻنهي کي شهه
ڏيئي ويو. البت هڪڙو فرق هو- وڏو فرق- سو هي ته بجاج
صاحب ٿاقيل پريزيڊنٽ هو انڪري ميمبرن جي ووٽن جو
محتاج ڪونه هو. جيڪي ڪجهه ڪرڻ چاهيائين ٿي سو
سو ڪري ٿي سگهيو.

تنهن سواءِ ياڻي بعد هنڙ ڪري ڏند ٿي هو. گهڻو پڙهڻ
بعضي جيءَ جو جنجال ٿيو پوي. بئي ڊاڪٽر اعلي عام يافته
هئا انڪري هر قدم کڻڻ کان پيا سوچيندا. هنجو نتيجو الائجي
ڪهڙو نڪرندو، هي جيڪي ڪريون ٿا سو صحيح آهي يا غلط.
انڪري ٿي شايد شيڪسپيئر چيو آهي:

Conscience makes cowards of us all

يعني ته وويڪ اسان مڙني کي ڪانئر تو بڻائي ڇڏي.
سيٺ بجاج خود ٿلهو ماٺهو، سو ستهو پيهي ٿي ڪونه.

”توهان کي خبر آهي تہ تولارام جو خون ٿي ويو آهي. اوهان اهو بہ ٻڌو هوندو تہ منهنجو نالو ان باري ۾ کنيو ويو. آءٌ اوهانکي ويٺي ڪرڻ آيو آهيان تہ اوهين ائين ٻڌل ڳالهين تي لڳي اخبار ۾ منهنجو نالو نہ ڏيندا. ٻيو ڪو هجي تہ آءٌ ان اڳيان ناٽو ڪٽي پلٽيان پر مونکي خبر آهي تہ اوهان ان ڳالهہ کان دور آهيو انڪري مان اوهان کي دوستيءَ جوئي ننگ وجهڻ ٿو چاهيان.“

مون کيس خاطري ڏني تہ مان پوريءَ جاچ جوچ کان سواءِ ائين افواهن تي لڳڻ وارو ڪونہ آهيان. انڪري کيس ڪابہ چنتا ڪرڻ نہ گهرجي.

هاڻ چا ٿيو جو اهو دوست جو سانس گڏجي مون وٽ آيو هئو اهو ڪانئس ڦري ويو. هو شخص هئو ئي ڪورٽي. جنان پئسو وڏيڪ مليو اوڏانهن لڙڻ وارو. هو پوءِ ٻيءَ ڌر سان ٿي بيٺو ۽ پوليس کي خبرون پهچائڻ لڳو. هن وٽان خبر ملڻ تي ئي پوليس مونکي شاهد بڻائڻ جو فيصلو ڪيو.

مونکي پوليس ٿاڻي تان سڏ ٿيو. پوليس انسپيڪٽر منهنجو بيان وٺڻ لڳو. مون جيئن حقيقت هئي تيئن کيس بيان ڪري ٻڌائي. پوليس انسپيڪٽر چيو اها تنهنجي شاهدي تہ اسان کي ڪارگر ڪانہ ٿيندي. توکي چوڻو پوندو تہ ابوبڪر اچي تو وٽ قبول ڪيو تہ خون تہ هن کان ٿي ويو آهي پوءِ دوستيءَ جو ننگ وجهي توکي منع ڪيائين تہ اخبار ۾ سندس نالو نہ وجهج.

مون پوليس انسپيڪٽر کي چيو:

ٻہ هن ائين چيو ئي ڪين تہ مان ڪيئن چوان.

هو: پر تون جيسين ائين نہ چوندين تيسين هن خلاف ڪيس بيهندو ئي ڪين.

مان: ڪيس بيهندو يا نہ بيهندو تنهن سان منهنجو

١٩- جڏهن خون جي ڪيس ۾ شاهديءَ جي پيرو
۾ وڃڻو پيو

شڪارپور شهر جي تولارام انڪم ٽيڪس صلاحڪار ج
خوُن جو ڪيس مشهور آهي. خبر نہ آهي هوءَ سندس زال هئ
يا رکيل. ان جو نالو مولي بائي هو. شڪارپور ۾ هڪ هي
منشي هئو جنهن نالو جي پلان نـ ٿو تہ ابوبڪر هئو. ڇوَن تـ
ان جو موليءَ سان بي جاءِ سنبنڌ هو ءِ ان سنبنڌ کي وڌي
سوَلو ءِ آسان بڻائڻ لاءِ تولارام جو قتل ڪيو ويو. ائين بہ ه
هئا تہ تولارام کي قتل ڪرائڻ ۾ خود موليءَ جو بہ هٿ هئو
ڏٺي جاڻي سچ ڇا آهي.

تولارام جو جڏهن قتل ڪيو ويو تڏهن شهر ۾ عام طر
هل هئا تہ اهو خوُن ابوبڪر ڪرايو آهي. پوليس کي ڪج
مصالح بہ مليو ءِ پوليس ابوبڪر کي خوُن جي قلم هيٺ گرفت
ڪيو. سپاويڪ ڪيس نوڪريءَ مان سسپينڊ ڪيو ويو.

پوليس ڪيس ۾ تکي جاچ ڪئي. هاڻ هڪڙو واقعو ا
سلسلي ۾ ٿيو جنهن سان ڪنهن نموني آءٌ بہ ڳنڍجي ويس
مونکي جو روزاني اخبار هئي سو ابوبڪر کي دپ ٿيو تہ متا
ڪٿي مان پنهنجي اخبار ۾ ڪيس نـ اڙايان. انڪري هڻ مو
وٽ لنگهي آيو. ملاقات شڪارپور جي هڪ سئنيما ٿيئٽر
تي. سائنس ڳڏ هڪ سندس ٻيو دوست بہ هئو. ابوبڪر مونک
هيٺين دستوُر ڇيو:

منهنجي آڏي پيا مشهور سرڪاري وڪيل راءِ بهادر ڪندنداس ڪئي جنهنکي ابوبڪر پنهنجي بچاءَ ۾ آندو هو. هن مونکي ڇيڇلائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي؛ پر وٺيائين ڪي ڪين. خود سيشن جج ڪيس ڇڏي ڏنو هن شاهد مان تون ڪجهه حاصل ڪونه ڪندين.

ڪورٽ جي آڏي پيا گهٽڻ کي حيران ڪندي آهي. منهنجو ڏاڍو هڪ لڳا شاهديءَ جي پيڙي ۾ ويو هو. وڪيلن ڪانئس ايترا ته اُبتا سبتا سوال پڇيا جو باهر نڪري ڪين چيائين اوهين نرڪ ۾ ويندا.

مان ته حيران پريشان ڪونه ٿيس. مونکي اُلٽندو لطف پئي آيو ته ڪيئن مخالف پارٽيءَ جو وڪيل تنگ ٿي رهيو هو جو آءٌ سندس چنبي ۾ نه ٿي ڦاٿس.

شسدر ٿي آخر هن هڪڙي ٻي ڪيڏ ڪيڏي. منهنجي شاهديءَ جو وزن گهٽائڻ لاءِ مون کان پڇيائين:

"تون جيل ۾ ويو آهين؟"

"هائو" مون چيو.

منهنجو جواب ٻڌي جج مونجهاري ۾ اچي ويو. چو ته جيڪو شاهد جيل ويل هوندو آهي انهي شاهديءَ کي وزن ڪونه ڏنو ويندو آهي.

جج مون ڏانهن پرون تاڻي نهارڻ لڳو. ڪيس اعتبار نٿي ڪونه ٿي آيو ته مون جهڙو نيڪ شخص جيل ۾ ڪنهن ڪارڻ ويو هوندو. انتي مون کان جج پڇيو "ڪهڙي ڪارڻ جيل ۾ ويو هئين؟"

مهاتما گانڌيءَ جي هلچل جي سلسلي ۾.

اهو جواب ٻڌي جج ڏاڍو خوش ٿيو جو سندس منهنجي باري ۾ ڪيل ڪٿ صحي ثابت ٿي رهي هئي.

کھڙو پوَيو جن. آءٌ تہ جيڪي سچ هوندو سوئي چوندس نہ
شاهديءَ ڏيڻ وقت قسم کڻڻو پوندو آهي تہ ڪورٽ اڳيان
جيڪي سچ هوندو سو چوندس ۽ سچ کانسواءِ ٻيو ڪي
ڪين چوندس.

هوُ: پوءِ تون ڏس تہ هن شخص اوهانجي هڪ هندو
استريءَ کي خوُن ڪيو آهي، سو ڪيس سزا ڏيارڻ ۾ مدد ڪرڻ
تنهنجو فرض ڪينهي.

مان: پر هن کي سزا ڏيارڻ لاءِ آءٌ ڇو ڪوُڙ ڳالهايان ۽
ايشوَر اڳيان پاڻکي ڏوهاري بڻايان.

هوُ: مسٽر گاجرا، مان اوهانکي پوليس عملدار جي حيثيت
۾ صلاح ٿو ڏيان تہ اوهين بيان ائين ڏيو جيئن مان چئي
رهيو آهيان.

مان: افسوس آءٌ ڪوُڙو بيان ڏئي نہ ٿو سگهان.

هوُ: توکي پوليس جو دٻ ڪونہ ٿو ٿئي.

مان: دٻ ڇا جو. اسين تہ جيل وڃڻ جا عادي بڻجي
چڪا آهيون، سو دٻ ڇو ٿيندم.

پوليس انسپيڪٽر ڏاڍي جوش ۽ ڪاوڙ مان لکڻ وار
قلم کڻي ميز تي اُڇلائي رکيو. پر مون تي انجو ڪو اثر ڪونہ ٿيو.

مان: پوءِ انسپيڪٽر صاحب! مان موڪلايان.

هوُ: تون پنهنجو بيان منهنجي چوڻ موجب ڪونہ ڏيندين.

مان: هرگز نہ.

ائين چئي آءٌ موڪلائي اُٿي هليو آيس. پوليس انسپيڪٽر
جلدي سڙندي جيئن مون بيان ڏنو تيئن درج ڪيو.

ڪورٽ ۾ منهنجي شاهدي هلي. منهنجي شاهدي چڱ
مکيہ هئي ڇاڪاڻ تہ جوابدار مون سان ڪي قدر سڌيءَ ۽
اڻ سڌيءَ طرح ڏوهہ قبوُليو هئو.

٢٠- جڏهن سياسي چڪرين ۾ ايشور ساٿ ڏنو

منهنجي خوش قسمتي آهي تہ مون ڪا سياسي جنگ ڪانہ هارائي آهي. ٽي وڏيون چڪريون کاڌيون اٿم ۽ ٽنهي ۾ ايشور جي مون تي ڪرپا ٿي آهي. پهرين چڪري سنڌ ۾ کاڌم، ١٩٤٥ جي چونڊن ۾ جڏهن شڪارپور جي ٽڪ مان اسيمبلي چونڊن ۾ ڪانگريس ٽڪيٽ لاءِ سرگواسي ڊاڪٽر ڪشنچند بولچنداڻي (ايشور ڪيس پنهنجي گود ۾ رکي) ۽ ڊاڪٽر گوبندرام پنجابي (جو ٧٦ ورهين جي عمر ۾ بہ بلڪل چست ۽ تندرست آهي- شل ١٠٠ ورهيہ پورا ڪري) وچ ۾ چڪري لڳي. دادا جئرامداس دولترام جو سنڌ ۾ ئي ڪانگريس جو اعليٰ ترين نيتا هو، جنهن جي سويڪرتيءَ ڪانسواءِ ڪو فيصلو ٿيڻ محال هو، جنهن جي ڏاهپ ۽ قابليت ۾ نہ رڳو اسان سڀني ڪانگريسين جو وشواس هو مگر مهاتما گانڌيءَ جو بہ پورن وشواس هو، سو ڊاڪٽر ڪشنچند جي فائدي ۾ هو ۽ آءٌ ڊاڪٽر گوبندرام جي فائدي ۾.

سرگواسي ڊاڪٽر چوئٿرام ڊاڪٽر گوبندرام جو سمرٿڪ هو مگر شري جئرامداس جي رائي اڳيان هو بيوس هئو. آءٌ جڏهن ڊاڪٽر صاحب اڳيان ٿيندڙ بي انصافيءَ خلاف روئي وينس، تڏهن ڊاڪٽر صاحب جئرامداس کي چيو: ڏس جئرام، ٻلديو جهڙو اسان جو ڪم ڪندڙ هيئن دکي ٿو ٿئي، تہ بہ توتي اثر

جج منهنجو جواب ٻڌي يڪدم مخالف ڌر جي وڪ
کي ڪوني چيو ”ڀر آزاديءَ جي هلچل ۾ جيل وڃڻ ڪو اخلاق
گناهه ٿورو ئي آهي!“

وڪيل نراس ٿي آخر آڏي ٻيا ڪرڻ بند ڪئي. ج
فتوي ۾ چيو:

”شري بلديو گاجرا جي شاهدي تي مان پوُرن ر
اعتبار ڪريان ٿو.“

پاڻ اهو جاڻڻ لاءِ آتا هوندا ته آخر ڪيس جو نتيج
ڪهڙو نڪتو. تن ڏينهن شڪارپور جي هڪ وڏ گهراڻي سما
سيوڪ تي هندو مسلم فساد جي دوران ۾ هڪ مسلم کي خو
ڪرڻ جو ڪيس هلي رهيو هو. ٻئي ڪيس ساڳئي جج و
ئي هلي رهيا هئا. ائين ٻڌڻ ۾ آيو ته بالا سطح تي وزيرن و
ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ سمجهوتو ٿيو. هندو تولارام جي خوُن ج
ڪيس ۾ ابوبڪر کي سزاياب ڪرڻ لاءِ ضد نه ڪن ۽ مسلما
وري خوُن جي ڪيس ۾ ان سماج سيوڪ کي سزاياب ڪر
لاءِ ضد نه ڪن.

خبر نه آهي ته ان سمجهوتي ڪارڻ يا قانوني اوٽاڻ
ڪارڻ سيشن جج ٻنهي جوابدارن کي ثابتين نه ملڻ ڪار
ڇڏي ڏنو.

ٽاڪنداس ڪنارٻا کي- مهاراشٽرا ڪانگريس شري ڪنارٻا جو نالو سفارش ڪيو (ڪيئن ۽ ڇو، اُن ۾ هينئر وڃڻ بي سود آهي)، ۽ اسان اُن فيصلي خلاف اَپيل ڪئي. اَپيل تيار ڪرڻ جو ڪارڀ مونتي رکيو ويو. شري نيوند رام ڌلي‌ءَ ويو. هڪ سب ڪاميٽي جنهن تي اَپيلن جو اَڀياس ڪرڻ جو ڪارڀ رکيل هو، تنهن اڳيان جڏهن شري نيوندرام ويو تڏهن اُن ڪاميٽيءَ جي ميمبرن کيس هيئن چيو:

”اوهان جهڙي بزرگ جي اپيل اسان ٻڌون؟ اوهان ڪان ڇا ڇپون؟ اوهان جهڙن سيواڌارين کي جڏهن نظرانداز ٿو ڪيو وڃي تڏهن ڪانگريس بدنام ٿي ٿئي! اسان کي ڏک آهي جو اوهان کي ايتري تڪليف ڪرڻي پيئي آهي. اوهين وڃي سکو ٿا“.

اِليڪشن ڪاميٽيءَ اپيل قبُول ڪئي ۽ شري يشوَنتراءِ چوهاڻ (اُن وقت بمبئي جو مکيہ منتري) کي هدايت ڪئي وئي تہ ڪنارٻا صاحب جي ٽڪيٽ رد ڪري شري نيوندرام کي ڏيو.

شري چاون شري نيوندرام کي گهرائي چيو: ”مونکي خبر ڪانہ هئي تہ هاءِ ڪمانڊ وٽ اوهان جي ايتري پهچ آهي. اوهان کي ٽڪيٽ ڏيان ٿو پر پنهنجو اثر وڌيڪ هلائڻ جي ڪوشش نہ ڪجو.“

ڪم نصيبا شري نيوندرام ١٩٦٢ واري چونڊ ۾ هارايو، هارايو انڪري جو سرڳواسي شري ڪنارٻا ۽ سندس سائين نيڪ ڪانگريسيءَ جو رستو نہ ورتو، نيوندرام جي اندروني طرح مخالفت ڪيائون. ايشوَر وٽ بہ اِنصاف آهي. ١٩٦٧ ۾ شري ڪنارٻا کي ٽڪيٽ ملي، مگر ميمبري ماڻي نہ سگهيو. جڏهن ٽڪيٽ جي پڌرائي ٿي تڏهن سنڌونگر ۾ گلوب ڪارپوريشن

ڪونہ ڏنو ٿئي. دادا اٽل هو. سياسي فيصلا جڏهن ڪرڻا پون
آهن تڏهن پاونا کي جڳهہ ڪانہ ڏني آهي. دل تي پٿر رک
دماغ جي رهنمائي قبول ڪرڻي پوندي آهي. شري ڄيرامداس
۾ اڄ بہ اهو گڻ ڪونا ڪوٽ ڏسڻ ۾ ايندو. پاونا وس ٿي
ڪجهہ ڪونہ ڪندو؛ هو ڳالهہ دماغ جي ڪسوٽيءَ تي
پرکيندو. اها هڪ ٻي ڳالهہ آهي تہ سندس دليل ۽ رائي سا
اسان جو بعضي مٿيد پئي ٿيو آهي. پر اهوئي تہ لوڪشاهي
جو مرڪزي دستور آهي. ڪانگريس اڳوانيءَ ان دستور جي
النگهن ڪيو تہ اڄي پٽ پيئي.

پر اها هڪ ٻي ڪهاڻي آهي. مون ڪيئن دادا ڄيرامداس
جي راءِ آخر بدلائي، دماغ سامهون دماغ لڙائڻ سان ۽ نہ لڙڪ
ڳاڙڻ سان، سو مون اڳ هڪ مضمون ۾ ڏنو آهي.

ان لڙائيءَ ۾ ٿي هڪ ٻيو پڙدو لٿو. سنڌ پرانتڪ ڪانگريس
تہ آخر ڊاڪٽر گوبند رام جو نالو سفارش ڪري موڪليو پ
ڊاڪٽر ڪشنچند ان فيصلي خلاف هاءِ ڪمانڊ کي اپيل ڪئي
۽ ان وقت سياسي حالتون اهڙيون هيون جو جيڪو حاجي
مولابخش (مرحوم خان بهادر اللهہ بخش جو ڀاءُ) جي پٺڀرائي
حاصل نہ ڪري سگهيو اهو ٽڪيٽ جو آسرو پلي. هاڻ حاجي
مولابخش ڊاڪٽر ڪشنچند جو بلڪل گهاٽو دوست هو. مرحوم
اللهہ بخش ۽ ڊاڪٽر ڪشنچند جڻ ڀائرن وانگر هلندا هئا
مولابخش کان ڊاڪٽر گوبند رام لاءِ سفارش حاصل ڪرڻ، ڊاڪٽر
ڪشنچند جي خلاف، هڪ ناممڪن ڳالهہ هئي. پر اها ناممڪن
ڳالهہ آءٌ ممڪن ڪري سگهيس. ڪيئن سو بہ مون اڳ هڪ
مضمون ۾ ٻڌايو آهي.

ٻي چڪري هئي سرڳواسي ٺاڪرداس ڪناريا سان؛ ١٩٦٢
واريءَ چونڊ ۾. ٽڪيٽ شري نيوندرام کي ملي يا سرڳواسي

”هائو پڙهيا آهن؛ تون ڇا ٿو چاهين؟“

”ڪيس ٽڪيٽ نہ ملڻ گهرجي.“

”نہ ملندي. بس.“

۽ ڪيس ٽڪيٽ نہ ملي.

آءٌ ڪڏهن ڪڏهن من ۾ سوچيندو آهيان تہ آخرين لڙائي جا مون ڪئي ۽ ڪتي، اها مونکي ڪرڻ گهربي هئي. ڏي اهو اندر مان ملندو اٿم تہ شوي گوسهاڻيءَ پنهنجن ڪرتوتن ۽ افعالن سان ئي مونکي ان لڙائيءَ ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو.

افسوس هي آهي تہ اڄ جڏهن مون پنهنجي من مان ضد ۽ مخالفت ڪڍي ڇڏي آهي تڏهن هو اڃا ضد رکيو ويٺو آهي! پر ان مان جوکم ڪيس ئي آهي؛ مون لاءِ سڀ آنند، اڄہ بہ ۽ هاڻ بہ.

تي وڃڻي شري نيوندرام کان مون کي چيو: ڪنار يا صاح
کي ٽڪيٽ تہ ملي آهي، پر ميمبري ماڻي نہ سگهندو.

”سو ڪيئن؟“

”سو تہ آءٌ ٻڌائي ڪونہ ٿو سگهان، پر منهنجي دل ائي
بولي ٿي“.

پوءِ ڏينهن بعد منحوس خبر آئي تہ شري ڪناريا اوچ
دل ٽٽڻ ڪارڻ سرڳواس ٿيو.

ٽين چڪري جا مون ڪاڏي سا شري گوسهاٽيءَ سان
ڪيس چيمبور مان ڪانگريس ٽڪيٽ ملڻ واري هئي؛ فيص
تي ويو هئو ۽ ڪن اخبارن ۾ خانگي طور ظاهر ياداشت
سندس نالو بہ درج هو.

شري گوسهاٽيءَ جي راجنيتي پلٽبازين جو ذڪر ڪر
اڄ منهنجي وس ۾ ڪانهي. مون دل ۾ فيصلو ڪيو تہ ڪي
ٽڪيٽ نہ ملڻ گهرجي. مهاراشٽرا پرديش اليڪشن ڪاميٽي
جي ڪن ميمبرن سان گڏيس ۽ اُتر پرديش مان آيل هاءِ ڪما
جي آبزرور سان بہ گڏيس، ۽ شري گوسهاٽيءَ خلاف سڀو ڪا
سندن آڏو رکيم، ۽ اليڪشن ڪاميٽيءَ جي بہ ڪيترن ميمب
سان گڏيس. آخر ۾ بمبئي پرديش ڪانگريس جي پريزيڊن
شري رجني پٽيل کان فون تي ملاقات جي گهر ڪيم.

چيائين هفتو ترس. هينئر ٽڪيٽن جي خفي ۾ پيل آهيا
پوءِ ملج.

مون چيومانس تہ ٽڪيٽن جي باري ۾ ئي تہ توهان س
گڏجڻو اٿم. معاملو ختم ٿيو تہ پوءِ آءٌ ڇا لاءِ ملندس.

”توکي ڇا گهرجي؟“ رجني پڇيو.

”مون اوهان کي شري گوسهاٽيءَ جي باري ۾ ڪي ڪا
موڪليا آهن سي پڙهيا اٿوَ“.

سگهيا. هڪڙا جي ڪن ساهتيہ سڀائن، شامل سنستائن جا عيوضي هجن ۽ ٻيا عام عيوضي جي ٻہ روپيا ڊيليگيٽ فِي ڀري رڳو سميلن ۾ شريڪ ٿي ٿي سگهيا. ڪاروبارين طوفان درستي اُها پيش ڪئي وئي تہ اڳتي چُونڊن ۾ ووٽ جو حق رڳو شامل سنستائن طوفان آيل عيوضين تائين محدود ڪيو وڃي ۽ عام (٢ روپيہ ڀريندڙ) ڊيليگيٽن کي ووٽ جو حق نہ ڏنو وڃي. اُن درستيءَ جو مقصد اهو هو تہ ڪاروباري سڀيءَ سنستا تي پنهنجو مڪمل قبضو ڪن ۽ عام ڊيليگيٽن جو آواز بلڪل ئي خاموش ڪيو وڃي.

منهنجي مَن ۾ آيو تہ ان درستيءَ جي مخالفت ڪرڻ گهرجي. پروفيسر گهنشيام هو ڪونہ جنهن سان صلاح ڪريان. سو اڪيلي سر ئي فيصلو ڪري مان درستيءَ جي مخالفت ڪرڻ لاءِ اُٿيس. مون اُن درستيءَ اندر لڪل حرڪتي مراد جي اوگهڙ ڪئي ۽ ڊيليگيٽن کي سمجهايم تہ اها درستي سندن ئي ووٽ جي حق تي وار آهي سو جي ان جي فائدي ۾ ووٽ ڏيندا تہ ڄڻبو تہ هو پنهنجي لاءِ ئي موت جي وارنٽ تي صحيح ٿا وجهن.

هاڻ پنهنجي حق کي ڇڏڻ ڪير چاهيندو. ووٽ ورتا ويا تہ ڊيليگيٽن درستيءَ جي خلاف ووٽ ڪيو. رڳو ڪاروبارين ۽ شامل سنستائن طرفان آيل عيوضين درستيءَ جي فائدي ۾ ووٽ ڪيو. درستي ڪِري پيئي ۽ "جئسا ٿا" جي پرستي قائم رهي.

پوءِ چُونڊون شروع ٿيون. پريزيڊنٽ لاءِ پروفيسر ناگراڻي جي رٿا آئي. ان جي خلاف هڪ ٻہ رٿون آيون. هڪڙي پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي حق ۾ مگر جيئن جو پروفيسر صاحب پاڻ حاضر ڪونہ هو جو سندس سوڪرتي ميسر ٿي سگهي

٢١- جڏهن مٿي پٽائڻ کان بچي ويس

تڏهن اها عربي لپيءَ ۽ ديوناگري لپيءَ وارا جدا ڪونه ٿيا هئا. هڪڙي ئي سڀا هئي ۽ هڪڙو ئي سميلن ٿيندو هو، ۽ اهو بئنگلور وارو سميلن آخرين گڏيل ساهتڪ سميلن هو. بئنگلور جو پوسٽ دانويڙ ناگورڪ، سيٺ پرشوتمسنگهه بجاج ان سميلن لاءِ آجيان ڪاميٽيءَ جو چيئرمن هو.

اسين ديوناگريءَ جا سمرٿڪ به، اُن سميلن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ويا هئاسون. ٻه مکيه ساٿي هئاسون سرگواسي پروفيسر گهنشيام ۽ مان. پروفيسر صاحب ڪجهه ناچاڪ ٿي پيو ۽ انڪري سميلن واري مکيه اجلاس ۾ هو اچي ڪونه سگهيو. آءٌ پاڻکي ذري گهٽ اڪيلو سمجهڻ لڳس.

چوڏنڊون ٿيڻ واريون هيون. ٣٠٠ کن ڊيليگيٽ حاضر هئا، تنهن سواءِ هزار يا ٻه ملاقي گهٽي ياڳي بئنگلور جا سنڌي جن اسان جي پليءَ پٽ آجيان ڪئي هئي ۽ اسانجي کاڌي ۽ رهڻ جو خاطر خواهه بندوبست ڪيو هو.

اُن وقت پروفيسر پوڄراج هوتچند ناگراڻي پريزيڊنٽ هو ۽ جي براٻر ياد اٿم ته شري گوبند مالهي جنرل سيڪريٽري هو. ڪاروبارين ڪاروباري ڪاميٽيءَ ۾ وڌان ۾ هڪ درستي بحال ڪئي هئي جا عام اجلاس ۾ منظوريءَ لاءِ هئن پيش ڪئي. وڌان موجب ٻن قسمن جا ڊيليگيٽ سميلن ۾ شريڪ ٿي ٿي

ڪريان يا نه. هڪ چمتڪاري ويچار دماغ مان لنگهي ويو. ”ها، ڪر، بلديو. ائين پوڪ نه ٿي ويندي ته ڪير وڏيڪ لوڪ پوڻ آهي- ڪيوٽ يا بلديو، ۽ سو به تڏهن جڏهن ڪاروبارين طوفان مڪمل تياري ڪيل آهي ۽ تو لاءِ هيءَ ڪيفيت اوچتو بڻي آهي. بي اختيار منهنجي موڻهن مان نڪري ويو: ”هائو مان بيهان ٿو.“ مون سياسي زندگيءَ ۾ ڪڏهن چونڊ ۾ هارايو ڪينهي. هيءَ هڪ وڏي آزمائش هئي. جوئا جو داءُ اُڇلايو هوم.

مخالفن ڇيو هو تقريرون ڪندا. پير پوپٽي اُٿي. ڇي بلديو ڪي ڪيئن سيڪريٽري چونڊيندا؟ هو پاڻڪي سنڌي ئي ڪونه سمجهندو آهي، هن جو سنڌي ٻوليءَ سان ڪو لڳاءُ ڪونهي، هو چوندو آهي سنڌ ڪي مون پنهنجي دل تان ميساري ڇڏيو آهي، ۽ خبر اٿو هو ڪيڏو نيچ ۽ ذليل آهي؛ هو پنهنجي اخبار ۾ استرين تي حملا ڪندو آهي، هن مون لاءِ هڪ لڳا لکيو ته مونکي ۵ پتيون آهن وغيره.

آءٌ ٻڌي ويس. منهنجي اکين اڳيان هڪ نظارو گهمڻ لڳو. درشڪن مان اڌ ٻزن شخص لنيون ڪٽي منچ تي چڙهي آيا آهن ۽ منهنجي مٿي تي لٺين جا وسڪارا ڪري رهيا آهن ۽ بي هوش ٿي ڪري پيو آهيان ۽ مونکي اسپتال ۾ ڪٽي ٿا هلن.

پر اڌ گهڙيءَ ۾ اهو نظارو هٽي ويو ۽ پاڻڪي صحيح سلامت منچ تي ويٺل ڏٺم. مون ڇيو مونکي جواب ڏيڻ جو موقعو ڏنو وڃي. موقعو مليو. مون به ٿي منٽ ڳالهايو. مون ڇيو سنڌ کي مون پنهنجي من تان ميساري ڇڏيو آهي انجي معنيٰ اها ڪانهي ته مونکي سنڌيت يا سنڌيءَ ٻوليءَ لاءِ پيار ڪونهي. آءٌ پاڻ سڄي زندگي سنڌيءَ ۾ لکيو آهي. پير پوپٽيءَ جو مون تي الزام مڙهيو آهي سو بلڪل ئي غلط آهي. مون ڪڏهن

انڪري پريزيڊنٽ (پروفيسر ناگواڻي) اها رٿ بي قاعدي ٺهرائي. مونکي پورو ياد ڪونهي تہ بي رٿ شري اتل ڪيسواڻيءَ لاءِ آيل هارجي وئي يا واپس ورتي وئي. مان سمجهان ٿو تہ شري ڪيسواڻيءَ بيهڻ کان انڪار ڪيو ۽ انڪري اها رٿ بہ ائين ئي بي قاعدي ٿي پيئي. ڪيئن بہ پروفيسر ناگواڻي پريزيڊنٽ چونڊيو ويو.

پوءِ سيڪريٽريءَ جي عهدي لاءِ رٿون گهرايون ويون. بہ رٿون آيون هڪڙي شري ڪيوت باباڻيءَ لاءِ ۽ بي منهنجي لاءِ. منهنجي تہ ملائڪن کي بہ خبر ڪانہ هئي تہ ڪو مون لاءِ رٿ ايندي. مون ڪنهن سان ڳالهہ ڪانہ ڪئي هئي ۽ نہ ڪنهنجو ئي مون سان ذڪر ڪيو هو. ڪارپردازن شري ڪيوت باباڻيءَ جو نالو انڪري رٿيو هو جو هن جي شڪايت هئي تہ شري گوبند مالهي ڪجهہ ڪمزور شخص آهي ۽ ديوناگريءَ وارن سان نرم رخ وٺندڙ آهي.

ڪارپردازن هڪڙي ڪيڏ ڪيڏي چيائون شري بلديو گاجرا حاضر آهي. هن کان پڇيو وڃي تہ هو بيهڻ لاءِ تيار آهي. مون لاءِ ڌرم سنڪٽ جي گهڙي اچي وئي. ها ڪريان، نہ ڪريان. بهي ڪري هارايان سو مونکي نہ ٿي ٺيڪ لڳو- سوَ ايمان هو ڪنهنکي پيارو آهي. بنا تياريءَ جي کٽي سگهندس، اهو مونکي ناممڪن پيو لڳي. ائين سوچ ڪري رهيو هوس تہ هڪڙو شخص منهنجي پرسان اچي ويٺو ۽ منهنجي پيرن کي پڪڙي بلڪل آزي ڪري چوڻ لڳو: پنهنجو نالو واپس نہ وٺو. اسين کٽينداسون.

اک چمڪ ۾ فيصلو ڪرڻو هو. پروفيسر گهنشيام کان سواءِ آءٌ پاڻکي اڪيلو سمجهڻ لڳس، پاڻکي شيڪسپيئر جي پوسٽ ڪردار شهزادي هئمليت جي حالت ۾ سمجهڻ لڳم تہ ها

هيٺ اچي ويئي ها ۽ اڄ بوليءَ ۽ ساهتيہ جي باري ۾ پوسٽٽي
ڪا اور هجي ها. پر اِنسان جيڪي چاهي ٿو سو سدائين نہ ٿو
ٿئي. بجاءِ سيٺ عربيءَ وارن کي جيءَ دان تہ ڏنو پر خود ڪيس
ان لاءِ وڏي قيمت ڏيڻي پيئي جو عربيءَ وارا سندس
شڪرگذاري بجا آڻڻ جي بدران مٿس ڪيس ڪرڻ جي رٿا
تائين وڃي پهتا.

هن واقعي جي باري ۾ هڪڙي ڳالهہ وڌيڪ لکي هي
باب ختم ڪندس. بنگلور ۾ منهنجو هڪ پراڻو دوست رهندو
آهي جو اڃا حيات آهي ۽ هوُ ان ميڙ ۾ حاضر هو.

مون ٻئي ڏينهن ڪانئس پڇيو: جڏهن پوءِ پيرڻ مونتي
الزام آندو تہ مون ڪيس ٥ مڙس ڏنا آهن تڏهن ماڻهن ۾ ڏاڍو
جوش ڦهلجي ويو هوندو. مونکي تہ هراس وٺي ويو.

چيائين منهنجي لڳ هڪ سنڌي ياءِ ويٺل هو تنهن هيئن
چيو: شري بلديو ڪڏهن بہ ڪنهن پيرڻ خلاف اهڙو گندو الزام
آڻي نہ ٿو سگهي، ۽ جيڪڏهن ڪنهنجي خلاف اهڙو الزام آڻي
تہ سمجهو تہ ائين هوندو.

”شڪر، حمداللهہ“ مون چيو: ”پيرڻ پوءِ اڃا سلامت
آهي. هن ڪو بہ پنهنجي ڪونہ ڪيو آهي“ ۽ جيڪي تڏهن سچ
هو سو اڄ بہ سچ آهي.

۽ اهڙي غليظ ڳالهه ڪانه لکي يا چئي آهي.

ووٽ ورتا ويا. ١٠٠ ووٽن تان مون ڪٽيو. ڪميٽ جي مونهن جو پيو لهي ويو. عوامي ليگ جا طرفدار گونڊن جيان روش ڪرڻ لڳا. منچ تي گهيرو ڪري آيا. بلديو سيڪريٽري نه گهرجي. ناگراٺي صاحب ڏڙڪو ڏنو - مان بلديو سان ڪم نه ڪندس. يا سيڪريٽري بدلايو يا آءٌ اِستعيفا ٿو ڏيان ۽ هُن اِستيفا لکي ڏني. هڪ گهوٽالو پيدا ٿي ويو - جوڙجڪي گهوٽالو.

ٻن ڪلاڪن لاءِ ميڙ مهمل ڪيو ويو. پڙدي پٺيان ڳالهيون هلڻ لڳيون. ٻه ويچار هئا. ناگراٺيءَ جي اِستيفا منظور ڪجي ۽ ٻيو پريزيڊنٽ چونڊيو وڃي. ناري گوسهاٺيءَ جو نالو رکيو ويو. ڪٿهن ڇيو بلديو ۽ ناري ڪيٿن گڏجي ڪم ڪندا، ٻنهي جي وچ ڇوڏهو چندرما آهي. مون کان پڇيائون: مون ڇيو جاتيءَ ۽ ٻوليءَ جي صدقي آءٌ گوسهاٺيءَ سان ٻه ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. دوست تعجب ۾ پئجي ويا ڇو ته اها نه وسهڻ جهڙي ڳالهه هئي.

پوءِ سيٺ پرشوتمسنگهه ڇوي ڪو ناهه جو رستو ڳولهيو ۽ چيائين مان بئنگلور مٿان اهو ٽڪو اچڻ ڏيڻ نه ٿو چاهيان ته هتي اچي جاتيءَ ۾ ڦوٽ پيئي ۽ مان انکي ٽاري نه سگهيس. گهڻي بحث مباحث ۽ ويچارن جي ڏي وٺ بعد هڪ ناهه جي فارمولا تيار ڪئي وئي. آءٌ سيڪريٽريءَ جي پد تان اِستيفا ڏيان. ٻئي طرف ڪميٽ ٻه پنهنجي دعوي ڇڏي. سيڪريٽري اڳيون مالهي قائم رکيو وڃي. ڪاروباري ڪاميٽيءَ تي ديوناگري ليپيءَ جي سمرٿڪن جا ٻه عيوضي کنيان وڃن. سيٺ بجاج جي زور ڀرڻ تي مون اها ناهه جي فارمولا قبول ڪئي.

ڪاش بجاج سيٺ ناهه لاءِ ايتري انتظاري نه ڏيکاري ها. ٻوءِ سمبلن ۽ سيا مڪمل طور اسان ديوناگريءَ وارن جي قبضي

نوڪريءَ جي تلاش ۾؟"

مون چيو: سرڪاري نوڪري تہ ڪڏهن مون ڪئي ڪونہ. گانڌيجيءَ جي رهبريءَ هيٺ تہ نوڪريون ڇڏيون ويون هيون. آءٌ تہ آيو آهيان پنهنجي خدمت اوهانجي اڳيان رکڻ، جتي بہ جنهن بہ حيثيت ۾ ان جو اپيوگ ڪريو.

دادا ڀانيان تو منهنجي من جي پيڙا کي ڀانپي ورتو ۽ ڪجھ گفتگوءَ جو رخ بدلائي چيائين: اڄ سرڪار پنهنجي آهي انڪري سرڪار جي نوڪري ڪرڻ ۾ ڪا گهٽتائي ڪانهي. تلندو سرڪار کي تہ ايماندار ۽ هڏڏوڪي ماڻهن جي گهرج آهي، وغيره.

خير، آخر فيصلو ائين بيٺو جو دادا هندستان ٽائمس جي ايڊيٽر، شري ديوداس گانڌيءَ کي فون ڪيو، جنهن سان آءٌ ملاقات ڪرڻ ويس. هن مون سان ٥ منٽ ڳالھ ٻولھ ڪري پانپوءِ يڪدم نوڪريءَ جي آڇ ڪئي ۽ ٤٠٠ روپيہ ماهيانو پگهار. آءٌ ٻن ڏينهن بعد نوڪريءَ تي چڙهڻ وارو هوس، ۽ جي ان نوڪريءَ تي چڙهان ها تہ اڄ شايد ٿي هزار روپيہ پگهار کڻيم ها ۽ ڪهڙي خبر هندستان ٽائمس جو ايڊيٽر هجان ها.

بندي جي من ۾ هڪڙي، ايشور جي من ۾ ٻي. ٻئي ڏينهن بخار اچي ويو، ۽ اهو ٻن ٽن ڏينهن ۾ پورو ڪونہ ٿيو. لاچار دهليءَ مان ٻڙودي مائٽن وٽ آيس، جتي ننڍو ڀاءُ بہ هيل هو. هن چيو نوڪري ڇا ڪندين. اچو تہ ڌندو ڪريون. ويس ڪوليون.

بس ان بخار منهنجي جيون پرواهہ ۾ تبديل آڻي ڇڏي. شري ديوداس گانڌي هڪ سال تائين منهنجن مٽن کان منهنجي ڇا ڪندو رهيو تہ ڪيڏانهن هليو ويو؛ اڄ بہ اچي تہ منهنجو

٢٢- جڏهن بخار زحمت جي بدران رحمت ثابت ٿيو

١٩٤٨ جو سال. ٣١ مارچ تي آءٌ ڪراچيءَ مان گرفتاريءَ جي وارنٽ کان پاڻ بچائي، هوائي جهاز ۾ چڙهي دهليءَ پهتس. ان سانگي ڏينهن يا ٻئي ڏينهن آءٌ پنهنجي نيتا سان ملاقات ڪري ويس. شري جئرامداس تڏهن هند سرڪار ۾ اناج وڀاڳ جو منتري هئو.

آءٌ سنڌ ۾ جڏهن رهيو پيو هوس تڏهن پنهنجي متر شري وليڇا وٽان ڪيترا خط پيا ايندا هئا جنهن ۾ لکيل هوندو هو ته تون جلد هتي اچ جو هتي نرواسين جي سيوا ڪاريه لاءِ سٺا سيواداري گهربل آهن. جڏهن دهليءَ پهتس تڏهن معلوم ٿيو ته ڪيترا سنڌي ڪانگريس ڪم ڪندڙ سرڪار جي پنرواس وڀاڳ ۾ نرواسين جي سنڀال لاءِ پنرواس ڪاريه ۾ رنيا ويا آهن ۽ هو انهيءَ حيثيت ۾ نرواسين جي چڱي خدمت ڪري رهيا هئا. سڀاويڪ مونکي لڳو ته مونکي به ان ڪاريه ۾ رنيايو ويندو. منهنجو متر شري وليڇا پنرواس وڀاڳ ۾ ڊپٽي ڊاريڪٽر جي عهدي تي رکيو ويو هئو، جتان پوءِ هن استيفا ڏني. هن ڇو استيفا ڏني سا به هڪ دکدائي ڪهاڻي آهي جنهن جو ذڪر ڪنهن موزون وقت تي ڪندس.

آءٌ جڏهن دادا وٽ ويس تڏهن پهريون سوال جو هن پڇيو تنهن مونکي ڏڪڪو ڏئي ڇڏيو. چيائين: ”آيو آهين

جنمن جي ڪمائي) تنهن ۾ ڪٿر وجهڻ جي ايشور ڪي به شڪتي نه آهي، ۽ ان ڪان وڌ ڪير ڏيئي به ڪو نه سگهندو. ان ٻخار بدولت جو منهنجي جيون پرواهه ۾ تفرقو اچي ويو ان جو پوتاميل ڪندي آءٌ ائين ئي سمجهندو آهيان تہ مون جي لڪشميءَ جي روپ ۾ ڪجهہ وڃايو نہ ان ڪان گهڻو وڌيڪ سورسوتيءَ جي روپ ۾ حاصل ڪيو اٿم. ان ڪري آءٌ ان ٻخار کي زحمت نه مگر رحمت ئي سمجهندو آهيان.

دروازو هن لاءِ کليل آهي. پر آءٌ ته هتي جڪڙجي ويس.

آءٌ ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان ته اهو بخار زحمت ثابت ٿيو يا رحمت. بخار نه اچيم ها ته هوند اڄ دهليءَ ۾ سکيو ويٺو هجان ها، خاصي پگهار کڻندو هجان ها، سٺو، سک سهنج وارو مڪان هجيم ها، سجايل ڊرائينگ روم سان ۽ ٽيليوزن، ايئرڪنڊيشنر وغيره سهوليتون ميسر هجن ها. هيڏانهن هتي اهي ٣٠ سال جدوجهد جا گذريا آهن، ڪشمڪش ۽ ڪشالن سان پر، نه گهر، نه مڪان، هر جسماني سک سهنج کان محروم!

مگر اهو جيون پنهنجو نجو ذاتي جيون هجيم ها، شايد من کي آٿت ڏيان ها ته انگريزي اخبار ذريعي آءٌ ماڻهن جي سيوا ڪري رهيو آهيان، مگر پنهنجي جاتيءَ کان ڪٽجي وڃان ها. بخار بدولت مون جيڪو چونڊو ڌنڌو اختيار ڪيو تنهن مونکي پنهنجن ڀائرن سان بلڪل ويجهي سمپرڪ ۾ اچڻ جا موقعا ڏنا، سندن دکن ۽ ڪشٽن جو ويجهڙائيءَ تان جاڻ ۽ انڀوُ ٿيو ۽ پنهنجن بين ساٿين سان گڏجي ڀائرن جي مسئلن حل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ڀاڱي ڀائي ٿيڻ جو سوڀاڳيه حاصل ٿيو.

شايد آءٌ انگريزي اخبار نويسيءَ جي کيتر ۾ ڪجهه پرسڌي حاصل ڪريان ها. انگريزي ڀاشا چڱي ايندي اٿم، مگر پنهنجي پياري ٻوليءَ کان دور هليو وڃان ها. اڄ سنڌي ڀاشا جي اخبار نويسيءَ، ساهتيه رچنا، ڪوتا جوڙڻ، آلوچنا جي کيترن ۾ جيڪي ڪجهه ڪري سگهيو آهيان سو مؤر ڪري نه سگهان ها ۽ ان ڪندي جا آنند جي پراپتي ٿي ان کان وانجهجي وڃان ها.

منهنجو اٽل وشواس آهي- ڪمائي قسمت جي آهي. جيڪي پنهنجي قسمت ۾ لکيل آهي (قسمت يعني پوربلي

ٿيندي ڀاءُ منهنجو اهڙيءَ ننڍڙيءَ ڳالهه ۾ دل رکي ڪونه
ـگهيو. دل سسڻ لڳي پر دل شڪستو ڪونه ٿيس. ننڍي ڀاءُ
ـي چيم: رام ڳالهه ٻڌ. مان هڪڙو خط لکان ٿو؛ تون بندوبست
ڪر ته اهو خط مرارجي ڀائيءَ کي ملي ضرور. پوءِ شاديءَ ۾ نه
ـچي ته منهنجي ڳالهه گهٽ. ڀاءُ چيو: ان کان تون ڇٽو آهين.
خط تون لکي ڏي، پهچائڻ ڪم منهنجو.

مون خط لکيو. لفافي ۾ بند ڪري ڀاءُ کي ڏنم. اڌ ڪلاڪ
ـ هو موٽي آيو ۽ اچي ٻڌائين ته خط هن وقت مرارجي ڀائيءَ
ـجي هٿن ۾ پهچي ويو هوندو. پڇيو مانس سو ڪيئن. ٻڌائين
ـسندس پي. اي. وٽ ويس. هن تمام ضروري ڪاغذن جو
ـائيل تيار ٿي ڪيو مکيه منتريءَ ڏانهن موڪلڻ لاءِ. عين ان
ـوقت مان وڃي اُتي پهتس. کيس چيم ته هي خط به بلڪل
ضروري ۽ تڪڙو آهي سو ان فائيل سان موڪلي ڏي. پي. اي.
ـهو خط مٿان رکي فائيل اندر موڪليو.

اسين ائين پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هئاسون ته ٽيليفون جي
گهنٽي وڳي. ٻئي طرف شري مرارجي ڀائيءَ جو پي. اي. هو.
ٻڌائين مسٽر گاجر آهي. مون 'ها' ۾ جواب ڏنو. ٻڌائين شري
مرارجي ڀائي سڀاڻي اوهانجي شاديءَ تي ايندو. اوهانکي خبر
ڏيڻ لاءِ فون ڪيو اٿم.

ٻئي ڏينهن برابر مرارجي ڀائي شاديءَ تي آيو. ۵-۷ منٽ
ـويٺو، پيڻ ساڻس گڏجي فوٽو ڪڍايو ۽ مرارجي ڀائي اسانجي
ـدل رکي ڪاري سوڊا ورتائي.

اوهين اوس پڇندا ته منهنجي خط ۾ اهڙو ڪهڙو جادو
ـهو جو جڏهن چئن سنڌي نيتائن کي جواب ڏنو هئائين تڏهن
ـبه مرارجي شاديءَ تي آيو. مون وٽ خط جو نقل ته هينئر
ـهڪيو ڪونهي، مگر جيڪي ڪجهه لکيم تنهن جو تات پرج

٢٣- جڏهن مرارجي ڀائيءَ کي شاديءَ تي گهرايم

شري مرارجي ديسائي هڪ بلڪل ڪٽڙ نيتا ڪري شمار ڪيو ويندو آهي- ايرادي جو مضبوط ۽ اڻ مڙندڙ. ڪيس ڪا ڳالهه مڃائڻ آسان ڪم نه آهي.

منهنجي ننڍي ۾ ننڍي ڀيڻ جي شادي هئي. سندس دل ۾ پوبل چاهنا اڀي وئي ته بمبئي جو مکيه منتري شري مرارجي ضرور سندس شاديءَ ۾ شريڪ ٿئي ۽ اچي جوڙي کي آسيس ڪري. منهنجو پتا تن ڏينهن اڃا حيات هو. آءٌ منجهي پيس ته مرارجي ڀائيءَ کي ڪيئن مڃائي سگهندس. پنهنجن دوستن سان ڳالهه ڪيم. چيائون ڪهڙو ڏکيو ڪم آهي؛ اسين هلي ٿا ڪيس روبرو نوتو ڏيون. شري پرسرام ٽهلراماڻيءَ ۽ ٻه ٽي ٻيا دوست ساڻ ڪري آءٌ مرارجي ڀائيءَ وٽ ويس. ڪيس نوتو ڏنوسون ۽ وينتي ڪئي ته شاديءَ تي اچي. شري ٽهلراماڻيءَ ته ڪيس ايترو به چيو ته هيءَ ڄڻ منهنجي ڌيءَ آهي؛ پر مرارجي ڀائيءَ انڪار ڪيو. چيائين مان تمام مشغول ٿو رهان راڄيه جي ڪمن ۾. مان ائين جي شادين تي وڃڻ لڳس ته پوءِ راڄيه ڪاروبار جو ڇا ٿيندو نراس ٿي واپس آياسون. منهنجن ساٿين کي ڏاڍو ڏک ٿيو. پر مرارجي ڀائي ته آهي ئي ائين رکو ماڻهو؛ ان جو ارمان ڪهڙو.

آءٌ پوبس ۾ واپس آيس. سوچيم ڀيڻ جي دل لهي ويندي.

٢٤- جڏهن ٻن هزارن جي ڏنڊ جي نوبت آئي

١٩٤٨ جو سال هو. پاڪستان مان اچڻ بعد هتي پاڻ سان گڏجي ڌنڌو شروع ڪيم. هڪ نيڪ گجراتي مِٽر کان پريس خريد ڪئي سون. ١٥-٢٠ ڏينهن گذريا ته هڪڙو سرڪاري انسپيڪٽر آيو. خبر نه آهي ڪيئن پتو پيو ته مالڪ بدليو آهي. پريس ڏسي، مٿاڇري جاچ جوچ ڪري چيائين: توهان پريس خريد ڪرڻ لاءِ سرڪار کان موڪل ورتي آهي؟

مون چيس نه ڪو. سرڪار کان موڪل وٺڻ جي ڪهڙي ضرورت. چيائين توهان کي ڄاڻ ڪانهي. اڃا ڊفينس آف انڊيا رولس چالو آهن، پيپر ڪنٽرول آرڊر اڃا حيات آهي، ڪابه پريس سرڪار جي اجازت کانسواءِ جاري نه ٿي ڪري سگهجي وغيره.

پاڙي وارن پاسيرو سڏي چيو: ٥٠ روپيا خرچي ڏئي نه ته وڏي آئيءَ ۾ اچي ويندين. مون انسپيڪٽر کي مونهن ڪو نه ڏنو. آخر سرڪاري نوٽيس آيو، تو بنا سرڪار جي اجازت جي پريس جاري ڪئي آهي، سبب ڏيکار ته ڇو ڪين تو مٿان ڊفينس آف انڊيا رولس جي ڀڃڪڙيءَ لاءِ ڪيس ڪجي. ڪيس ۾ سزا ٻن هزارن روپين تائين ڏنڊ پئجي سگهيو ٿي ۽ ڇهه مهينا جيل. بلڪل ئي منجهي وياسون. اڃا پيرئي نه ڪتا آهن مٿان ڏنڊ. رلي ويندا سون. ٥٠ روپين نه سهائڻ جو نتيجو.

هيٺ ڏيان ٿو.
مانوارا شري مرارجي ڀائي!
اڄ آءٌ پنهنجن ساٿين سان گڏجي اوهانکي پنهنجي پيڻ جي شاديءَ تي اچڻ لاءِ نوتو ڏيڻ آيس. اوهان ان موقعي تي اچڻ کان مجبوري ڏيکاري. اوهان چيو ته اوهان مڙني شادين تي اچڻ شروع ڪيو ته راڄ جي ڪاروبار جو ڇا ٿيندو.
اوهانجي ڳالهه سچي آهي. پر اها سچي تڏهن شمار ڪجي جڏهن اوهان شادين تي بنهه ڪونه ويندا هجو. اوهان ڪڏهن ڪڏهن شادين تي ويندا آهيو ۽ ڪن سيٺين جي شادين تي به اوهان ويندا آهيو. فرق هي آهي ته اُهي سيٺي وڏا شاهوڪار ۽ نالي وارا ماڻهو هوندا آهن، ۽ آءٌ هڪڙو غريب ۽ گمنام ڪانگريس سيوڪ آهيان.
اوهين نه ايندا ته به شادي ته ٿي ويندي. اوهان اهو دل ۾ رکجي ويندو ته شري مرارجي ڀائي شاهوڪارن ۽ وڏن ماڻهن جي شادين تي ته ويندو آهي پر هڪ نامعلوم غريب ڪم ڪندڙ جو نوتو نه ٿو قبولي. ان ۾ گهٽتائي اوهانجي آهي. بيو اسان لاءِ مڙيئي خير.

اوهانجو

....

تيو سندس دل ۾ چڀي ويو يڪدم فون ڪرايائين ته مان ايندس. مرارجي ڀائيءَ سان منهنجي بنهه واقفيت ڪانه هئي. آءٌ سياڻ کان ئي لڙاڪو ۽ گوشي نشين آهيان ۽ وزيرن ۽ عملدارن جي لهه وچڙ ۾ بلڪل ئي ڪونه اچان. مرارجي ڀائيءَ سان اهو پهريون دفعو گڏيو هوس ۽ اهو آخرين دفعو به هئو.

تنهنجي آهي، ڇا تو اکيون ٻوٽي صحيح وڌي. انسپيڪٽر کان ان وقت ڇو ڪين پڇيءَ ته هن جو ڪهڙو ڏوهه آهي جو نوٽيس ڪڍارايائين .

آفيسر سڀ ۾ اچي ويو. مون ڪيس چيو :

”ڇڱو هاڻ مان توکي ٻڌايان ته ڪهڙي ڏوهه لاءِ تنهنجي انسپيڪٽر نوٽيس ڪڍيو آهي.

ڏوهه هي آهي جو مون توهانجي اجازت کانسواءِ پريس وڌي آهي. هاڻ توهانجي انسپيڪٽر ۽ توهان اهو قانون پوريءَ طرح سمجهوئي ڪونهي. جنهن آرڊر هيٺ اوهان نوٽيس ڪڍيو آهي سو آهي پيپر ڪنٽرول آرڊر. اهو جنگ جي هلندي نڪتو هو ۽ ان جو مقصد اهو آهي ته ڪاغذ جي ڪاپي تي ضابطو رهي. ڪاغذ جو ڪاپو وڌي نه . انڪري ئي نئين سر نئين پريس کولڻ جي لاءِ سرڪار کان اجازت وٺڻ ضروري آهي. پر مون جيڪا پريس جاري ڪئي آهي سا اڳ ئي چالو آهي، انڪري ڪاغذ جي ڪاپي وڌڻ جو ته سوال ئي پيدا ڪونه ٿو ٿئي، انڪري تنهنجو نوٽيس بي جاءِ آهي تنهن سواءِ مان توکي اهو به ٻڌايان ته ڊڪليئريشن اڃا ته اڳئين مالڪ جي نالي ۾ آهي، هو اسان سان نئين ڪارخاني ۾ ڀاڱيدار آهي تنهن ڪري اوهان ڪابه ڪاروائي ڪري نه سگهندا.

آفيسر سمجهي ويو ته ڪنهن ڏکيءَ ماڻهوءَ سان پالو پيو آهي؛ هي ته قانون ۾ مون کان به وڌ آهي.

سو چيائين مان نوٽيس رد ٿو ڪريان. توهين ڀلي پريس هلايو. باقي توهانکي پني جو ڪوٽا ڪونهي سو جلد ئي مان اوهان جي نالي ڪوٽا مقرر ڪري اوهان کي ڪارڊ موڪليندس.

۽ واقعي هفتي اندر اُهو ئي ساڳيو انسپيڪٽر اجازت جو پروانو ۽ ڪوٽا گهر وٺي ڏئي ويو.

واسطيدار آفيسر وٽ لنگهي ويس، دروازي تي پٽيوالو بيٺو هو. کيس ناليءَ جو ڪارڊ ڏنم. ڪارڊ صاحب وٽ کڻي ويو ۽ واپس اچي ٻڌائين ته صاحب کي تمام گهڻو ڪم آهي، اڄ اوهان سان ملي ڪونه سگهندو. مون به چپراسيءَ کي ذرا ڏمڪايو ۽ وڏي واڪي کيس چيم: صاحب کي ملڻو پوندو. ائين چئي ٻانهن سان پٽيواليءَ کي هٽائي زوريءَ اندر صاحب وٽ هليو ويس.

صاحب ڪجهه چڙ ۽ ڪجهه حيرانيءَ ۾ مون ڏانهن نهاريو. ٻڌائين مون ٻڌائي جو موڪليو ته وقت ڪونهي، پوءِ تون ڇو آيو آهين.

مون بلڪل وڏي آواز سان رڙ ڪري کيس چيو:

تون سرڪار جو پگهار کائي رهيو آهين، تون اسان کي ملاقات ڏيڻ لاءِ ٻڌل آهين. تون نوٽيس ڪڍين ٿو پر جواب ٻڌڻ لاءِ ٽوڪي وقت ڪونهي.

عملدار مهنجو واڪو ٻڌي ڪجهه هيسجي ويو. ٻڌائين پلا ڇو ٽوڪي ٿا گهرجي.

مون چيس پهرين تون مريادا سک ۽ ويهڻ جي آڇ ڪر ته پوءِ ڳالهه ڪريان. پر جي تو ۾ فضيلت ڪانهي ته مان پاڻ ٿو ويهي رهان ۽ ائين چئي ڪرسيءَ ويهي رهيس.

ٻڌائين: "هاڻ پلا ٻڌاءِ". مون کيس نوٽيس ڏيکاريو ۽ چيو: ٻڌاءِ مون ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي جو نوٽيس ڪڍيو اٿئي.

هن اِن انسپيڪٽر کي گهرايو. پٽيوليءَ چيو: ته اِنسپيڪٽر چڪر تي ويو آهي.

پوءِ آفيسر مونکي چيو: انسپيڪٽر اچي ته ڪانئس پڇان ته نوٽيس ڇو ڪڍيو اٿس.

مون کيس چيو: تون آفيسر آهين، نوٽيس تي صحيح

”پارتواسي“ ۾ ڪم ڪندو هو پر پوءِ هو اسانکي ڇڏي پنهنجي خود مختيار زندگي کي وڃي لڳو.

جڏهن پريش اسان وٽ ئي ڪم ڪندو هو تڏهن سندس ۽ وڃيه جي وچ ۾ ڪجهه پريت جو ناتو بڌجي ويو ۽ آخر سندن شادي ٿي. اها شادي فورٽ آريه سماج جي مندر ۾ ٿي. اها شادي ٻنهي ڌرين جي مائٽن جي ناراضپي سان ٿي هئي، جيتوڻيڪ جيتري قدر مونکي ڄاڻ آهي ته وڃيه جي پتا آخر، شايد لاچاريءَ کان، اجازت ڏني هئي.

جو راز اڄ پاڻکي آڏو رکڻ چاهيان ٿو سو اهو ته آءٌ ان شاديءَ ۾ حاضر ڪونه هوس، جيتوڻيڪ دنيا ائين پئي سمجهيو آهي ته مون اها شادي ڪرائي هئي. ڪهڙي ڪارڻ آءٌ شاديءَ ۾ شريڪ ڪونه هوس سو آءٌ اڄ ٻڌائڻ اچا موزون نه ٿو سمجهان. جنهن وقت شادي ٿي رهي هئي، آريه سماج مندر ۾، تڏهن آءٌ پنهنجي پريس ۾ ويٺو هوس؛ جيتوڻيڪ مونکي خبر هئي ته شادي ٿي رهي آهي ۽ ڪٿي ٿي رهي آهي.

آءٌ پريس ۾ نهايت گهري سوچ، پريشانيءَ ۽ مونجهاري ۾ ويٺو هوس. سوچيان پيو جيڪڏهن وڃيه جو پتا اوچتو پريس ۾ اچي وڃي ۽ مونکان وڃيه ۽ پريش لاءِ پڇي ته آءٌ ڪهڙو جواب ڏيندس. جيڪڏهن ڪيس برابر ڏس ڏيان ته هوُ اُتي وڃي بکيڙو مچائي سگهيتو، اوس مچائيندو. جيڪڏهن ڪيس چوان مونکي خبر ڪانه آهي ته ڪوُڙ ٿيندو، ۽ مون ڪوُڙ ڳالهائڻ نه ٿي چاهيو. هڪ ويچار دل ۾ آيو ته آءٌ پريس مان ڪجهه وقت لاءِ هليو وڃان. پر پوءِ سوچيم ته اها به ڪمزوري ٿيندي. تنهن سواءِ ممڪن آهي ته پريش ۽ وڃيه وٽان ڪو فون اچي، ڪا ڪين تڪليف درپيش اچي، ۽ سچ پچ سندن فون آيو به، ڪو مونجهارو پيدا ٿيو هو جنهن جي نورت ڪرڻ لاءِ ڪين منهنجو

٢٥- جڏهن ايشور مونکي ڪوڙ ڳالهائڻ کان بچائي ورتو

اڄ آءٌ پاٺڪن کي هڪ راز ٻڌائڻ ٿو چاهيان جو شايد ٻڌي گهڻن کي تعجب لڳندو. آءٌ راجا هرشچندر جيان ستيه وادي هجڻ جو دم ته ڪونه هڻندس، پر آءٌ ڪوڙ ڳالهائڻ بلڪل ئي پسند ڪونه ڪندو آهيان. سياست ۽ پبلڪ جيون ۾ توڙي زندگي ۾ منهنجي اهائي ڪوشش رهندي آهي ته جيڪي زبان مان نڪري سو ستيه هجي.

بعضي اهڙا موقعا بڻجندا آهن جڏهن تمام مشڪلات هيٺ اچي ويندو آهيان ته هن موقعي تي ستيه ڳالهائجي يا نه ڳالهائجي. گئو ۽ ڪاسائيءَ وارو مثال جڳ پرسد آهي. اهڙا موقعا گهڻن ئي ستيه جي راهه تي هلندڙن جي جيون ۾ ايندا ئي هوندا. هو ڪيئن ان مشڪلات مان پار پوندا آهن سو هڪ دلچسپيءَ جو اڀياس ٿيندو. آءٌ اڄ هڪ اهڙي موقعي جو بيان پاٺڪن آڏو رکان ٿو.

وجيه ۽ پربش جي معاملي جي ته اسانجي پاٺڪن مان گهڻن کي ڄاڻ هوندي.

وجيه سنڌي جاتيءَ جي هڪ پرسد گائڪا آهي، لتا سان ٽڪر کائڻ واري. کيس چوندا ئي آهن سنڌين جي لتا. پربش هڪ هونهار نوجوان اخبار نويس هو جو ڪي سال اسان سان

٦- جڏهن بئنڪ کي قرض جي درخواست ڪيم

ڪي سال اڳ جڏهن سرڪاري ڇپائيءَ جو ڪم مليو
تڏهن موڙيءَ جو کپ ٿيو. مون وٽ ڪا رقم بئنڪ ۾ نه
رهندي ئي ڪانهي. آٺيون ۽ چاڙهيون ڏٺ ڏهاڙي سومرا.
ڪنهن مٿو صلاح ڏني ته پنهنجي بئنڪ کان قرض وٺ.
بئنڪون قومي ملڪيت بڻايون ويون آهن سو ننڍن ڪارخانيدارن
کي هيئنر سولو مدد ڏيون ڪن.

آءٌ بئنڪ ۾ ويس ۽ ڏهن هزارن جي قرض لاءِ درخواست
ڏنم. آفيسر کي سرڪاري آرڊر ڏيکاريم ۽ چيم ته ڪم پورو
ڪري بل اوهان جي معرفت موڪليندس ۽ چيڪ ئي اوهانجي
نالي نڪرندا. آفيسر چيو ته ٽن ڏينهن ڪانپوءِ اچج. ٽن ڏينهن
ڪانپوءِ ويس. آفيسر چيو ته مون تنهنجي ليجر اڪائونٽ جي
تپاس ڪئي آهي. تون پنهنجي اڪائونٽ ۾ ڪجهه بالنس
ڇڏين ئي ڪونه ٿو پوءِ توکي قرض ڪيئن ڏيون. پوءِ هڪڙو
سوال پڇيائين. ڇي اسين تنهنجي اڪائونٽ مان ڏسون ٿا ته
جيتوڻيڪ بالنس نه ٿو ڇڏين پر جڏهن ڪا چيڪ تنهنجي
ڪتل اچي ٿي ته ان ڏينهن تون پئسا وجهائي ٿو وڃين.
تنهنجي معنيٰ ته تون پئسا ڪٿي ٻئي هنڌ ٿو رکين، اسان وٽ
ڪونه ٿو رکين، ۽ ضرورت وقت ٿو ڪڍي اچين.

مون آفيسر کي چيو ته پائي اهو نه ذرا سوچيو ته جي پئسا

ڪپ ٿيو هو.

مون فيصلو ڪيو ته آءٌ پورهيس ۾ نئي ويهان ته ۽ جيڪا پورهيتي ٻڌي انکي اوڏيءَ مهل ئي مونهن ڏيو.

منهنجو انديشو صحيح نڪتو. وجيه جو پتا سچ پچ پورهيس ۾ آيو. عين ان وقت جڏهن آريه سماج مندر ۾ شادي هلي رهي هئي.

وجيه جي پتا اچڻ سان مون کان هي سوال پڇيو:

”پورهيش ۽ وجيه هتي توهان وٽ ته ڪونه آيا؟“

”نه، هتي ته ڪونه آيا“ مون جواب ۾ چيو. هو اهو جواب ٻڌي هڪڙو منٽ وڌيڪ ترسڻ بنا هليو ويو.

۽ واقعي هو مون وٽ آيا ئي ڪونه هئا. وي. ٽي. سٽيشن تان وجيه جي پتا کان ۱۵ منٽن جي اجازت وٺي ويا ۽ وري ڪونه موٽيا. هو سڌو آريه سماج ۾ هليا ويا جتي شاديءَ جو هتن اڳ ۾ ئي سمورو بندوبست ڪيو هو. هيڏانهن وجيه جو پتا انتظاريءَ ۾ سندن موٽڻ لاءِ وي. ٽي. سٽيشن تي بيٺو رهيو.

ائين ايشور مونکي ڪوڙ ڳالهائڻ کان بچائي ورتو جو وجيه جي پتا جي من ۾ سوال ئي اهڙي طرح اُٿاريائين جو مون لاءِ ڪوڙ ڳالهائڻ جو ضرور نه هئي.

بئنڪ کي پئسا ملي ويا. ان بعد سال به سال سرڪاري درسي ڪتابن جو ڪم پيو ملندو آهي ۽ بئنڪ به قرض پيئي ڏيندي آهي. ڪڏهن ڪا رنڊڪ ڪانه پيئي آهي.

اڄ ڪالهه ڪاديءَ جا ڪپڙا اڪثر نيڪيءَ جي نشانيءَ جي بدران چور بازار، نفعي خوريءَ وغيره سان جوڙيا ويندا آهن. ڪن ته انڪري ڪاديءَ جا ڪپڙا لاهي ڇڏيا آهن. منهنجي حالت ۾ ڪاديءَ جا ڪپڙا برڪت ثابت ٿيا آهن، هڪ دفعي نه پر ڪيئي دفعا. مگر ڪاديءَ جي ڪپڙن سان گڏوگڏ عمر جڙيل آهي تڏهن فيض مليو اٿم ۽ ان سان گڏ آتم وشواس.

مون وٽ ٻئي هند وڪيل هجن ته پوءِ اوهان کان قرض ڇو گهران ۽ وياج ڇو ڀريان. هي ته جڏهن منهنجي ڪيل چيڪ ايندي آهي ته اوهان وٽ تڏهن هٿان هٿ ڪري وڃائيندو آهيان جيئن چيڪ واپس نه وڃن.

آفيسر پوءِ پڇيو: تنهنجي عمر.

آءٌ: ٦٥ ورهيه. (تڏهن عمر ٦٥ ورهيه هئي).

هو: تون ڪادي ڪپڙا ڪڏهن کان پائيندو آهين.

مان: 1930 کان.

هو: تون گانڌي يگ جو ماڻهو آهين.

مان: هائو.

هو: تون مهاتما جو پيروڪار آهين.

مان: اها دعويٰ ته مان ڪري نه ٿو سگهان پر ڪوشش ڪندو آهيان سندس ٻڌايل راهه تي هلڻ جي.

هو: چڱو، تون هفتي بعد اچج.

مان هفتي بعد آفيسر وٽ ويس. تنهن وچ ۾ بئنڪ جو ڪو ڪلارڪ دستوري طور پڇس ڳڇڻ آيو. آءٌ جڏهن آفيسر وٽ ويس تڏهن هيئن چيائين:

”مون اوهان لاءِ ڏهه هزار قرض منظور ڪرايو آهي، پنهنجي جوکم تي. اوهان جي عمر ۽ ڪپڙن دل تي گهاتو اثر ڇڏيو. مان اوهان کي پنهنجي پتا سمان ٿو سمجهان. وڃو وڃي پئسا وٺو ۽ پنهنجو ڪم پورو ڪريو. ڏسجو جيئن منهنجي ڳالهه ڪسي نه ٿئي.“

نه ضمانت، نه گروي، نه زيور بار، نه ڪنهن کي ڪو پائي پيسو ڏيڻ وٺڻ. ڏهه هزار بئنڪ قرض ڏنو ۽ مون سرڪاري مليل جڳهه جو ڪم پورو ڪيو. بل بئنڪ جي معرفت موڪليم ۽

ڪجهه تڪرار ٿي پيو. تڪرار سياسي ڪو نه هو، جو گهڻو تڻو رڳو لفظن جي چوڌاري اٿجي ويندو آهي. پئسي جو معاملو هو ۽ رقم سوا لک هئي. آءٌ ڌرين جا نالا ڪونه ٿو ڏيان؛ ڇو ته انهن مان هڪڙو ايشور جي دربار ۾ پهچي ويو آهي ۽ ٻيو اڃا حيات آهي. ٻئي دوست ڪورٽ جي معرفت مونکي امين ڪري آيا. امين ته آءٌ اڳ ٻه ٽي دفعا ٿيو آهيان، سو به ڪورٽ جي معرفت، معاملا ڇوٽا هئا، ٻن ٽن سون جي اندر. پر هي معاملو بلڪل وڏو هو ۽ منهنجي پنهنجي ڌرن تي ڏکي.

ڌرن تي ڏکي انڪري جو ٻنهي مان هڪڙي ڌر وارو شخص منهنجو بلڪل ئي گهاٽو دوست هو، هائو بلڪل گهاٽو دوست ۽ ٻئي سان رڳو پبلڪ ڪيترن ۾ ڪاريه ڪندي ڪجهه واقفيت ٿي هئي. مون اُن متر کي چيو: توهان مونکي امين ڪيئن ڪيو آهي؛ اوهانکي ته خبر آهي ته منهنجي ٻيءَ ڌر سان بلڪل ئي گهاٽي مترتا آهي.

”هائو، مونکي خبر آهي پر مونکي اهو به وشواس آهي ته تون جڏهن امانت ڪندين ته دوستي جو رنگ تنهنجي من کي ڇهي ڪو نه سگهندو.“

ايڏي وڏي سرٽيفڪيٽ ملڻ تي دل ۾ خوشي ته تمام گهڻي ٿي، مگر انتظاري ۽ چنتا به منهنجي من تي قبضو ڪري ويٺو. سوچيان پيو ته امانت قبول ڪريان، نه ڪريان. مان پنهنجي من کي دوستيءَ جي سنبنڌ کان بنهه الڳ ڪري سگهندس. ڪٿي اچيت يا نيم سچيت من ته ان دوستيءَ جو لحاظ پنهنجو تاثير ڪونه ڇڏيندو.

مونکي هڪڙو واقعو ياد آهي. هڪ لڳا هڪ مضمون چٽاپيٽيءَ ۾ مون پنهنجو مضمون موڪليو هو. منهنجو چاچو

٢٧- جڏهن سوالڪ جي دعويٰ ۾ امانت ڪرڻي هئي

منهنجي هڪ دعويٰ رهندي آهي جا مان سدائين پيش ڪندو آهيان جڏهن ڪنهن سان ڪو تڪرار ٿيندو آهي. مخالف کي چوندو آهيان: امين ڪر، ۽ امين جيڪو توکي پسند اچي. ائين ٻه ٽي دفعا امانت ۾ معاملو ويو آهي ۽ مون کٽيو آهي. هڪ لڳا ته مخالف کي چئليدم ڏنم ته فلاڻو شخص توکي امين قبول آهي؟ تڪرار سياسي هو ۽ سياسي کيتر ۾ مذڪور شخص منهنجي مخالف جو پڪو ساٿي ۽ سمرٿڪ هو؛ ٿڌي ڪوسيءَ ۾ هن جو طرفدار. مخالف وائڙو ٿي ويو ۽ ٻيا ٻڌل متر حيران. چوڻ ڳهيلائي ڇو پيو ڪرين، پنهنجي بازي هارائيندين. هو ته تنهنجي مخالف جو گهاٽي ۾ گهاٽو متر ۽ ساٿي آهي. مون دوستن کي چيو "الله توهار؛ منهنجو پنهنجي سچائيءَ ۾ وشواس آهي ۽ انصاف جي نيڪيءَ ۾. هو مخالف جو دوست به جڏهن انصاف جي ڪرسيءَ تي ويهندو تڏهن وڪرمادتيه بڻجي پوندو."

ٿيو به ائين. ان امين پنهنجي دوست جي خلاف فتويٰ ڏني ۽ منهنجو سمرٿن ڪيو.

هڪ لڳا قصو اهڙو بڻيو جو مان خود اهڙي مشڪل اوسٿتيءَ ۾ اچي ويس. ٻه ڄڻا گهاٽا دوست هئا. ٽن جو پاڻ ۾

اڻٽوٽ وشواس اٿم. مون فتويٰ ڪهڙي ڏني اهو هتي ڄاڻائڻ جو ڪو پرايوجن ڪونهي. جو منهنجو گهرو دوست هئو انکي جڏهن فتويٰ وارو بند لفافو هٿ ۾ ڏنم تڏهن ڏٺم سندس هٿ ڏڪيا ٿي. آخر سوا لک روپئي جي سندس دعويٰ هئي، شايد سندس سموري روڪڙ. ٻيءَ ڌر کي فتويٰ بند لفافي ۾ سندس گهر موڪلي ڏنم. خبر نه آهي ته سندس من جي موٽ ڪهڙي ٿي.

منهنجي دوست پوءِ مون سان قبول ڪيو ته هو من ۾ گهٻرايل هو ته ڪٿي دوستيءَ جي حقيقت جو اثر پاڻ سندس لاءِ اُلٽو نه ٿئي. هن فتويٰ تي نه راضپي جو اظهار ڪيو ۽ نه ناراضپي جو؛ ۽ مون ڪانئس پڇڻ واجب ڪو نه سمجهيو. ٻيءَ ڌر تي ڪهڙو اثر ٿيو تنهنجو اڄ تائين ڪونهي. الٻت هن امانت کي رد ڪرائڻ لاءِ هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست ڪئي پر اُها سندس دعويٰ رد ٿي. امين جي فتويٰ تڏهن رد ٿي سگهندي آهي جڏهن امين جو ڪو فائدو يا واسطو يا بي ايماني ثابت ڪري سگهجي. ٻيو جڏهن امين ٻنهي ڌرين کي پوريءَ طرح ٻڌڻ ۾ گستو هجي. مون ٻنهي نقصن کان پاڻ کي آجو رکيو هو.

مان سمجهان ٿو ته ٻيءَ ڌر اپيل وڌي رڳو وقت هٿ ڪرڻ لاءِ جيئن پئسن جو بندوبست ڪري سگهجي. پوءِ خبر پيم ته ڪورٽ ۾ ٻنهي جو ناهه ٿيو يعني مدعيءَ فتويٰ جي رقم قسطين ۾ وٺڻ قبول ڪيو. خبر نه آهي ڪيس سموريون قسطون مليون الائجي نه؛ ڇو ته مدعا عاليه ڪجهه عرصي بعد سرڳواس ٿي ويو ۽ نهايت ڏکي پوسٿتيءَ ۾ جنهن جا کي ٻيا انيڪ ڪارڻ آهن. پر هن آزموديءَ اهو سيکاريو ته امين ٻڻجڻ سولو آهي مگر وڪرماديته جيان انصاف ڪرڻ نهايت ئي مشڪل ڪارج آهي.

سرڳواسي شري ٽيڪمداس ڳاجرا، ايم. اي.، جو هڪ بلڪل نئي قابل اُستاد شمار ڪيو ويندو هو، تنهنڪري انهن مضمونن لاءِ جج ٿيڻ لاءِ نوتو آيو. پهريائين هن اِنڪاري جواب ڏيڻ جو سوچيو؛ ڇاڪاڻ ته منهنجو پنهنجو پٽ به انعامن لاءِ اُميدوار آهي، انڪري آءٌ جج ڪونه ٿيندس. پر پوءِ پنهنجي من کي سمجهايائين، ته مان پاڻ کي ايڏو ڪمزور ڇو سمجهان جو پٽ سان به اِنصاف ڪري نه سگهندس. ائين سوچي ججي قبوُل ڪيائين. مونکي ٻيو نمبر انعام مليو. پهريون نمبر انعام جنهنکي مليو سو سندس هڪ لاڏلو شاگرد هو. نه ته ته ڪو هن اِنصاف ڪرڻ ۾ ڪا پاسخاطري ڪئي هوندي. مونکي لڳي ٿو منهنجو سندس پاڻ هڻڻ جي حقيقت اُٿلندو منهنجي آڏو آئي. سندس نيم سچيت من تي ضرور آدرش نموني اثر ڪم ڪيو هوندو ته متان مٿس ڪو آڱر کڻي ته پنهنجي پٽ کي پهريون نمبر ڏنائين.

ڪيئن به، مون سان جدوجهد ڪرڻ بعد مون امين ٿيڻ قبوُليو. ٣-٤ مهينا ڪيس پيو مون وٽ هلندو هو. مون سندن چوپڙا ڏٺا، سندن شاهديون ورتيون، آڏي پڇا ڪئي، بيان درج ڪيا. اهڙا پورهيتي ڪيترو نه منجهائيندڙ هوندي جڏهن منهنجو ههڙو گهاٽو دوست، ٻيلڪ جيئن ۾ ڇڏي کڻي تي منهنجو پٽ درشڪ، منهنجي آڏو هڪ مدعيءَ جيان اچي ڪڙو ٿي بيهي ۽ آءٌ کانئس سوال پڇان. پر اِنصاف جي ديوي ته نه اندي ڇٽي اٿن نه.

ٽن مهينن بعد مون پنهنجي فتوِيٰ ڏني. فتوِيٰ ڏيڻ کان اڳ ٻن مٽن سان صلاح ڪيم. هڪ وڪيل دوست سان، ان لاءِ ته ڪا قانوني غلطي نه ڪري وهان ۽ ٻيو هڪ ٻيلڪ ڪيترو ۾ نئي ساٿي آهي ان سان، ڇو ته هنجي ڏاهپ ۽ قابليت ۾

ڪرڻ بند ڪري ڇڏيندا هئا ۽ خاموش ٿي ويندا هئا جيڪو مون لاءِ ڄڻ نوٽيس هو تہ تون هليو وڃ ۽ ماٺ ڪري هليو ويندو هوس.

تن ڏينهن پرانتڪ سطح تي ٻن ڌرين جي وچ ۾ ڇڪتاڻ هوندي هئي- ترموُرتيءَ جي ڌر ۽ سوامي گووندانند جي ڌر. اسانجا شڪارپور جا ڪانگريسي سوامي گووندانند جا پوئلڳ هئا ۽ انڪري ئي هوُ مون کان ڪنارو ڪندا هئا جو هنن جي دل تي اثر هو تہ ترموُرتيءَ جو ماڻهو آهيان. تن ڏينهن شڪارپور جا مکيہ ڪانگريسي هئا ڪاڪو ڇوئيراج ۽ سوامي ڀڳياگہ پارتي.

آهستي آهستي آءٌ سندن وشواس هٿ ڪيو، نہ پنهنجي وفاداري بدلائڻ سان پر پنهنجي نشڪام ڪاريہ سان. ايتري قدر تہ سندن وشواسي بڻجي ويس جو شڪارپور ۾ ڪوبہ ڪانگريس ڪاريہ جو پروگرام ڪونہ رٿيو ويندو هو جيسين آءٌ ان پروگرام جي رٿڻ ۾ پنهنجو رايو نہ ڏيان. ميونسپل چوُنڊن ۽ اسيمبلي چوُنڊن ۾ اُميدوارن جي چوُنڊجڻ ۾ بہ منهنجي رائي کي ڪافي وزن ڏنو ويندو هو.

تن ڏينهن شڪارپور جو هڪ بزرگ ڪانگريسي سيوڪ هو شري کانچند گدومل جهنڪي مڪاني ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري بڻجڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. آءٌ ان ۾ نہ اڙهو هوس ۽ نہ ڪڏهن سندس آڏو آيس. آءٌ خوشيءَ سان سندس جائنٽ سيڪريٽري ٿي ڪم ڪندو هوس. مونکي ان ۾ نہ شرم ايندو هو ۽ نہ پنهنجي گهٽتائي سمجهندو هوس. مونکي بزرگن لاءِ سدائين عزت هوندي هئي، ۽ پنهنجي ڊگريءَ جو بوجو سر تي کڻي نہ گهمندو هوس.

اسانجي ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو پريزيڊنٽ ڀوڄن هوندو

٢٨- جڏهن آءٌ چوٿو منتري بڻيس

آءٌ مهاراشٽر وزارت ۾ ڪونه ٿو چوان ته چوٿو منتري بڻيس- اهڙو منهنجو نصيب ڪٿي- آءٌ نيڊڙي شڪارپور ڪانگريس ڪاميٽيءَ جي چوٿين منتري بڻجڻ جي وارتا ٿو ڪريان.

پبلڪ جيون ۾ مون ڪڏهن ڪنهن عهدي تي اچڻ جي تمنا ڪانه ڌاري آهي ۽ نه ڪڏهن ڪنهن عهدي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ئي ڪئي اٿم، ۽ نه ان چاهنا پوري ڪرڻ لاءِ ڪڏهن چوندن ۾ لڙيو آهيان. البت ايترو آهي ته جڏهن به مٿن منهنجي مٿان ڪا جوابداري وڌي آهي تڏهن ان کڻڻ کان انڪار ڪانه ڪئي اٿم ۽ ائين جوابداريون گهڻيئي سر مٿي پيون آهن، شڪارپور شهر جي نيڊڙي ڪانگريس سنستا جي جائنٽ سيڪريٽريءَ کان وٺي آل انڊيا سنڌ ڪانگريس ورڪرس سمتي ۽ آل انڊيا سنڌي ڪانگريس فورم جي جنرل سيڪريٽريءَ جي عهدي تائين.

بي. اي. پاس ڪرڻ ڪانپوءِ جڏهن آءٌ پهرين پهرين شڪارپور جي ڪانگريسي مرڪزن ۾ ويندو هوس تڏهن مڪاني ڪانگريس جا عهديدار مونکي ”ترموُرتي“ (جيٺرام- چوئٿرام- گهنشيام) جو ايجنٽ ڪري سمجهندا هئا ۽ منهنجي روبرو ڪي به ڳالهيون ڪرڻ نه چاهيندا هئا. آءٌ جيڪڏهن اوچتو سندن خانگي ميڙن ۾ وڃي نڪرندو هوس ته هوُ ڳالهيون

جائنٽ سيڪريٽري بڻايو وڃي. مون اها رٿ قبول ڪان نه ڪئي. مون مٿن کي چيو ته موتيرام کي سيڪريٽري بڻايو ۽ آءٌ ساڳئي جائنٽ سيڪريٽريءَ جي پد تي رهندس.

مٿر حيران ٿي ويا. چيائون اهو ڪيئن سهندو. تون پراڻو ڪم ڪندڙ، گرئجوئيٽ، جاڻ؛ تون ٿئين جائنٽ سيڪريٽري ۽ هڪ نئون جوان جو اڃا هاڻ گهڙيو آهي ۽ خاص تعليم يافته به نه آهي اهو سيڪريٽري ٿئي.

مون چيو: ”ڏسو، موتيرام جي دل کي ڪيترو صدمو رسندو. هو سوچيندو ۽ خانچند جو جائنٽ سيڪريٽري ٿيڻ بدليو کي قبول هئو پر منهنجو جائنٽ سيڪريٽري ٿيڻ لاءِ تيار نه آهي جو هو گرئجوئيٽ آهي ۽ آءٌ اڻ پڙهيل. آءٌ نه منجهس احساس ڪمتري پيدا ڪرڻ ٿو چاهيان ۽ نه خود احساس بهتريءَ جو شڪار ٿيڻ ٿو چاهيان.“

منهنجي دليل مٿن کي قائل ڪيو. ان کان وڌيڪ ته شري موتيرام جي دل کي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ شاعر چيو آهي ته: هڪ دل خوش ڪرڻ هزار نمازن کان بهتر آهي.

هو ڪاڪو صوڀراج، پوءِ سوامي پرياگ پارٽي ۽ بعد ۾ ڊاڪٽر گوبندرام پنجابي.

ڊاڪٽر گوبندرام پنجابيءَ جي ذهن ۾ ڪانگريس اندر چڱي چستي اچي وئي. هُو ڪيترو سارو نئون رت ڇڪڻ ۾ ڪامياب ٿيو. هڪ نئون گروهه شڪارپور ڪانگريس اندر سندس پوئلڳن سان داخل ٿيو. اُهي پڙهيل ڳڙهيل، گرئجوئيٽ وغيره ڪونه هئا؛ سادا سودا ماڻهو ڇوٽا دڪاندار يا دڪانن تي ڪم ڪندڙ. انهن ۾ هڪ هڪڙو مٿو جو ٻين کان وڌيڪ چست ۽ قوت هو؛ ان جو نالو هو موتيرام ماڙڪمل. هن جو ڏند و هو ڊبل روٽيون ناهڻ. اسين کيس سڏيندا هئاسين، موتيرام ڊبل روٽي والا. ڏاڍو پختن خيالن جو هو ۽ ڪجهه جوشيلو ۽ اڏير. هتي هندستان ۾ پتو پيم ته هُو ڪميونسٽ بڻجي پيو ۽ الوَر ۾ سرگرم ڪم ڪندڙ هو. ڪم نصيبا هتي منهنجو ساڻس سمپرڪ ٿي ڪونه سگهيو آهي ۽ اها خبر ڪانه اٿم ته هُو هن وقت ڪٿي آهي، ڪهڙيءَ حالت ۾ آهي ۽ ڇا ڪري رهيو آهي.

نوجوان جڏهن پبلڪ ڪاريه ۾ اچن ٿا تڏهن سياويڪ سندن من ۾ پد اڌڪاري بڻجڻ جي ابلاکا پيدا ٿي ٿئي. ان مهتوَ آڪانڪيا کان آجا ڪي بلڪل ورلي شخص ملندا ۽ جڏهن وڏا پدن کي ڇهڻ ٿا پون ۽ نندن کي جڳهه نه ٿا ڏين تڏهن ٿي ناراضپو ۽ بغاوت شروع ٿي ٿئي.

هاڻ انهن جوانن جي گروهه ۾ به اها تمنا پيدا ٿي ته سندن گروهه مان ڪو هڪڙو ڪنهن پد تي کنيو وڃي. سياويڪ موتيرام جو نالو اڳيان آيو.

شري کانچند گگي مل منتري پد تان رٽائر ڪيو. پاڻ ۾ رٿ اها آئي ته آءُ سيڪريٽري بڻجان ۽ شري موتيرام کي

مسافر ان نؤجوان کي ننډ مان اُٿاريندو. پر هن کيس نه اُٿاريو؛ ڏانهس نهاريندو رهيو. منهنجي مَن ۾ گمان پيدا ٿيو. مان گاڏي مان لهي پليٽفارم تي ٿي بيٺس، ڏسڻ لاءِ ته هو ڇا ٿو ڪري، هو اچا ويٺو رهيو؛ نه همراهه کي اُٿاريائين ٿي ۽ نه پاڻ ٿي لٿو.

مان ٿورڙو هيڏانهن هوڏانهن اڳتي پوئتي هلي وري گاڏي وٽ آيس، ڏسان ته اهو گنبو ان نؤجوان جي ٻانهن مان گهڙي لاهي رهيو هو. ايتري ۾ مسافر سڀ هليا ويا هئا؛ رات جو ٢ بجي پليٽفارم سڃو سڃو هو ۽ اهو گاڏو سٽيشن جي لڳهه کان گهڻو ڏور. هڪڙو ٻيو مسافر به اُتان لانگهائو ٿيو ۽ هن مونکي چيو: ڏس هن جي واچ لاهي رهيو آهي ۽ ائين چئي هو هليو ويو. مان اڪيلو رهجي ويس. مون کان رهيو نه ويو. گاڏيءَ وٽ وڃي ان گنبي کي دڙڪائي چيم: ته تون هن جي واچ ڇو لاهي رهيو آهين.

هو گاڏي مان هيٺ لهي آيو ۽ مون کي دڙڪائي ڪرتي کان جهلي چيائين: تون ڪير آهين جو وچ ۾ دخل ٿو ڏين.

مون کيس بلڪل نڊرتا سان چيو: مان ڪير آهيان تنهن سان تنهنجو ڪهڙو واسطو آهي، تون هن جي واچ ڇو پيو لاهين. هن منهنجي ڪرتي کي چڪ ڏني ڪرتو ڦاٽي پيو. آءٌ جهٽڪو ڏئي پاڻ ڇڏائي، دروازي ڏانهن ”پوليس“ ”پوليس“ ڪندو پوليس وارن کي ڳولهڻ لاءِ ڊوڙيس. منهنجي حيرانيءَ جي حد نه رهي ته هو به منهنجي پٺيان ”چور“ ”چور“ ڪندو ڊوڙيو ۽ ”پڪڙيو“ ”پڪڙيو“ پڪاريندو آيو.

اسان جي آواز تي ڪي ريلوي ملازم، هڪ پوليس ڪنسٽيبل ڊوڙندا آيا. مونکي ڊوڙندو ڏسي پوليس واري مونکي جهليو.

٢٩- جڏهن پوليس مونکي چوريءَ جي ڏوهه ۾ جهليو

چيمبور مان موٽي رهيو هوس. اُتي شري سندر موتياڻيءَ جي چونڊن جي سلسلي ۾ ڪم ڪندڙن جي ميڙ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ويو هوس.

رات جو ساڍا ٻارهن وڄي ويا. چيائون ته بمبئي جون بسيون بند ٿي ويون. گهاٽڪوپر جي بس ملي؛ گهاٽڪوپر کان وي. ٽيءَ جي ٽڪيٽ وٺي آخرين گاڏيءَ ۾ چڙهيس.

ٻي ٻجي گاڏي وي. ٽيءَ تي پهتي. بائڪلا، سئنڊهرسٽ روڊ ۽ مسجد تي گهڻا مسافر لهي هليا ويا. آءٌ جنهن گاڏيءَ ۾ ويٺو هوس اهو ڏگهو گاڏو هو، جنهن ٽڪري ۾ آءٌ ويٺو هوس اُتي پوسان واريءَ بينچ تي هڪڙو نوجوان، ناهوڪو مسافر ننڊ ۾ هو ۽ سندس هٿ ۾ سگريٽ هو. سندس سامهون واريءَ بينچ تي ٻيو هڪ ٿلهو، متارو، گنبدي جهڙا روش، مسافر ويٺو هو. گاڏي جي ان پڇاڙيءَ واري حصي ۾ ٻيو ڪو مسافر ڪونه هو.

اُن گوندي جهڙي مسافر نوجوان مسافر جي هٿن مان سگريٽ ڇڏائي ٻاڙ پيئڻ لڳو. مون ڄاتيو ٻئي دوست هوندا. وي. ٽي. سٽيشن تي جڏهن گاڏي بيٺي، تڏهن آءٌ مٿ اڌ گاڏيءَ ۾ ٽوسي پيس. چيم جي دوست هوندا ته ضرور هوءُ ٿلهو

ڪوشش ڪئي هوندي؟

صوبيدار چيو: پر هن ڪي شاهد جو آهي.

آءٌ: هڪڙو ڇا پلي ڏهه شاهد هجنس. ڪهاڻي منهنجي سچي آهي.

صوبيدار: پر ڀاءُ ڀاءُ جي واچ ڇو لاهيندو؟

آءٌ: اهو ته آءٌ به سمجهي نٿو سگهان. پر حقيقت ائين آهي، جيئن آءٌ ٿو چوان.

صوبيدار: ثبوت.

مان: منهنجو بيان.

صوبيدار: اعتبار ڪيئن ڪري سگهبو؟

مان: ڀڄي جي فرياد داخل ڪريو. پوءِ ڪورٽ فيصلو ڪري ته ڪير سچو آهي ۽ ڪير ڪوڙو. هو ٿو سچ ڳالهائي يا آءٌ. منهنجي نڊرتا، محڪم اِرادي ۽ ڳالهائڻ جي نوع صوبيدار تي اثر ضرور ڪيو ۽ هو خود گمان ۾ اچي ويو.

صوبيدار: تون ڪير آهين، پنهنجي واقفيت ته ڏئي.

مون جڏهن صوبيدار کي پنهنجي واقفيت ڏني، ته آءٌ روزاني اخبار جو سمپادڪ آهيان، جيمبور مان چونڊن جي ميٽنگ تان اچي رهيو آهيان، تڏهن وڏي مونجهاري ۾ اچي ويو. مون کان ٽيليفون نمبر وٺي منهنجي آفيس ۾ فون ڪيائين. اُتي نارايڻ سپاهيملاڻي مهمان طور رهيل هو تنهن سندس پڇا جي جواب ۾ تصديق ڪئي. تڏهن صوبيدار کي خاطري ٿي ته هن جي ڪهاڻي غلط هوندي ۽ منهنجي برابر. پر حل ڪهڙو نڪري. سپاهيملاڻيءَ کي سڏايائين تصديق ڪرڻ لاءِ.

آخر هڪڙو حل ڳولهي ڪڍيائين. انهن ٻن ڀائرن جو هڪ ٽيون ڀاءُ به هو. ڀڄي کان وڏو، جو به ريلوي ۾ ئي ملازم هو. انکي نِنڊ مان اُٿاري گهرايائين. هن سچي ڪهاڻي ٻڌي. هو ته

هُو گونبو پنهنجي آيو ۽ پوليس واري کي چيائين: ”آءٌ سمجهيو پيو هوس ننڊ ۾ هن منهنجي واچ لاهڻ جي ڪوشش ڪئي، مان جاڳي پيس. هن کي جهليم ته هي ڇڏائي ڀڳو آهي. اڃا سندس ننهن لڳڻ ڪري رت نڪتو آهي جنهن جو نشان ٻانهن تي پيئو آهي.“

هاڻ اوهين ئي چئو. رات جا ۲ ٻجا، ڪوئو قاتل، ڏوڙندو پڇندي پڪڙجي پيس. هڪ پلو ماڻهو، سوٽ بوٽ ۾ ملبوس شڪايت ڪري رهيو هو ته مون سندس واچ تي لاهڻ جي ڪوشش ڪئي. سڀ ڪان وڏيڪ مصيبت اها جو هو ناهوڪو نوجوان جنهن جي واچ لاهيندي ڪيس مون ڏٺو سو به اچي پهتو ۽ ان گندي جو شاهد ٿي بيٺو: ”جي هائو هن شخص هن جي واچ لاهڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي.“

پيري ميسن جي ٻوليءَ ۾ منهنجي خلاف بلڪل مڪمل ڪارو ڪيس هو؛ ڪو بچاءُ نه ٿي ڏٺو.

صوبيدار هنجي فرياد ٻڌي مون ڏانهن نهاريو. مون چيس ڳالهه بلڪل ڪوڙي آهي. ان وڏي هن نندي جي واچ لاهڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، مون دخل ڏنو ۽ ڪيس ڇنيو ته مڙس اُٿلندو مون تي ڪهي آيو ۽ هاڻ پنهنجي بچاءَ ۾ مون تي ڪوڙو الزام ٿو هڻي.

صوبيدار مشڪي ڏنو. ”جي تون چوين ٿو؟ هو ته ٻئي سڳا ڀائر آهن؛ مان ڪين سڃاڻان، ٻئي ريلوي ۾ ملازم آهن هتي بمبئي ۾ ئي. سو ڀاءُ ڀاءُ جي واچ ڇو لاهيندو؟“ تنهنجي ڳالهه اوت پٽانگ پيئي لڳي.

منهنجي پيرن هيٺان زمين کسڪي وئي. جيم ڇڱو ڦاٿو آهيان. پر ڊر بلڪل ڪونه ٿيم. همت ۽ آتم وشواس سان صوبيدار ڏانهن نهاري چيم: ”توکي لڳي ٿو مون واچ چورائڻ جي

٣٠- جڏهن ڌرم ڌن تي وڪاڻو- ١٩٣٧ جي چونڊ

تازو دهليءَ مان ٻه متر هتي آزاديءَ جي يڌ ۾ سنڌ جي ڀاڱي جي باري ۾ خبرچار هٿ ڪرڻ لاءِ ڪن پراڻن ڪانگريسي مترن ڪان ملاقاتون وٺڻ آيا هئا، تن مون سان ڪيل ملاقات جي دور ۾ پڇيو ته تون جڏهن ١٩٣٧ واريءَ چونڊ ۾ شڪارپور واري تڪ مان ڊاڪٽر گوبند رام پنجابيءَ جي چونڊ جي چارج ۾ هئين، تڏهن چونڊ ۾ ڪانگريس اُميدوار ڇو هارايو ان جا سبب ٻڌائي سگهندين؟ تون اهو ٻڌائي سگهندين ته اُن چونڊ ۾ ڀرشٽاچار جو ڪجهه انش هئو ڇا ۽ ڪانگريس اُميدوار جي هارائڻ ۾ ڀرشٽاچار ڪيتري قدر جوابدار هئو.

مونکي ان چونڊ جا نظارا اکين آڏو تري آيا. اسان کي خاطري هئي ته ڪانگريس اُميدوار ڊاڪٽر گوبند رام کٽندو. اسانجو تخمينو هئو ته جيڪو اُميدوار ٻن هزارن ڪان وڌيڪ ووٽ کڻندو اُهو جيتيندو. اسانجي پبلڪ ميڙن ۾ ٥-٥ هزار ماڻهو ايندا هئا. پنڊت نيڪي رام شرما هڪ نهايت ئي فصيح زبان وڪتا هئو ۽ هن ڪيترين چونڊن ۾ ڪانگريس اُميدوار کي هڪڙي جادوئي جملي سان کٽايو هئو. ڪراچيءَ ۾ هن چيو: هيءَ قتل جي رات آهي ۽ ان هڪڙي جملي تي شري سڌوا کٽي ويو. لاهور ۾ هن لالا لاجپتراءِ جي ڌيءَ پاربتي ديويءَ کي کٽارايو مدن موهن مالويءَ جي اُميدوار شدو ديويءَ کان ائين

ضرور پنهنجي پائن جي سياوءَ سرگرمين کان واقف هوندو. سو قصو سمجهي ويو. اچي معافي ورتائين. مون چيس تنهنجو ڪهڙو قصور. تنهنجو پاءُ معافي وٺي نه ڪُوڙي اِلزام هڻڻ لاءِ.

اُهو نؤجوان آخر مڙيو. اچي چيائين:

”آپ تو هماري باپ کي سمان هو. هم سي غلطي هو گئي، معاف ڪردو.“

وڏو پاٽس سيٺي کي ڪئنٽين ۾ وٺي هليو ۽ چانهه پيئاريائين ۽ عزت سان موڪلايائين.

صوبيدار پاڻ کي راحت ۾ محسوس ڪيو. هڪ منجهائيندڙ معاملي کي حل ڪيو هئائين ۽ جيئن جو ڏوهه ڪو ٿيو ئي ڪو نه هو انڪري قصو ختم ڪري ڇڏيائين.

مون موڪلائيندي اُن ننڍي پاءُ کي ڳوالٺري پائي چيو: شروع ۾ ڇو ڪين بڌايئه ته هوُ تنهنجو پاءُ ٿئي. معاملو ايترو گنڀير نه بڻجي ها. هوُ مشڪي رهيو هو.

هڪ وڏڙو جو اُتي بيٺو هو تنهن چيو: بمبئي جي شهر ۾ نيڪ بڻجڻ جي وري ڪوشش نه ڪجِ، ورنه خواهه مخواهه سر تي مصيبت آڻيندين.

”مصيبت مون پاڻ سان ورتي ۾ آندي آهي. وري اهڙو موقعو بڻيو ته ائين ئي هلت ڪندس، پلي مصيبت اچي.“

هڪڙو مسئلو رهجي ويو. وڏي پاءُ ننڍي پاءُ جي واچ ڇو ٿي لاٿي؟

رکو چوچي ۾.

جي ها ته پوءِ مونسان وڙهڻ جو ڪارڻ؟

پانڪ پنهنجو پنهنجو اندازو لڳائين!

”ڇو؟“ مون پڇيو.

چيائين: ڇاڪاڻ تہ هُو ناٽڪ خرچ ڪندو ۽ ناٽڪ نہ ڪي
ڇ...... بڻائيندو آهي.

مون کيس چيو: نہ سدائين نہ رهندو آهي. تون سيٺ
دولتورام کي ڇڏ تہ جيڪي ڪجھ ڇوُندن تي خرچ ڪندو سا
سموُري رقم، پهنجو نئون بنگلو وڪڻي ان مان جيڪي وصوُل
ٿئيس اهو سڀ ڪجھ، ۽ جيڪا نئين جوءِ پرٽيو آهي اها بہ
وڪڻي ۽ سڀ ڪجھ مون وٽ ڪڻي اچي ۽ مونکي خريد ڪرڻ
جي ڪوشش ڪري. جي آءٌ جهڪيس تہ پوءِ چوندس تہ ناٽڪ
تر ڪي ڇ...... ڪندو آهي.

پر افسوس جو ناٽڪي ڪنيو. سو ڪيئن؟ ڌرم ڏن تي
وڪاڻو. نہ دولتورام ڪنيو ۽ نہ سندس ناٽڪي: کيس ڪنايو شڪارپور
جي پوسٽ ڌرمشالا جي مهنت بابا رامداس.

بابا رامداس نهايت هڪ نيڪ گاديسر هئو. رشيءَ مثل،
پر هُو کنهن غلط فهميءَ هيٺ اچي ويو ۽ سمجهائين تہ دولتورام
جو اسيمبليءَ ۾ وڃڻ شهر لاءِ لاڀدايڪ آهي يا هل دولتورام جي
هڪ نيڪ ڪاريہ جو عيوضو تي ڇڪائڻ گهريو، شڪارپور ۾
جڏهن هائوس ٽئڪس خلاف تحرڪ هليو هو تہ ڏهن پنچايت
بمبئي سرڪار سان هڪ سودو ڪيو هو تہ جيڪڏهن پنچايت
هيتري رقم سرڪار کي نالين نهرائڻ لاءِ ڏيندي تہ سرڪار
هائوس ٽئڪس نہ وجهندي. ڪٿ واري مهاراج جي آديش تي
سيٺ دولتورام لک روپيہ پنچايت کي دان ڪيو سرڪار کي
ڏيڻ لاءِ ۽ مهاراج جن اهو ٿورو لاهڻ ٿي گهريو.

مهاراج رامداس جي شهر ۾ وڏي ميڃتا هئي- مردن ۾
توڙي زالن ۾. سندس وچن هزارن لاءِ حڪم برابر هو. مهاراج
ڇوُندن کان ڏيهن بہ اڳ فرمان ڪڍيو تہ ووٽ سيٺ دولتورام کي

هڪڙي جملي تي. شنو ديويءَ جي ڪنڌ جي خاطري هئي پر آخرين ڏينهن تي نيڪي رام طبق اُلٽا ڪري ڇڏيا. چيائين هڪ سٺمن ڪمپني آئي جنهن لالاجيءَ جي جان ورتي، هي شنو ڪمپني لالاجيءَ جي آن (عزت) وٺڻ تي چاهي. هاڻ اوهان جي هٿ ۾ آهي ته لالاجيءَ جي عزت برقرار رکو، ۽ ووٽن لالاجيءَ جي عزت برقرار رکي.

شڪارپور ۾ ٥ هزارن جي سامهون نيڪي رام ڇيو ڪرشن ڀڳوان ارجن جو رٿ هلائي رهيو هئو؛ هن يڳ جو ڪرشن، موهن (گانڌي) گوبند جو سارٿي آهي. اوهان پرن ڪريو ته سندس جيت ڪندا ۽ ٥ هزارن ماڻهن هٿ کڻي پرن ڪيو. اسان دل ۾ چيو جي انهن ٥ هزارن ۾ اڌ ماڻهو به ووٽر هوندا ته اسانجي جيت جي خاطري آهي.

چار اُميدوار مخالفت ۾ بيٺا هئا- ديوان بهادر مرليڌر پنجابي، سيٺ دولترام موهنداس، سردار هيراسنگهه (ڳڙهي ياسين جو مشهور زميندار) ۽ ڊاڪٽر ليلارام ڦيرواڻي (ارڏو رنل ڪانگريسي).

اسانکي جيت جي اينتري ته خاطري هئي جو آءٌ هڪ لڳا سيٺ دولترام جي هڪ ورڪر سان جهيڙو ٽڪر ڪاڌو ۽ جوانيءَ جي جوش ۾ ڪي گنا حرف به ڪڍي ڇڏيا. هوُ چوُنڊن جو ماهر شمار ڪيو ويندو هو. ائين مشهوُر هو ته جنهن ڪي هاساڻند ڪومتراء مدد ڪندو اُهو اُڙس ڪٽندو. هاساڻند سيٺ دولترام جو مددگار هئو ۽ ان زماني ۾ سيٺ دولترام چوُنڊن تي هڪ لک روپيه خرچ ڪيو.

سيٺ هاساڻند پنهنجي دڪان تي وينو هو سٽ بازار ۾. آءٌ اُتان لنگهي رهيو هوس ته سڏ ڪيائين. چي: مسٽر گاجرا اجايو ٿا سر ٽڪرايو. چوُنڊ ۾ سيٺ دولترام پڪ کٽندو.

پوءِ دوستن جي صلاح تي هن به ڪانگريس جي مخالفت ڪرڻ کان ڪنارو ڪيو. هوءُ هردوار هليو ويو، جتي مون کيس خط لکيو ۽ تار ۾ جواب ڏنائين ته آءٌ ڪونه بيهندس.

ائين ڪانگريس اُميدوار لاءِ ميدان صاف ٿي ويو. چڪري ان ڳالهه تي لڳي ته ٽڪيٽ ڪنهنکي ملي. ميدان ۾ ٻه ڄڻا هئا، سوڳواسي ڊاڪٽر ڪشنچند ۽ ڊاڪٽر گوبند رام. ان چڪريءَ جي ڪهاڻي اڳ هڪ ورق ۾ لکي آيو آهيان، انکي دهرائڻ جي ضرورت ڪانهي.

ڪٽ وارن مهاراج جو پاپ ١٩٣٧ ۾ ڪيو ۽ ڊاڪٽر گوبند رام جي هار جو باعث بڻيو تنڌهن ان پورو پورو پراشچت ڪيو. ڊاڪٽر چوئٿرام کي چيائين تہ آءٌ ڪانگريس اُميدوار جي دل وجان سان مدد ڪندس. ڊاڪٽر ڪشنچند کي ٽڪيٽ ڏيو يا ڊاڪٽر گوبند رام کي، ٻئي ڪندا. پر ڊاڪٽر گوبند رام عام ۾ وڌيڪ پيارو سمجهيو ٿو وڃي. ڊاڪٽر گوبند رام جي راهه مان هڪ روڙهو نڪري ويو.

آخر چڪريءَ ۾ ڊاڪٽر گوبند رام خلاف ڪوبہ زوردار اُميدوار ڪونہ بيٺو. هڪڙو پنهنجو ئي متر بيٺو، رتنل راٺو ڊاڪٽر ليلارام ڦيرواڻي، انگريزي ڪهاوت جو مثال ته جتي ديوتائون پير رکڻ کان هچڪندا آهن اُتي مؤرک ڏوڪي پوندا آهن.

شڪارپور ۾ چڪري نالي ماتر هئي. زبردست ۾ زبردست چڪري هئي سکر ۾ وليڇا (ڪانگريس) ۽ هندو سڀا جي اُميدوار شري بسنترام وڪيل جي وچ ۾. اها چڪري سڄيءَ سنڌ ۾ شايد نمبر اول چڪري هئي. سکر فرقي پرستيءَ ۽ هندو سڀا جو اَڏو سمجهيو ويندو هئو. ڪانگريس مرڪزن ۾ ذاتي انتظاري هئي تہ شري وليڇا ڪيئن بسنترام کان ڪٽندو.

ڏجو. نہ فقط اهو فرمان ڪڍيائين مگر ڌرمشالا جهڙي پوتر آستان تي، گورنمنٽ صاحب تي هٿ رکائي شرڌالو زالن کان قسم کڻايائين تہ هوءَ ووٽ دولترام کي ڏيندين ۽ ان عيوض هرهڪ زال کي پڙو ۽ هڪ رئو بہ ڏنو ويو. بس پوءِ سڄو قصو اُلٽ پلٽ ٿي ويو.

هيءَ کهاڻي جا مان اڄ ٿو هتي درج ڪريان، اها سوبستي ڪهاڻي مون تڏهن ئي شايع ڪئي ۽ هندستان اخبار (تڏهن هندو) پنهنجن ڪالمن ۾ انهيءَ سڄي سان شايع ڪئي- ”جڏهن ڌرم ڌن تي وڪاڻو“، بدناميءَ جي ڪيس جو جوکم کڻي بہ.

آءٌ اڄرو چوندس تہ مهاراج جن ان غلطيءَ لاءِ پوءِ پڇتاءُ ڪيو. هن ڪليءَ طرح قبول ڪيو تہ هن هڪڙي نڪمي ماڻهوءَ کي چونڊجڻ ۾ مدد ڪئي. ۱۹۴۶ ۾ جڏهن وري چونڊ ٿي تڏهن هن سيٺ دولترام کي صاف جواب ڏنو تہ آءٌ توکي مدد نہ ڪندس ۽ انکري سيٺ دولترام ان چونڊ ۾ بيهڻ جو ست نہ ساريو. تنهن وچ ۾ ۱۹۴۲ جي آزاديءَ جي لڙائيءَ ڪارڻ ڪانگريس جي بہ لوڪ پريتا وڌي وئي هئي. ڊاڪٽر گوبندرام خلاف جا نڪتہ چيني ٿيندي هئي تہ هوءَ جيل ڪونہ ويو آهي، اها بہ ختم ٿي وئي جو ۱۹۴۲ جي يڌ ۾ هوءَ جيل ياترا ڪري آيو. ديوان بهادر مولچند شايد ان وقت سياست مان رٽائر ڪيو هو يا شايد ماڳهين ايشور جي دربار ۾ پهچي ويو هئو. سردار هيراسنگهہ ۱۹۳۷ ۾ ان اُميد تي بيٺو تہ شڪارپور جا ووٽ ڇهن اُميدوارن ۾ ورهائجي ويندا سو هوءَ ڳوٺن جي ووٽن تي کٽي ايندو، سا اُها سمپاوِنا هاڻ ڪانہ رهي. ائين ٿي لڳو تہ ڪانگريس اُميدوار جي خلاف ڪو بيهڻ جو ست ئي ڪونہ ساريندو. سيٺ پرشوتم سنگهہ بجاءِ ڪجهہ ڪرڻ ڪنهن تي ڀرو

٣١- جڏهن خاطوءَ جو نالو ڪورٽ ۾ ڏيڻو پيو

اخبار وارن جي دل تي اثر آهي ته ڪين کي حق ۽ اڌڪار آهن جي رواجي نگرواسين کي حاصل ڪونه آهن. مثالن اخبار وارو ڪا خبر شايع ڪري ۽ اهو معاملو ڪورٽ ۾ اچي ۽ ڪورٽ سمپادڪ کان طلب ڪري ته تون پنهنجي خاطوءَ جو نالو ٻڌاءِ ته ڪن ماڻهن ۽ ڪن اخبار وارن جي دل تي اثر ويٺل آهي ته هو نالو ٻڌائڻ لاءِ ٻڌل ڪونه آهن، ته قانون هيٺ ڪين کي بچاءُ مليل آهي جنهن ڪري هو ڪورٽ کي نالو ٻڌائڻ کان انڪار ڪري سگهن ٿا. پر اهو هڪ وهم آهي، غلط اثر آهي. اخبار وارن کي ڪو به اهڙو حق يا اڌڪار يا بچاءُ قانون هيٺ مليل نه آهي ۽ هو ڪورٽ کي خاطوءَ جو نالو ڏيڻ لاءِ ٻڌل آهن. هاڻ اخبار جو سمپادڪ انڪار ڪري سگهي ٿو پر پوءِ هنکي ڪورٽ جي بي ادبي ڪرڻ ڪارڻ سزا ملي سگهي ٿي. اهو سمپادڪ تي ڇڏيل آهي ته يا ته نالو ٻڌائي يا ڪورٽ جي بي ادبيءَ ڪرڻ لاءِ سزا ڀوڳي.

هندستان جي ڳالهه ڇڏي ڏيو، آمريڪا جو نهايت ئي آزاد ملڪ آهي ۽ تمام ترقي پسند ويچار ڌارا جو ملڪ آهي اُتي به اخبارن کي ان قسم جي مڪمل آزادي ڪانه آهي تازو نيويارڪ ٽائيمس اخبار کي ان ڪارڻ الائجي ڪيترا لک ڊالر ڏنڊ ڀرڻو پيو.

بسنتورام ان وقت ميونسپل جو پريزيڊنٽ هو ۽ ان ڪري هڪ جهڙو اميدوار.

شڪارپور ۾ جو ڇڪري ناليءَ ماتر هئي انڪري مونکي سڀ واريءَ چونڊ ۾ ڪاربه ڪرڻ لاءِ حڪم مليو ۽ سڀ تعلقي جي چارج ۾ رکيو ويس. ان حقيقت جو فائدو وٺي ڊاڪٽر ڦيرواڻيءَ ۽ سندس دوستن هلايو ته بلديو ڊاڪٽر گوبندرام جي خلاف آهي انڪري ته ميدان ڇڏي سڀ هليو ويو آهي. مونکي پنهنجن مٽن وٽان نياپو آيو ته هڪڙي ڏينهن لاءِ ضروري اچ.

آئي ويس. شڪارپور جي پرسڌ واڌو مارڪيٽ ۾ شاهي ميڙ ڪوٺايو ويو. ٥ هزار ماڻهو حاضر هئا ۽ مونکي ڳالهائڻ لاءِ سڏ ٿيو. ڊاڪٽر ڦيرواڻيءَ جا دوست ۽ سندس هڪ ساٿي بلندرام (سوڄن ۾ هجي) ميٽنگ ڦٽائڻ لاءِ تيار ٿي آيا هئا. هنن ڪجهه گوڙ ڪيو ۽ مون کان سوال پڇڻ لڳا پر ماڻهن کين خاموش ڪري ڇڏيو. مون نيڪي رام جيان هڪڙو جملو ڪتب آندو:

”جو شخص پنهنجي سنستا سان وفادار نه آهي، سو جنتا سان ڪيئن وفادار ٿيندو!“

ڊاڪٽر ليلارام جي ساٿين جي گمراهه ڪندڙ افواهن جو جواب لوڪن کي ملي ويو.

چونڊ ۾ ڊاڪٽر گوبندرام کٽيو ۽ ڊاڪٽر ليلارام پنهنجي ڊپازٽ وڃائي. ١٩٣٧ جي چونڊ وارو ڪلنڪ ١٩٤٦ ۾ شڪارپور جي جنتا ڌوئي ڇڏيو.

خانگي طرح خاطرءَ جو نالو ۽ گهربل تفصيل ٻڌائي ۽ اخبار وارن ان حڪم جي تعميل ڪئي آهي.

هاڻ هڪڙو پرسنگ اهڙو ٿيو جو مون کان ڪنهن ڪيس ۾ ڪورٽ عيوضيءَ جو نالو پڇيو. شڪارپور جي هڪ هيڊ منشيءَ تي (سندس نالو شايد ابوبڪر هو) اِنڪم ٽئڪس وڪيل ٽولارام کي خون ڪرڻ جي الزام هيٺ ڪيس هلي رهيو هئو. چيو ٿي ويو ته اُهو هيڊ منشي اُن ٽولارام جي ڌرمپتنيءَ سان ٺهيل هو ۽ اِنڪري رستي مان ڪڍڻ لاءِ هن خون ڪرايو.

اُن خون کان اڳ، منهنجي اخبار ۾ هڪ خبر پيل هئي جنهنجو اِشارو اُن هيڊ منشيءَ ڏانهن هئو ته هڪ اِنصاف جي ڪرسيءَ تي ويٺل عملدار جو هڪ اِستريءَ سان ناجائز رستو آهي.

اخبار ظاهر ٿئي تنهن کان اڳ، ڪنهن نموني اُن عملدار کي خبر پئجي وئي ته اها خبر منهنجي اخبار ۾ شايع ٿي رهي آهي. هو ته مون وٽ آيو ۽ اچي آزي نيازي ڪيائين ته اها خبر نه وجهه. البت پئسن جي آڇ ته هو مونکي ڪري نه ٿي سگهيو. مون صاف اِنڪار ڪيو ۽ اُها خبر اخبار ۾ ڇپجي وئي.

هاڻي حيرانيءَ جي ڳالهه اها ته ان عملدار کي مون وٽ جو شخص وٺي آيو ته خبر نه ڇاپ، سو اهو ئي شخص هو جنهن اها خبر مونکي ڏني هئي ڇاپڻ لاءِ. مان تپرس ۾ پئجي ويس، پر خبر روڪڻ کان اِنڪار ڪيو. مزيدار ڳالهه اها ته اُن شخص مونکي چيو ته مان هن ماڻهوءَ کي وٺي نه آيو آهيان ۽ سندس مونهن تي توکي گهڻو زور ڪندس ته خبر شايع نه ڪر مگر تون مڃج نه، جواب ڏج.

اخبار هڪ خبر شايع ڪئي ته فلاڻي ڪي فلاڻي اسپتال جي ڊاڪٽر ڪن بيمارن جو جاڻي واڻي يا بي پرواهي ڪري مؤت آندو. اُن خبر شايع ٿيڻ ڪري اُنهن فوت ٿيلن جا لاش قبرن مان ڪڍايا ويا ۽ اُنهن جي تپاس ڪئي وئي. لمبي ڪيس هلڻ بعد ڊاڪٽر کي ڪورٽ بي ڏوهي ٺهرائي ڇڏي ڏنو.

ڪيس جي هلندي ڊاڪٽر طرفان طلب ڪئي وئي ته اخبار ظاهر ڪري ته ڪيس اها خبر ڪٿان ملي. اخبار جي مالڪن ظاهر ڪرڻ کان اِنڪار ڪيو.

هاڻ آمريڪا جي ڪيترن راڄين ۾ قانون پاس ڪيل آهي ته اخبار وارن کي حق آهي ته پنهنجي خاطوءَ جو نالو ظاهر نه ڪن. ان هوندي به ڪورٽ نيويارڪ ٽائيمس وارن کان طلب ڪئي ته اوهان پنهنجي خبر جو ذريعو ظاهر ڪريو. ڪورٽ چيو ته برابر اخبارن کي اُن قسم جو حق مليل آهي ته هو پنهنجي خاطوءَ جو نالو پوشيده رکن مگر ساڳئي وقت ٻيو به قانون آهي ته ڪنهن به ڪيس ۾ جوابدار کي پورو پورو حق آهي ته پنهنجي لاءِ بچاءَ جي باري ۾ اهڙي قسم جي پوشيده مصالح جي طلب ڪري. انڪري اخبار وارن کي پنهنجي خاطوءَ جو نالو ۽ سمورا تفصيل ٻڌائڻا آهن يا ڪورٽ کي خاطري ڪرائڻي آهي ته جوابدار جي بچاءَ لاءِ ان خبر چار جي ضرورت ڪانه آهي.

مٿين ڪيس ۾ نيويارڪ ٽائيمس کي نالو ۽ احوال نه ڏيڻ لاءِ الائجي ڪيترا لک ڊالر ڏنڊ پيو. اخبار اپيل ڪئي آهي سپريم ڪورٽ کي، پر اپيل ٻڌڻ جوڳي نهرائي وئي تنهن کان اڳ اخبار کي حڪم مليل آهي ته گهٽ ۾ گهٽ ڪورٽ کي

انڪري مون ڪورٽ ۾ سندس نالو ظاهر ڪيو. بس نالو ٻڌي جج، وڪيل، جوابدار، فريادي، سڀيئي حيرانيءَ ۾ اچي ويا. اُهو شخص ڪو رواجي گمنام شخص به نه هو. ڪيس شهر ۾ هستي هئي ۽ اخبار وارو به هو. اڄ هوُ هن سنسار ۾ ڪينهي انڪري آءٌ سندس نالو ظاهر ڪري ڪنهن سرڳواسيءَ جي ياد خراب ڪرڻ جو جرم ڪرڻ نه ٿو گهران. پر اخبار نويسيءَ جي ايامڪاريءَ ۾ هيءُ منهنجي لاءِ هڪ نهايت ئي دلچسپ آزموُدو ٿيو.

مونکي اُن شخص جي اُن ڀھوُڙوُڀِي راند تي ڏاڍو ڏک ۽ تيو ۽ تعجب ۽ لڳو. پر سوُر ڀِي ويس. ڪجھ ڪونہ.

ھاڻ اھو خون ان واقعي ڪانپوءِ ٿيو ۽ خون جي ڪيس ۾ مونکي شاھدي ڏيڻ لاءِ گھرايو ويو. شاھديءَ ۾ مون کان پڇيائون تہ اھا خبر تہ ھڪ اِنصاف جي ڪرسيءَ تي وھندڙ شخص وغيرھ جي جا مون ڇاپي ھئي اُن جو اِشارو ڪنھن ڏانھن ھئو. مون چيو ڏنو تہ اُھو اِشارو اُن آفيسر ڏانھن ھو. مون کان پڇيو ويو تہ اھو آفيسر تو وٽ آيو ھئو ۽ توتي زور آندائين تہ خبر اخبار ۾ نہ ڇاپج. مون ھائو ڪئي. پڇيائون تہ اُھو شخص فلاڻي ماڻھوءَ ڪي ساڻ وٺي آيو ھئو؟ مون قبوُل ڪيو. ٻرابر اُن ماڻھوءَ کي وٺي آيو ھئو مون تي زور آڻڻ لاءِ. پوءِ مون کان پڇيائون تہ اھا اصلوڪي خبر توکي ڪنھن ڏني.

مون ڪورٽ کي چيو تہ اخبار جي ايڊيٽر جي حيثيت ۾ مونکي بچاءُ مليل آھي تہ مان خبر ڏيندڙ جو نالو نہ ڏيان، مگر ماجسٽريٽ اھڙي حجت قبوُل نہ ڪئي. ھن صاف چيو يا نالو ڏيڻو پوندءِ يا ڪورٽ جي بي ادبيءَ جي ڏوھ ھيٺ سزا ڀوڳڻي پوندءِ.

آءٌ سزا کان تہ ڪونہ ٿي ڊنس. جيل وڃڻ تہ اسان لاءِ ھڪ راند ٿي چڪي ھئي. مان سوچڻ لڳس تہ جنھن کي بچاءُ ڏيڻو ٿي پيو سو بچاءُ جي لائق آھي؟ اُھو شخص جو شڪايت تو ڏئي، پاڻ کي گمنام ٿو رکي ۽ وري پاڻھي ٿو آفيسر سان گڏجي اچي تہ تون خبر رد ڪر، مگر ھن سان بہ سچو نہ ٿو ٿئي. مونکي پاسي وٺي وچي وري چوي ٿو تہ تون سندس ڳالھہ نہ مڃج، اھڙو ڪمزور دل وارو شخص، يا خود غرض شخص بچاءُ ڏيڻ جي ڀوڳيہ ڪينھي.

ساٿس تندرستيءَ جي باري ۾ بہ صلاح مصلحت ڪريان. ونس ويس تہ ڏاڍيءَ ڪيڪار سان آجيان ڪيائين. خوش خيرعافيت پڇڻ بعد مون کان ديولاليءَ اچڻ جو ڪارڻ پڇيائين. مون کيس ٻڌايو تہ ڪيئن مهينو سانده بخار ۾ بستري داخل پيو هوس ۽ هاڻ ڊاڪٽر جي صلاح تي هتي هوا بدلائڻ لاءِ آيو آهيان.

ڏاڍي قرب سان نبض هٿ ۾ جهلي تپاسڻ لڳو. هاڻ ڊاڪٽر ۾ هڪ عيب هو جو هوءَ ڳالهائڻ جو بلڪل ڦوهڙ هو، سياست ۾ بہ تہ زندگي ۾ بہ. زندگي ۾ جو تمام چوٽ تي نہ چڙهي سگهيو تنهنجو هڪڙو ڪارڻ شايد اهو هجي، ورنہ پنهنجي ڊاڪٽري فن ۾ تہ بلڪل قابل هو ۽ هٿ شفا بہ هيس.

منهنجي نبض ڏسي واڪو ڪري چيائين: اڙي تون هتي ڪيئن آيو آهين. توکي تہ اسپتال ۾ موڪلڻ گهربو هو.

”ڇا آهي ڊاڪٽر؟“ مون انتظاري مان پڇيو.

”تون تہ دل جي بيماريءَ ۾ ورتل آهين“، ڊاڪٽر چيو.

”دل جي بيماري!“ مون ڪجهہ حيرانيءَ ۽ ڪجهہ هراس مان پڇيو.

”هائو دل جي بيماري. توکي ڊاڪٽر هتي اچڻ جي موڪل ڪيئن ڏني؟“

”پوءِ ڀلا هتي اسپتال ۾ داخل ڪرايو“، مون چيو.

”پر هتي تنهنجي سار سنڀال ڪير ڪندو، مٽ مائٽ تنهنجا بمبئيءَ رهيا.“

”تہ پوءِ ڀلا مان بمبئيءَ واپس وڃان؟“

”۽ رستي ۾ ئي پورو ڪي وڃين تہ!“

”تڏهن ڀلا ڇا ڪريان؟“

”فڪر نہ ڪر، مان تو تنهنجو علاج ڪريان؛ تون هتي ست اٺ ڏينهن رهہ. جڏهن ريل جو سفر سلامتيءَ سان ڪرڻ جهڙو ٿئين تڏهن وڃ.“

٣٢- جڏهن ڊاڪٽر وهم وهاريو- دل جي بيماري

١٩٥٨ ۾ هڪ مهيني جي لمبي بيماريءَ مان جڏهن اُٿيس ته ڊاڪٽر صلاح ڏني ته ڪجهه ڏينهن ٻاهر وڃي ڪٿي هوا بدلائي اچ. ويجهي ۾ ويجهي جڳهه هُئي ديولالي. سو هليو ويس اُتي ۽ وڃي هڪڙي هوٽل ۾ ڪمرو ڀاڙي ڪري رهيس.

ديولاليءَ ۾ هڪ ڊاڪٽر مترُ رهندو هو، ڊاڪٽر ليلارام ڦيرواڻي، جو سُوتنترتا سنگرامي هو ۽ آزاديءَ جي ڀڄ ۾ ڳڏ ڪم ڪيو هئوسون. ڊاڪٽر ڦيرواڻيءَ جون انيڪ لياقتون هيون. هوُ ايم. اي. هو ۽ ساهتيه ۾ پنهنجو مت پاڻ هو. سندس ڪتاب ”هڪڙي رات“ جنهن ۾ نُوري جام تماچيءَ جي ڪهاڻي ڏنل آهي سو جي اچ شايع ٿئي ها ته ساهتيه اڪادميءَ جي انعام جي يوڳيه سمجهيو وڃي ها. ها، انعام ملڻ لاءِ ته ٻيون ضرورتون آهن. هوُ بهادر آزاديءَ جو سپاهي هو پر اڙٻنگ جنهڪي انتظام ۾ ٻڌي رکڻ هڪ نهايت مشڪل ڪاريه هو. هوُ بلڪل قابل ڊاڪٽر هو ۽ ڊاڪٽري فن ۾ شڪارپور ۾ به نالو ڪڍيو هئائين ته هتي ديولاليءَ ۾ به. مراٺي ائين ڳالهائيندو هو جيئن جڻ سندس ماتري ڀاشا هجي، انڪري ديولاليءَ جي لوڪل ماڻهن جي دلين ۾ هن پنهنجي لاءِ عزت واري جڳهه حاصل ڪئي هئي.

آءٌ ديولاليءَ پهچڻ جي ٻئي ڏينهن ئي وٽس لنگهي ويس. جيئن پراڻي متر سان ملاقات به ڪري اچان ۽ ڊاڪٽر آهي سو

منهنجي دعويٰ آهي ته منهنجي دل تمام مضبوط آهي ۽ آءٌ سولو هراس ۾ اچي ڪونه ويندو آهيان. پر دل جي بيماريءَ جي ڏر ڪي قدر هراس ۾ وجهي ڇڏيو. چوندا آهن، سپ نه ماري سپ جو سهاندو ماري. هوٽل ۾ وينو هوندو هوس ته سڄو وقت نبض هٿ ۾ هوندي هئي. پيو جاچيندو هوس ته هلي ٿي، نه ٿي هلي، منٽ ۾ گهڻا ڌڪ ٿي هڻي ۽ گهڻا ڌڪ گسائي ٿي وڃي. انگريزي داناءَ چيو آهي: جتي اڻ ڄاڻائي نعمت آهي، اُتي ڄاڻ رکڻ مورکتا آهي. آءٌ سوچڻ لڳس مون اهڙي مورکتا ڇو ڪئي جو نبض ڏسڻ سکيس ۽ بيمارين جي باري ۾ ايتري ڄاڻ هٿ ڪيم. ڄاڻ نه هجيم ها ته ايترو هراس ته نه ٿيم ها.

قصو ڪوتاهه. اٺ ڏينهن ساندهه سيون لڳارايم. ياد ڪونه اٿم ڪهڙيون سيون ڊاڪٽر لڳايون. پاڻيان ٿو ته هڪ ڏينهن ڪورئمن (Coramine) جي سئي هڻندو هو ۽ ٻئي ڏينهن جيري جي ست جي (Liver Extract). سمجهان ٿو ته اهي ٻئي دوائون اڄ رواج مان نڪري ويون آهن ۽ ٻين انهن جي جڳهه ورتي آهي.

انهن ڏينهن بعد ڊاڪٽر اجازت ڏني ته پلي بمبئي وڃ. آءٌ رات جو ڏهين بجي گاڏيءَ ۾ وينم. سوچيم سلامت بمبئي پهچندس به سهي يا رستي ۾ دل بيهجي ويندي. پوءِ درد نسچو ڪري چيم ته سمهي ٿو پوان، ننڊ ٿو آڻيان ۽ اُٿندس وي. ٿيءَ تي برابر ۵ منٽن ۾ ننڊ اچي وئي ۽ جڏهن اک کلي تڏهن گاڏي اچي وي. ٽي. سٽيشن جي ٻاهرئين سگنل تي بيٺي هئي. نبض هٿ ۾ جهليم ته برابر هلي رهي هئي.

هن واقعي کي پورا ۲۰ سال ٿيا: ۱۹۵۸-۱۹۷۸. چيو هوم پنهنجن ان ڌڪ گسائيندڙ دل سان ۲۰ سال جيئرو رهيو. مون

”پوءِ مهرباني ڪري مونکي ٻڌايو تہ سهي تہ دل جي بيماري ڪهڙي لڳل آهي؟“ مون ڊاڪٽر کان پڇيو.

گهڻن بيمارن جي سيوا ڪندي ۽ هونئن بہ ڄاڻ وڌائڻ جي اتڪنا ڪارڻ بيمارين ۽ دوائن جي ڪجهہ مڙيئي ڄاڻ حاصل ڪئي هيم، ڪجهہ ڇڳيڙي.

چيائين: تنهنجي نبض ٽڪ ٽڪ ڪندي ٽڪ گسائي ٿي ڇڏي *(missing beat)*، ۽ پڻ تنهنجي دل زور سان ٽڪ ٿي هڻي *(Techi-Cardia)*.

اهو ٻڌي ڪجهہ ساهہ پيم. ٽڪ گسائڻ ڪا جهڙي بيماري ڪانهي. پتاجن کي بہ ڊاڪٽرن چيو هو تہ تنهنجي نبض ٽڪ گسائي ٿي ۽ هوءَ ٢٠ سال ان ڪانپوءِ بہ جيئرو رهيو. دل جي ڌڙڪڻ ڪجهہ تڪليف ڏيندي آهي پر انکي ضابطي هيٺ رکي سگهجي ٿو. بايوڪيمڪ ۾ مئگ فاس *(Mag Phos)* انجو يڪ ٽڪ علاج آهي. ٢ آئونس گرم پاڻيءَ ۾ ٥ ٽڪيون ٻوڙ و ڪري وجهي ملائي پيئو تہ ٽڪ ٽڪ ختم. تنهن سواءِ بمبئي ۾ واپس اچڻ تي مونکي منهنجي ڊاڪٽر (جنهنجو علاج ڪيو هو)، تنهن چيو: *a galloping heart is a strong heart* يعني تہ جا دل گهوڙي جيان ٽاپ ٽاپ ٿي ڪري سگهي اُها تہ مضبوط دل چئبي.

خير. ڊاڪٽر کان سئي لڳارايم ۽ ڪائنس موڪلائي هوٽل تي وڃڻ لڳس. پچيومانس تہ هاڻ وڃي سمهي پوان ۽ مڪمل آرام ڪريان نہ. چيائين: آءٌ دل جي بيمارن کي آرام ڪرڻ لاءِ چوندو ئي ڪونہ آهيان. پلي پيا گهمن ڦرن ۽ جي ٿون بہ ست سارين تہ پلي ٽڪريءَ تي مٿي بہ چڙهي وڃ. شرط اهو تہ ٿڪ ٿئي نہ واپس موٽ.

٢٣- ڄڌهن ٽڪي جي پوسٽ ڪارڊ ڌلم پاريو

پروفيسر ناگراٽيءَ کي ڪھڙي خبر تہ هوُ ٻاهہ سان کيلي رهيو آهي، جيتوڻيڪ ٻاهہ سان کيلڻ جو هوُ عادي آهي ۽ هٿ ساڙڻ جو ڊپ کيس روڪيندو نہ آهي. ڪنهن ڪارڻ، ڪھڙي ڪارڻ سو نہ ياد اٿم ۽ نہ ڏهرائڻ جو خاص ضرور آهي. هنجي ۽ اُن اخبار واري جي وچم ڪجهہ تڪرار ٿي پيو. پوءِ اخبار ۾ گاريون، ڪورٽن ۾ ڪيس وغيره وغيره. پر آخرين جيت ناگراٽيءَ کي ملي ۽ جي پلجان نہ ٿو تہ اُن اخبار واري کي ١٢ مهينا ٽيپ ڪاٽڻي پيئي.

اُن اخبار واري لاءِ مشهور هيو تہ هوُ ماڻهن کان چاندا ڇڏائيندو آهي، پر اهڙيءَ ڳالهہ جو ثبوُت ٿورو ئي ملي سگهندو آهي. البت ماڻهو ڪانئس ڪؤ کائيندا هئا ۽ سندس منڍر ۾ مٿا ٽيڪ ڪري ايندا هئا. اخبار ۾ سنسنيخيز خبر ايندي، فلاڻي سيٺ جي ڇوڪري هڪ مسلمان سان گهمندي ڏٺي وئي، اسان جو خاطوُ جاچ ڪري رهيو آهي، وڌيڪ خبر ٻئي دفعي. اُهو ٻيو دفعو ايندو ئي ڪونہ. دلال وچم پئي ڪم ٺاهي ڇڏيندا. ڪير پنهنجي نياڻيءَ جي بدنامي هموار ڪرڻ چاهيندو- پلي ڪٽي ڳالهہ ڪوُڙي هجي.

هڪ لڳا ڇا ٿيو جو هڪ شخص هڪڙو پوسٽ ڪارڊ مونکي اچي پريس ۾ هٿ ۾ ڏنو. اُهو ڪارڊ ان سمپادڪ

۽ اڄ ٢٠ سال پورا ڪيا آهن. اُميد اٿم ته ڏهه سال ٻيا به جيئندس. دل جي بيماريءَ ڇڏيو ڪونهي. اجهو چار ڏينهن ٿيا ته ڇاتيءَ ۾ اچي سُور پيم Angina Pectoris جو بعضيءِ بعضيءِ پوندو اٿم ۽ ڪالي فاس (Kali Phos) جون ٥ گوريون وٺڻ سان يڪدم ٺيڪ وينديون آهي، جي اچا هلي ته ٻيءَ جرمن هوميوپٿي دوا: Dia Cordia Golden Drops. رام ٻاڻ آهي. ١٥ ڦڙا ٢ آئونس پاڻيءَ ۾ وٺڻ سان سُور غائب. رت جي دٻاءَ گهٽجڻ جي حالت ۾ (Low Blood Pressure) ۾ ساڳيو علاج، ڪالي فاس ۽ گولڊن ڊراپس. ٻه سڀ ڪان وڌيڪ ڳالهه، مضبوط لوهي جي دل. ان لوهي جي دل سان ڪيئي دفعا پاڻکي بچايو اٿم، پر اهو احوال وري ڪنهن ٻئي دفعي.

پروفيسر ناگراٽي شش پنجي ۾ اچي ويو. پر آخر پروفيسر هو، بينڪار ۽ حيثيت ۽ حشمت وارو. ٻئي طرف اهو اخبار نويس به ڪو وڏي ناموس وارو شخص نه هو ڪونه.

پروفيسر ناگراٽي پوليس وٽ بيان ۾ چيو ته مون اهو پوسٽ ڪارڊ چورايو ڪونهي. مان فريادي‌ءَ جي پريس ٻاهران لنگهيس ٿي ته ڪن اُڇلايل ڪاغذن تي نظر پئجي وئي. ڏسان ته هي ڪارڊ به انهن ۾ هئو. مونکي اهو ڪم جو لڳو سو کڻي آيس.

پوليس سندس بيان تي اعتبار ڪري ڪيس ڪڍي ڇڏيو. ڇي: ناگراٽي صاحب رستي تان لڌو ۽ اها ڪا قيمتي ملڪيت ڪانه هئي جنهن لاءِ ڪيس تلاهي ٺهرائجي. خسيس (trifling) چيز هئي جنهنجو ڪوئي ملهه ڪونهي. ان ڪري ڪاغذ دفتر داخل. ناگراٽي صاحب کي داد ڏيڻو پوندو جو وچن تي پورو رهي هن منهنجو نالو ڪونه اڙايو. شايد اهو راز اچ تائين راز ٿي رهيو آهي، جو اڄ آءٌ پاڻ فاش ڪري رهيو آهيان.

صاحب جو پنهنجي مئنيجر ڏانهن لکيل هو. ان ۾ لکيل هو ته تون فلاڻي سيٺ وٽ وڃ. هنکي چئج ته اسان جو خيال رکي ورنه اخبار ۾ ڳالهه ڪوليندا سون. آءٌ اُن سمپادڪ جا دستخط سڃاڻندو هوس ۽ خاطري ٿي ته ڪارڊ سچو آهي، هٿراڌو يا نقلي ڪونهي.

مونکي اُن ڪيچڙ سان پنهنجي اخبار کي خراب ڪرڻ جو ته ڪو ارادو ڪونه هو. ناگواڻيءَ سان دوستي هيم ۽ هن جو اُن سمپادڪ سان تڪرار جاري هو سو ڪارڊ ناگواڻي صاحب کي ڏئي ڇڏيم. ڀانيم هوءَ ان جو پنهنجي لاءِ سد اُپيوگ ڪري سگهندو.

ناگواڻيءَ ڇا ڪيو جو اهو پوسٽ ڪارڊ جيئن جو تيئن ڪراچيءَ مان نڪرندڙ هڪ روزاني اخبار ۾ وٺي شايع ڪيو. ڇي: ڏسو هن سمپادڪ صاحب جا افعال. سنسني ڦهلجي وئي. جن کي سندس ڏنگ لڳل هو سي خوش ٿيا ته آخر پاپ جو گهڙو ڀڳو.

هاڻ سمپادڪ صاحب ڇا ڪري. سندس هٿ اکر سو انڪار ڪيئن ڪري سگهي. هن ٻيو طريقو بدلي ڇڪائڻ جو اختيار ڪيو. هن پروفيسر ناگواڻيءَ تي چوريءَ جو ڪيس ڪيو. ڇي: هوءَ منهنجي پريس ۾ آيو، ڳالهيون ڪندي ڪندي مٿيون پوسٽ ڪارڊ تڳائي ڪڍي ويو. هاڻ چوريءَ جو ته بلڪل نازڪ ۽ گنڀير الزام آهي، ۽ جيل جي سزا جڙي سگهي ٿي. چوريءَ جي ڏوهه ۾ رضانامو به ٿي ڪونه سگهندو آهي؛ نه ڪورٽ کان ٻاهر ڌرين جي وچ ۾ ۽ نه ڪورٽ ۾ ڪورٽ جي اجازت سان. ڪورٽ کي خود چوريءَ جي ڏوهه جي باري ۾ رضانامي ڪرائڻ جي يا رضانامي ڪرڻ لاءِ اجازت ڏيڻ جي اختياري ڪانهي.

ٻيو ڳوڙهاٽين ملڪيتن جي باري ۾ پوزيشن هيءَ هئي تہ جڳهين جي قيمت جي ڪٿ ڪرڻ وقت ڪليم آفيسرن اڳ ۾ ئي ڳوٺن ۾ جڳهين جي قيمت اڌ مقرر ڪئي هئي، انڪري عيوضي ۾ وري اڌ ڪرڻ انصاف جي خلاف هئو، ڇو تہ انهي معنيٰ ڏيندي عيوضو اڌ نہ مگر چوٿون حصو ٿو ڏنو وڃي.

ان زماني ۾ اسان ڪن پراڻن ڪانگريسي ڪم ڪندڙن جي ڪانگريس سان بيٺل هئاسون، هڪ سنستا ٺاهي هئي جا "سنڌ ڪانگريس ورڪرس سمتيءَ" جي نالي ڪاربہ ڪندي هئي. اسان اهي ٻئي سوال هٿ ۾ کنيا ۽ انهن جي بـاري ۾ هند سرڪار سان جهوري لکپڙهہ جاري ڪئي. ٻنهي جدا جدا سوالن جـو نبيرو ڪيئن ٿيو سو هڪ دلچسپ اِتهاسڪ ورتانت ٿيندو.

پهرين ڳوٺائن ملڪيتن جو سوال. هن باري ۾ اسان چڱي لکپڙهہ هلائي ۽ پنرواس جي وزير سان بہ گڏياسون، مگر ڪجهہ ڪڙ تيل ڪونہ نڪتو. وزير پنهنجي مجبوري ڏيکاري. چيائين تہ مان سمجهان ٿو تہ اوهان جي طلب انصاف تي ٻڌل آهي مگر مالي وياڳ نہ ٿو مڃي سو مان ڇا ٿو ڪري سگهان. پئسو منظور ڪرڻ تہ مالي وزارت جي هٿ ۾ آهي.

اسان نراس ٿياسون پر هتاش ڪونہ ٿياسون. فيصلو ڪيوسون تہ پنڊت جواهرلعل سان ملجي. خوش نصيبا شروعاتي سالن ۾ جا ڊاڪٽر چوئٿرام واري گروهہ ۽ اسان جي گروهہ جي وچ جدائي ۽ ترشي اچي وئي هئي سا گهٽي قدر گهٽجي وئي هئي. انڪري جيڪا سفارت پنڊت جواهرلعل سان گڏجڻ هلي ان ۾ ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي ۽ پروفيسر گهنشيام بہ شريڪ هئا. اسانجي سفارت جو اڳوان هئو اسانجي سمتيءَ جو پريزيڊنٽ پروفيسر نارائڻداس رتنمل ملڪاڻي. پنڊت جيءَ جي ڪمري ۾

٣٤- جڏهن جواهرلعل کي ڳالهه مڃائي سگهياسون

ديش جي ورهاڱي کانپوءِ جڏهن هتي هندستان ۾ نرواسي ٿي آياسون تڏهن اسانجي پنرواس سنبنڌي ٻه اهم سوال اسان جي آڏو هئا جي وڏي انتظاريءَ جو باعث بڻجي ويا هئا- هڪڙو هئو سئنيٽري ڪاميٽين وارن ايراضين ۾ ڇڏيل جڳهين جو عيوضو ۽ ٻيو ڳوٺائن ملڪيتن لاءِ فل عيوضو.

هند سرڪار جي پنرواس وڀاڳ وارن ٻه فيصلا بلڪل غلط ۽ انصاف جي خلاف ڪيا هئا. هڪڙو هيءُ ته سنڌ ۾ سئنيٽري ڪاميٽين وارين ايراضين ۾ جيڪي جڳهيون اسان ڇڏي آيا هئاسون انهن جو عيوضو اسانکي ڪونه ملندو؛ ٻيو هي ته جيڪي جڳهيون اسان ڳوٺن ۾ ڇڏي آياسون انهن لاءِ اڌ عيوضو ملندو؛ يعني ته عيوضي جي نقشي موجب جيترو سيڪڙو عيوضو ملڻو هجي، انجو اڌ عيوضو ڏنو ويندو ڇو ته اهي جڳهيون ڳوٺن ۾ هيون انڪري انهن جي قيمت گهٽ هوندي ۽ انڪري عيوضو به اڌ ڏنو وڃي.

هاڻي اهي ٻئي فيصلا غلط هئا ۽ انصاف جي خلاف. پنجاب ۾ جن لوڪل بادين جي ايراضين اندر جڳهين لاءِ عيوضو ڏيڻو ڪيو ويو هو، اسانجون سئنيٽري ڪاميٽيون انهن سان سريکون هيون ۽ ان سريکائپ ڪارڻ اسانجي سئنيٽري ڪاميٽي ايراضين لاءِ به عيوضو ملڻ گهربو هئو.

ڳوٺاڻن ملڪيتن جي ڪٿ ڪندي، انهن جي رقم ڳوٺاڻي ملڪيت جي حيثيت ۾ اڌ ئي شمار ڪئي وئي آهي ته پوءِ وري عيوضو اڌ ڇو ٿو ڏنو وڃي. اها ته بي انصافي ڇٽبي نه.

پنڊت جيءَ کي ڳالهه دل سان لڳي. پڇيائين: "اوهان پنرواس وڀاڳ جي وزير سان گڏيا آهيو؟"

"هائو" ملڪاڻيءَ چيو.

"پوءِ هن ڇا چيو؟" پنڊت جيءَ پڇيو.

"هن چيو ٿي ته اوهان جي طلب انصاف تي ٻڌل آهي پر مان مجبور آهيان جو مالي منتري قبول نه ٿو ڪري."

"ڇو؟" پنڊت جيءَ پڇيو.

"وڌيڪ پئسو ڏيڻو پوندو!"

"اڇا" پنڊت جيءَ چيو. وڌيڪ چيائين: "چڱو مان مالي منتريءَ سان ڳالهائيندس."

مکيه گفتگو پنڊت جيءَ ۽ ملڪاڻيءَ جي وچ ۾ هلي رهي هئي. پر وچ وچ ۾ ڊاڪٽر چوئٿرام ۽ پروفيسر گهنشيام به پٺڀرائي ڪندا رهيا.

پنڊت جي آخرين جملو چئي، جڻ ملاقات ختم ڪرڻ جي ڏيکاري ڏني.

هفتي جي اندر ئي اسانکي احوال اچي ويو ته سرڪار فيصلو بدلايو، اسانجي طلب منظور ڪئي ۽ ڳوٺاڻن ملڪيتن لاءِ به عيوضو انهيءَ ئي پئماني تي ڏنو ويندو جنهن پئماني تي شهري ملڪيتن لاءِ ڏنو ٿو وڃي. ان فيصلي ڪارڻ سنڌي نرواسين کي لکن روپين جو نه پر ڪروڙن روپين جو فيض رسيو.

سنڌي ڪامپين جي سوال جو حشر ڪهڙو ٿيو سو وري ڪنهن ٻئي مضمون ۾.

گهڙيا سون ته پنڊت جي ڪيڪاريو. ڊاڪٽر ته دهليءَ ۾ ئي رهندو هئو ۽ ملڪاڻي به. پروفيسر گهنشيام بمبئي ۾ رهندو هو. پنڊتجيءَ هن ڏانهن نهاري چيو: پر تون ته بمبئي رهندو آهين نه؟ پروفيسر صاحب چيو: هائو، پر هن سفارت سان گڏ جي آيو آهيان.

پوءِ پنڊت جواهرلعل ملڪاڻيءَ ڏانهن مونهن ڪيو؛ جڻ پڇيائين ٿي ته ڇٺو ڪهڙو معاملو کڻي آيا آهيو.

پروفيسر ملڪاڻيءَ شروع ڪيو. چي: اسانکي جو ملڪيتن جو عيوضو ٿو ڏنو وڃي تنهن ۾ ڳوٺائن ملڪيتن لاءِ عيوضو اڌ ٿو ڏنو وڃي.

پنڊتجيءَ يڪدم جڻ ڪاوڙجي ويو. چيائين عيوضي جي ڳالهه مونکي ڪڏهن به آئڙي ڪانهي. پنرواس جي ڳالهه ڪريو ته ڪريو.

هاڻ جڳ کي خبر آهي ته پنڊتجي عيوضي جي باري ۾ بلڪل ئي خلاف هئو ۽ ان سوال تي وڏي چڪري هلي هئي. آخر نرواسين جي تحرڪ ڪارڻ ۽ پنجاب جي اڳواڻن جي زوربار ڪارڻ هن آڻ مڃي. پر عيوضو جو سرڪار ڏيڻو ڪيو سو ته ملڪيت جي رقم جو ڪجهه حصو ئي هئو. سچ پچ ته اها هڪ پنرواس جي گرانٽ هئي، نه عيوضو.

پروفيسر ملڪاڻيءَ جواب ۾ چيو: جيڪي ڪجهه پارليامينٽ عيوضي طور ڏيڻو ڪيو آهي سو سچ ته پنرواس جي گرانٽ مثل ئي آهي، عيوضو ته آهي ڪونه پر جيڪي به پارليامينٽ ڏيڻو ڪيو آهي اهو انصاف روءِ ته سڀني کي ملڻ گهرجي نه. ڪن سان بي انصافي ٿئي سو ته ٺيڪ نه آهي.

"ڪهڙي بي انصافي ٿي ڪئي وڃي؟" پنڊتجيءَ پڇيو.

ڳوٺائن ملڪيتن لاءِ عيوضو اڌ ٿو ڏنو وڃي. هاڻ جڏهن

ڪاميٽين جي ايراضين ۾ ڇڏيل ملڪيتن لاءِ عيوَضو ڏنو تي ويو ته سنڌ جي سيڪيٽري ڪاميٽي ايراضين ۾ ڇڏيل جڳهين لاءِ ٻه عيوَضو ملڻ گهربو هئو. هي سوال اسان ڪان اڳ ڪن ٻين سنسٿائن ٻه ڪنيو هو، مگر سرڪار انڪاري جواب ڏنو هو.

اسان جڏهن اهو سوال هٿ ۾ ڪنيو تڏهن اُچاترو يا مٿاڇرو ڪونه ڪنيو. ان سوال جو اونهو اڀياس ڪيوسون. شري چوئٿرام وليچا ان سوال جي قانوني پهلوءَ جو بلڪل اونهو اڀياس ڪري هڪ وڏو مقالو تيار ڪيو جيئن سنڌ ۾ هن جاگيرن جي سوال جي باري ۾ تيار ڪيو هو ۽ ڪنيو هو. هن اهڙو ڪيس تيار ڪيو جو قانوني طور انکي ڪير ٽوڙي نه سگهي.

ان لاءِ هن ڪي ڪيترائي دفعا دهليءَ وڃڻو پيو جتي قانوني لئبرريءَ ۾ پنجاب جي لوڪل باڊيز جي سڪيم جو اونهون اڀياس ڪيائين اهو ثابت ڪري ڏيکارڻ لاءِ ته لوڪل باڊيز جي سرشتي ۾ پنجاب جون ٽائون ايراضي ڪاميٽيون ان ساڳي سطح تي آهن جنهن سطح تي سنڌ جون سيڪيٽري ڪاميٽي ايراضيون هيون.

ائين قانوني طور بلڪل اڻ ٽٽندڙ ڪيس تيار ڪري هو سفارت وٺي دهليءَ ۾ پنرواس کاتي جي وزير وٽ ويو. وزير پنهنجن سيڪريٽرين کي گهرايو ۽ شري وليچا قانوني طور ڪيس انهن جي اڳيان پيش ڪيو ۽ ڪين لاجواب ڪري ڇڏيو.

وزير شري وليچا کي چيو ته اوهانجي طلب صحيح ۽ واجبي آهي ان ڪري مان اها قبول ڪندس. شري وليچا کانئس پڇيو ته اسين وڃي پڌرائي ڪريون. چيائين بلاشڪ وڃي پڌرائي ڪريو.

تڏهن ”يارتواسي“ سمتيءَ جو ته مکيه پتر هئي ۽ هفتيوار روپ ۾ نڪرندي هئي. پنرواس سٻنڌي سوالن جي جاڻ ۽

٣٥- جڏهن سيٽلمينٽ ڪاميٽين جو سوال بگاڙيو ويو

مون اڳئين هڪ مضمون ۾ ذڪر ڪيو ته ڪيئن اسان سنڌ ڪانگريس ورڪرس سميتيءَ طرفان ٻه وڏا پنرواس جا سوال هٿ ۾ کنيا ۽ ڳوٺائن ملڪيتن جي سوال کي ڪاميابيءَ سان حل ڪيوسون. ان ۾ پنڊت جواهرلعل نهرو آخر اسانکي داد وٽي ڏنو، جنهن ڪري سنڌي نرواسين کي ڪروڙن روپين جو فيض رسيو.

ٻيو سوال جنهن لاءِ اسان جبري جدوجهد ڪئي سو هئو سيٽلمينٽ ڪاميٽين جو سوال. هي سوال ڪجهه هن ريت هو. هند سرڪار پاڪستان ۾ ڇڏيل ملڪيتن لاءِ عيوضو ڏيڻ لاءِ ڪو دستور جوڙيو هو. سرڪار سنڌ جي انهن ملڪيتن لاءِ عيوضو ڏيڻو ڪيو جي ميونسپل ڪارپوريشن، ضلع ميونسپالٽين، شهري ميونسپالٽين ۽ نوٽيفائيڊ ايريا ڪاميٽين جي ايراضين اندر ڇڏيل هيون. ان سلسلي ۾ نوٽيفائيڊ ايريا ڪاميٽين کان هيٺ لهندي سيٽلمينٽ ڪاميٽيون ٿي آيون جن جي حدن اندر ڇڏيل ملڪيتن جو عيوضو (پلاٽ) ڪين ملڻو هئو. پنجاب ۾ به اهڙي دستور هڪ سلسلو ٻڌو ويو- ڪارپوريشن، ڪئنٽونمينٽ، ٽائون ايريا ڪاميٽيون وغيره. هاڻ ان سلسلي ۾ اسان ڏٺو ته سنڌ جون سيٽلمينٽ ڪاميٽي ايراضيون پنجاب جي ٽائون ايريا ڪاميٽين جون ثاني هيون، انڪري جيڪڏهن پنجاب جي ٽائون ايريا

خط پنهنجي نوٽ سميت ڪيس ڏنو. هُو متو اُهو خط ڪٽي بمبئي ۾ آيو ۽ اسان کي ڏنائين. ائين ڇڏجي ڪٽي ته سياسي چڙهت ۽ نه سهڻ ڪارڻ هيءُ ڪميل سوال اسانجي هٿن مان نڪري ويو، ۽ ڪروڙها روپين جو فائدو جو سنڌين کي ٿئي ها اُن کان محروم ٿي وياسون.

اُهو خط سالن جا سال اسان سانديي رکيو. خانگي گفتگوءَ ۽ ڳالهين جي دوران ۾ اسان ٻين سان اها ڳالهه ڪئي مگر مريادا ڪارڻ اسان اخبار ۾ اها ڳالهه ظاهر نه ڪئي، ڇو ته خط جو لکندڙ به هڪ ناليرو نرواسي نيتا هو. شايد اڄ به ڳولا ڪريان ته ڪنهن نه ڪنهن ڪنڊ مان اُهو خط لڀي به اچي.

هن سوال جا ٻه پهلو آهن جن جو هن مضمون کي پوري ڪرڻ کان اڳ ذڪر ڪرڻ ضروري آهي. هڪڙو هيءُ ته آءٌ خاطريءَ سان ائين چئي نه ٿو سگهان ته جنهن متو اُهو ڏورانهين جو خط منتريءَ کي لکيو تنهن ڪو ساڙ يا حسد مان لکيو هوندو يا سنڌين کي نقصان رسائڻ لاءِ لکيو هوندو. ممڪن آهي ته هن اسانجي اخبار جي پڌرائيءَ تي اعتبار نه ڪيو هجي ۽ تصديق لاءِ خط لکيو هجي پر خط جو نوع ۽ ٻولي اياڻپ واري ضرور هئي جنهن وزير کي چڙ ڏياري. اها دورانديشي ڪيس ڪرڻ گهربي هئي.

ٻيو هي ته اسان ان سوال جي باري ۾ وڌيڪ قدم ڪهڙو کنيو يا ڇو ڪين کنيو. هن معاملي کي ٢٠-٢٥ سال گذري ويا آهن انڪري چٽي يادگيري ڪانه اٿم. دل تي اثر هي رهيل آهي ته اسان ان باري ۾ پاڻ ۾ بحث مباحثو ڪيو. ڏٺوسون ته باقي رهيل هڪڙي واٽ هئي- ڪورٽ جو در کڙڪائڻ. ڪورٽ ۾ جي وڃون ها ته اوس کٽي اچون ها. قانوني طور اسانجو ڪيس بلڪل ئي لاجواب هو. شايد ڪورٽ ۾ ڪو نه

خبرچار ”پارتواسي“ ذريعي ئي ڏني ويندي هئي ۽ انگريزي سڀني هندستان مان نوواسي اسانجي اخبار گهرائيندا هئا.

اسان وزير جي زباني خاطري ملڻ تي ”پارتواسي“ ۾ اها پڌرائي ڪئي ته وزير اسانجو سئيبنٽري ڪاميٽين وارو حڪي سوال منظور ڪيو آهي ۽ ان باري ۾ سرڪاري پڌرائي جلد ئي نڪرڻ واري آهي.

اها انگريزي ڪهاوت موجب اسانجي ”پارتواسي“ ۾ پڌرائيءَ جي مس ئي ڪانه سڪي هئي ته اسانجي هڪ سنڌي سنستا جي سيڪريٽري وزير صاحب کي چٺي ڪٺي ته هڪ ڏورانهين جو خط لکي موڪليو. ان ۾ ڪجهه هن دستور لکيل هو:

”’پارتواسي‘ ۾ خبر پڙهي سون ته اوهان سنڌ جي سئيبنٽري ڪاميٽي ايراضين ۾ ڇڏيل ملڪيتن جو عيوضو ڏيڻ قبول ڪيو آهي. اهو پڙهي خوشي ٿي. اوهانکي ياد هوندو ته اسان اهو سوال هٿ ۾ کنيو هو پر اوهان اها طلب منظور ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو. ڪرپا ڪري تصديق ڪريو ته ائين برابر آهي ۽ اوهان اهڙي قبوليت ڏني آهي وغيره.“

وزير کي هي خط پڙهي ڏاڍو ڏک به ٿيو ۽ چڙ به لڳي. ان ڏک ۽ چڙ ۾ هن ان مترکي لکي موڪليو ته مون ڪا به قبوليت ڪانه ڏني آهي. هن اهڙو نوٽ ان خط تي به وڌو.

اسانجو هڪ متر جيڪو ساڳئي ڪنهن معاملي جي باري ۾ ملڻ ويو ته وزير اهو خط کيس ڏيکاريو ۽ ان خط تي جيڪو نوٽ وڌو هئائين سو به ڏيکاريائينس ۽ تمام پيڙا مان چيائينس ته اوهانجا افعال هي آهن. هيئن مونکي ڏورانهون ڏنو ويو آهي. هاڻ مان اوهانجي اها طلب منظور ڪري نه ٿو سگهان. وزير ائين چئي پنهنجي فائيل مان ڏانهنس لکيل اهو

٣٦- جڏهن هنسا جي ملاوت ڪري اهنسا ڪم نه ڪئي

خبر نه آهي ته گهڻا دفعا موت کان بچيو آهيان. موت اکين آڏو بيٺل ڏٺو اٿم پر ڪيترن ئي ڪٽا هڻڻ ڪري واپس موٽي ويو آهي. ننڍڙو ٻالڪ هوم ته مائٽ چون ٿا ته ڪلفٽن تي سمنڊ جي ويڙ ڪٽي ويئي پر پوءِ واپس ڇڏي وئي. ڪراچيءَ ۾ ٦ جنوري ١٩٤٨ تي جڏهن سنڌي سيڌي جا گهر لٽيا ويا ۽ ڪيترا زخميا يا ماريا ويا تڏهن آءٌ پاڻ به ٻچي ويس ۽ گهر به بچايم. جيتوڻيڪ منهنجي جڳهه ۾ منهنجي هيٺان ويٺل ٽوڙيندڙن مٿان ويٺل ٻئي ڪٽنبن کي ڦريو ويو. حڪمت عملي بچايو يا ايشور جي ڪرپا. جيڪب آباد کان موٽندي رات جو ڪيئن پٺاڻن جي گوليءَ کان پاڻ بچايم مهاتما جي اهنسا جي هٿيار سان انجو بيان هڪ دفعو اڳ هنن ورقن ۾ ڏنو اٿم. اڄ هڪ ٻئي پرسنگ جو بيان ٿو ڪريان جنهن ۾ اهنسا ڪم نه ڏنو جو ان ۾ هنسا جو انش گڏيل هو.

ساڳيو پاڪستان ٺهڻ کان ترت پوءِ جو سمو. ساڳي جيڪب آباد سٽيشن، ساڳي ڪوئٽيا ميل گاڏي. مون اڳ ٻڌايو آهي ته پاڪستان ٺهڻ بعد به مون سنڌ ۾ ئي رهڻ جو فيصلو ڪيو هو مگر سنڌ سرڪار رهڻ نه ڏنو. جيسين رهيل هوس تيسين پيو گشت ڪندو هوس پنهنجن هندو ڀائرن جي خبرچار لهڻ لاءِ. ان مقصد سان ٻيو دفعو جيڪب آباد وڃڻ جو

وياسون جو ان لاءِ گهربل خرچ ۽ ناڻو اسان وٽ ميسر ڪونه هئو يا شايد ان ڪري نہ وياسون جو اسان پنهنجيءَ سرڪار خلاف ڪورٽ ۾ وڃڻ ٺيڪ نہ سمجهيو.

اُن زماني ۾ سنڌين ۾ اسانجي ئي هڪڙي سياسي سنستا هئي جا ڪانگريس سرڪار جو سمرٿن ڪندڙ هئي. ٻيون مڙيئي سنستائون سرڪار جي آلوچنا ڪندڙ هيون ۽ هر ڪنهن چوُنڊ ۾ ڪانگريس جي مخالفت ڪنديون هيون جنهن حقيقت اسانجي خيال ۾ جاتيءَ کي وڏو ضرور رسايو آهي. شايد اسان تي ان سياسي ويچار بہ اثر ڪيو هجي تہ جيڪڏهن اسان سرڪار تي ڪيس ڪيو تہ پوءِ اسان لاءِ بہ چوُنڊن ۾ سرڪار جو طرف وٺڻ مشڪل ٿي پوندو. مونکي دليل يا دليلن جا تفصيل ياد ڪونہ آهن تہ اسان ڇو ڪيس نہ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

پر اڄ ائين چوڻ ۾ مونکي هچڪ ڪانہ ٿي ٿئي تہ اسان جيڪو فيصلو ڪيو سو صحيح ڪين هئو. اسانکي ڪورٽ ۾ وڃڻ گهربو هئو ۽ قانوني لڙائي لڙڻ گهربي هئي. قانوني لڙائي لڙڻ، پنهنجي سرڪار سان ئي، غلط ڪونہ ٿئي ها. ڪڏهن ڪڏهن اهو ڪندو من ۾ چڀندو آهي تہ اسان ان سوال ۾ پنهنجي فرض ادائي آخرين منزل تائين ڪرڻ ۾ گُٿاسون.

شايد پاڻ اهو جاڻڻ لاءِ منتظر هوندا تہ آءٌ ظاهر ڪريان تہ اهڙو اياڻپ جو خط ڪنهن ۽ ڪهڙي سنستا جي پد اڌڪاريءَ لکيو. مريادا اهو ظاهر ڪرڻ کان روڪي ٿي. ڪويءَ چيو آهي تہ: سرڳواسين جا ڳڻ ئي ڳائبا آهن، سندن غلطيون قبر اندر ساڻن گڏ دفن ٿي وينديون آهن، يا انجي اُبتڙ چيو اٿس! ٻنهي حالتن ۾ قلم کي روڪڻو پوندو!

بچايو هوم. پر هيٺئر محسوس ڪيم ته اهڙا هتي ڪم نه ڏيندي. اهڙا اُتي ڪم ڏيندي جتي هڙا جو ذرو به انش ڪونه هوندو. هڙا جي اهڙا سان گڏي ته پوءِ اهڙا جو تاثير ميٺجي ويندو. هتي هڙا جو انش اهو هو جو آءٌ سب انسپيڪٽر جي ڏاڍائي ڪري ئي گاڏيءَ ۾ چڙهيو هوس. ان ڪري شروع ۾ ئي انهن مسافرن جي دل ۾ منهنجي لاءِ چڙ، رنج ۽ تڪرار مؤجود هئي، پوءِ اتي اهڙا ڪيئن ڪم ڪندي؟

مون منٽ ٻن ۾ ئي سوچي ورتو ته هتي اهڙا ذريعي آءٌ پاڻکي بچائي ڪونه سگهندس. ٻي ڪا ترتيب سوچڻي پوندي. ٻي کهڙي ترتيب سوچيان. دريءَ جي ڀرسان ويٺو هوس. ٻاهر ٽپو ڏيڻ ئي هڪڙو رستو هو. پر ڪوئٽيا ميل جي رفتار واريءَ گاڏيءَ مان ٽپو ڏيڻ مؤت کي نوتو ڏيڻو هو. هوُ به ته شايد مونکي اُڇلائين ئي ها نه. فرق ڪجهه ڪونه هو.

ائين سوچي ئي رهيو هوس ته ايشور سهايڪ ٿيو. اوچتو گاڏي رڪجي وئي. سٽيشن ڀرسان هئي. هوُنئن ته ميل گاڏي انهن سٽيشنن تي بيهندي ڪانهي. جيڪبآباد کان هلي ته سڌي شڪارپور. پر همايون سٽيشن جي ٻاهران بيهجي وئي جو سگنل ڪونه مليو هوس.

منهنجي لاءِ اهو موقعو غنيمت هئي. دريءَ کان ويٺو ئي هوس. ٽپو ڏيئي گاڏيءَ مان هيٺ لهي ويس ۽ ڀرسان بيو گاڏو هو ان ۾ چڙهي ويس. گاڏي به هلي. ١٥-٢٠ منٽن جو باقي رستو هو؛ شڪارپور اچي وئي ۽ جڏهن گاڏي مان لهي پليٽفارم تي پير رکيم تڏهن سک جو ساهه پٽيم. اڄ به ان واقعي جي ياد ايندي آءٌ ته ازخود ويچار اچي ويندو آهي: راکي رام ته ماري ڪؤن.

موقعو بڻيو.

جڏهن رات جو هڪ بجي سٽيشن تي آيس ۽ ڪوئٽيا ميل آئي تڏهن ڏٺم تہ گاڏي بلڪل ڀريل هئي، دربن ڪان ماڻهو بيٺل هئا ۽ ڪنهن کي چڙهڻ نہ ٿي ڏنائون. سٽيشن تي هڪ هندو پوليس سب انسپيڪٽر بيٺو هو جنهن جو نالو موتيداس هو. واقف ماڻهو هئو ۽ پتاجن جو شاگرد. مونکي ڏسي چيائين تہ مان توکي جڳهہ وٺي ڏيان. هڪڙو ننڍڙو گاڏو هو جنهن ۾ پنجابي مسلمان ويٺل هئا، سمجهان ٿو ملٽريءَ جا ماڻهو هئا. هن ان گاڏي ۾ مونکي زوريءَ گهسايو ۽ مسافرن کي چيائين تہ هي منهنجو ماڻهو آهي هنکي چڙهڻ ڏيو. سب انسپيڪٽر کي نانهن ڪيئن ڪن؛ سو لاچاري مونکي اندر گهڙڻ ڏنائون.

گاڏي هلي. اچا ٻہ ٽي منٽ ڪين گذريا تہ هنن جي وچ ۾ سس پس ٿي. منهنجي تہ ڪپڙن مان ظاهر هو تہ آءٌ هندو هوس ۽ ڪانگريسي. مسلمان تہ هندن ۽ ڪانگريس تي بگڙيل هئا. انهن ڏينهن ۾ ريل گاڏيءَ مان هندو مسافرن کي اُڇلائڻ جا واقعا روزانو پيا ٿيندا هئا. مونکي دپ ڪونہ ٿي ٿيو، ڇو جو پوليس انسپيڪٽر جو ماڻهو هوس نہ.

پر اها حقيقت ئي منهنجي لاءِ مصيبت جو باعث بڻي. انهن پنجابي مسلمانن کي دل ۾ خار هئا تہ هڪ هندو پوليس سب انسپيڪٽر زوريءَ مونکي سندن گاڏي ۾ چاڙهيو هو. سو مونکي چيائون: "چوُ، هاڻ ڇا ٿو چوين، هاڻ تہ اسانجي هٿن ۾ آهين. تنهنجو انسپيڪٽر هيڏهن توکي بچائي ڪونہ سگهندو."

مون محسوس ڪيو تہ شامت اچي وئي. تورا ڏينهن اڳ تہ ٻنائن جي غصي ڪان اهنسا جي هٿيار ايڏائڻ سان پاڻکي

نڪتس تيسين ڪري پيس ۽ ڪي ڪلاڪ بي‌سرت پيو هوس. واڪو واڪاڻ ٿي وئي. ڊاڪٽر آيو ۽ مونکي اسٽريچر تي کڻائي جيل جي اسپتال ۾ وٺي ويا.

هر ڪنهن جيل لاءِ هڪ ملاقين جي ڪاميٽي ٿيندي آهي جي وقت بوقت جيل ۾ اچي قيدين جا ڏک سور پڇندا آهن. ان ڪاميٽيءَ جو هڪڙو ميمبر هو ديوان پيسومل. (سنڌس آڪهه جو نالو ياد نه ٿو اچيم، پر پيسومل چانڊواڻي نالي هڪ پيسومل وڪيل هو). شايد هو ڪاميٽيءَ جو چيئرمن هجي. هو انهن ڇهن پنجن ڏينهن جي عرصي ۾ جيل ۾ اچ وڃ پيو ڪندو هو. اسان سان ڳالهيون ڪرڻ، جيل اختياريءَ وارن سان ڳالهيون ڪرڻ وغيره. آخر پنجين ڏينهن ناهه ٿيو ته اسان جون طلبون منظور ڪيون ويون، يا اسانکي خاطري ڏني وئي ته اوهانجون طلبون منظور ويديون ۽ اسان بک هڙتال ٽوڙي.

وڏا نيتائون جڏهن بک هڙتال ٽوڙيندا آهن تڏهن ڪين نارنگيءَ جي رس جنهن ۾ ماڪي پيل هوندي آهي اُها پيئاريندا آهن؛ اسان وٽ ڳڙ جي ٽانهري کڻي آيا. ڊٺي جاٺي کهڙي ڊاڪٽر کين اهو ڏس ڏنو. آءٌ اسپتال ۾ پيو هوس جو اها خوشخبري ملي ته اسانجا شرط قبول ڪيا ويا آهن ۽ بک هڙتال ٽوڙي وئي آهي. مون وٽ به بين جيان ڳڙ جي ٽانهريءَ سان پوريل پليٽ کڻي آيا، هڪ ويلي جو راشن. آءٌ اهڙو ڀُهلو جو جيل جي ان عملدار کي چيم: پنجن ڏينهن کان بک تي آهيون، سو هيءَ ٽوري ٽانهري ڪيئن پوري ٿيندي. هڪ ساٿي ڪانگريسي همراهه چيو: تون اها ته کاءُ، بي گهرجئه ته جام ملندءِ. منهنجي حيرانيءَ جي حد نه رهي جڏهن ڏٺم ته ان ٽانهريءَ جو چوٿون حصو کاڌم ته پيٽ پورجي ويو، وڌيڪ کڻڻ کان انڪار ڪيو، اُبڪا اچڻ لڳا. باقي بچيل ٽانهري ڪنهن

٣٧- جڏهن جيل ۾ ٻيون دفعو بک هڙتال ڪيم

مونکي ياد ڪينهي ته اسانجون طلبون ڪهڙيون هيون. ڪي ته طلبون هيون جن تي بک هڙتال ڪئي سون ۽ ان هڙتال ۾ اسانجو اڳوان هئو مسٽر شري سي. ٽي. ولڀچا. بک هڙتال ڪرڻ جيل جي قانون هيٺ ڏوهه آهي، سو اسانکي سپرنٽنڊنٽ اڳيان پيش ڪيائون، ۽ سڀني کي جدا جدا سزا ملي. مونکي سزا ملي هٿڪڙيون چار ڏينهن. اهي هٿڪڙيون رات جو سمهڻ مهل وجهندا هئا. پوليس وارا همدرد هئا سو هٿڪڙيون ويڪڙيون وجهي ويا جي ٻانهن مان سوليون نڪري سگهن. چوندا هئا هٿڪڙيون لاهي رکي ڇڏ، ڪو آفيسر اچي ته جهٽ ڪٽي ٻانهن ۾ وجهج. سو سزا هئي نه جهڙي.

سکر ۾ ان وقت جيلر هو سرڳواسي شري ليلارام چنديراماڻي. نهايت رچ مڙس، سوراجين سان ڏاڍيءَ مروت سان هلندو هو. چيائين: يائي مونکي اختياري هجي ته آءٌ اوهانجون طلبون هينئر ئي پوريون ڪري ڇڏيان. پر اختياري آهي گوري سپرنٽنڊنٽ کي انکري مان ڪجهه ڪري نه ٿو سگهان. مان ايترو ڪري ٿو سگهان جو همدرديءَ ۾ مان به اُپواس رکان. اوهين بک مرو ته مون کان گرهه ڪيئن لنگهندو.

٥ ڏينهن بک هڙتال هلي. سڀني بک هڙتالين ۾ آءٌ ڪمزور ۾ ڪمزور هوس. چوٿين ڏينهن جيئن ڪاڪوس مان ٻاهر ٿي

لڳي، ڪن ڪي ڪاڪوس. پهرين سڄي رات گاڏيءَ ۾ چوويهن سو حساب تہ ڏٺو پوندو.

ڪمري کي هڪ دري هئي. پيشاب تہ دريءَ کان ڪري ٿي سگهياسين، پر ڪاڪوس جو ڇا ٿئي. هڪ ٻن کي زور سان لڳو سو هڪ تغاري کڻي اندر پيٺي هئي ان ۾ ڪم پورو ڪيائون. واڪو واڪا ڪئيسون- دروازا کولو، دروازا کولو. آخر جڏهن دروازو کليو تڏهن سڀ پهرين ڪاڪوس ڏانهن. ڪاڪوس تہ ست اٺ قطار ۾ هئا. شايد ئي زندگيءَ ۾ ڪڏهن اهڙو ٽڪڙو ڪاڪوس آيو هوندو ءِ اينتري مقدار ۾. مان سمجهان ٿو تہ حياتيءَ ۾ ڪڏهن نہ اينترو گهٽو ڪاڏو آهي ءِ نہ ڪڏهن اينترو گهٽو لاٿو آهي. سمجهيم تہ هفتو ڪن تہ ڪانءِ جي ضرورت نہ تيندي ءِ نہ ڪاڪوس جي. پر ٻئي ڏينهن تي ساڳيا لاٿون، ساڳيا ڇگهہ.

رواجي قيديءَ کي ڏيڻي ڇڏيم.

ٻڪ هڙتال ٽوڙئي ٻه ڏينهن گذري ويا. طلبن جي پورتيءَ جي ڪا سڌ ڪانه پيئي. ٽئين ڏينهن جيلر صاحب اچي فرمايو اوهانجي حيدرآباد جيل ڏانهن بدلي ڪئي وئي آهي. ٩ ٻڪ هڙتالي بدلي ڪيا ويا- ٥ وڏا ۴ ننڍا، شري وليڇا سميت. اسان سکر جيل لاءِ خطرناڪ سمجهيا وياسون. ٻاهران پوليس جو انالو آيو جي هٿڪڙيون وجهي اسانکي جيل ڪان ٻاهر وٺي آيا ۽ پوءِ سکر سٽيشن تي.

شري وليڇا جو نالو ته سکر ۾ پرسڌ هو. هوُ سکر جي ماڻهن جو لاڏلو هو. خبر نه آهي ڪيئن شهر ۾ خبر ڦهلجي وئي ته سوراجين جي بدلي ٿي رهي آهي. هشام ماڻهن جا اچي ڪنا ٿيا، سکر ۽ روهڙيءَ جي ريلوي سٽيشن تي. ٽوڪرا اچي ويا- ميوا، مٺايون، روٽيون، ڀاجيون وغيره. ٩ ماڻهن جي لاءِ جو مال آيو سو ٥٠ ماڻهو کائي سگهن. پوليس وارا جي اسان سان ساڻ هئا سي اسانکي دعائون ڪرڻ لڳا. خبر نه آهي حياتيءَ ۾ ايڏا مال ڪڏهن کاڌا ٻه هوندائون.

روهڙيءَ کان حيدرآباد تائين کائيندا آياسون، نان-سٽاپ- پلا اچ نه کائيندا سون ته ڪڏهن کائيندا سون. خوُب پيٽ پري کاڌوسون، دل پوري، ته ٻه ڪيترو مال زيان ٿيو. پوليس حيدرآباد جيل تي وٺي آئي. صبوح جا ٥ وڳا هئا. جيل اڃا کليو ڪونه هئو. جيلر گهر ۾ هئو. جيسين جيل نه کلي، عملدار نه اچن تيسين اسانکي اندر داخلا ڪيئن ملي. آخر جيل جي ٻن وڏن دروازن جي وچ ۾ هڪ ننڍڙو ڪمرو هو ان ۾ اسانکي بند ڪيائون. اندر نه ڪاڪوس نه مٽوني. بي قاعدي ڪم.

جيل جي ڪلرڪ ۾ اڃا ٻه ڪلاڪ دير هئي. اهي ٻه ڪلاڪ اسان ان ڪوليءَ ۾ مصيبت ۾ گذاريا. ڪن کي پيشاب زور سان

وزيرن جي نڪ ۾ دم آڻي ڇڏيندو. ڪيترين لڙاين هو لڙيو، ۽ مونکي ياد ڪينهي ته ڪا هڪڙي ۾ هارايائين. هڪ دفعي کو وزارت بار بوئنڊ جي گاڏيءَ تي ٽڪس وڌي. ڪراچي سنڌس تڪ ڪونه هو، مگر ۵ هزار ڏاند گاڏيون ڪنيون ڪيائين ۽ شاهي جلوس وٺي اسيمبلي هال تي ڪاهي ويو. ڪراچيءَ ۾ بار گاڏيون مڪراڻي هلائيندا هئا. هو مٺس فدا هئا. ايڏو شاهي جلوس ڏسي سر غلام حسين ڏڄي ويو. ٻاهر نڪري، اچي گاڏيءَ وارن سان گڏيو. پڇيائين: اوهان کي ڇا گهرجي؟

چيائون: بل واپس وٺو.

"واپس ورتي سون"، غلام حسين چيو.

سکر ضلع ۾ ٻه وڏا مسئلا ماڻهن جا کنيائين، هڪڙي سال نديءَ ۾ پاڻي گهٽ آيو، وري عملدارن جي لاپرواهي، فصل سڪي ويا؛ "ڪا شيءِ ڪانهي"، ڳوٺن مان دانهن اُٿي، ڀلن ۾ معافي نه ملي. سوال هٿ ۾ کنيائين ته سڄي روهڙي ڊويزن جو گشت ڪيائين، جيتوڻيڪ اهو ٻه تڪ سنڌس ڪونه هو. ١٠ ڏينهن اندر ۵ ڪانفرنسون به ڪوٺايائين: گهوٽڪيءَ ۾، ميرپور ماٿيلي ۾، ڏهرڪيءَ ۾، پنوعاقل ۾، اُباوڙي ۾.

هڪ جو پريزيڊنٽ شوي جڳامداس، ٻيءَ جو ڊاڪٽر چوئٿرام، ٽينءَ جو پروفيسر گهنشيام، چوٿين جو مسٽر سدوا ۽ پنجين جو نالو ياد ڪونه ٿو پوي، شايد سوامي ڪرشنانند هو.

صبوح جو ڳوٺ ۾ پهچون. پهچڻ سان تيار ٿي سڪل ڪيت ڏسڻ وڃون؛ اکين سان ڏسي اچون ته زمينون سڪيون پيون آهن، فصل ڪونه ٿيو آهي. مسجهند جي مانيءَ ڪانپوءِ ملاقاتون پنڇين سان، ڪاتيدارن سان، ڪڙمين سان. رات جو ڪليل اجلاس

٣٨- جڏهن روهڙيءَ ڊويزن ۾ سوڪ پيئي

اسان جو متر شري چوئٿرام ٽيڪچند وليچا (سي. ٽي. وليچا جي نالي سان پرسڌ) اڄ ٻوڍ اوستا ۾ آهي. ٧٠ کان سندس عمر وڌيڪ آهي، شرير ۾ ڪجهه ڏٻرو آهي، جيتوڻيڪ سندس دل ۽ دماغ ٻئي بلڪ سالم آهن ۽ اڄ بہ جڏهن ڪنهن مسئلي تي پنهنجا ويچار ظاهر ٿو ڪري تہ بلڪل پختائي سان ۽ اُمنگ سان. سندس صحبت خوشيءَ ۽ آنند جو سرچشمو آهي.

گذريل ٤٠ سال سانده سندس ساٿي ٿي رهيو آهيان، ۽ گهڻو تڻو هر هڪ تحريڪ ۾ سندس ساجهو هئس. هُو سکر ضلع ڪانگريس جو پريزيڊنٽ هو سالن جا سال، ۽ آءٌ سندس سيڪريٽري. ڇا تہ اهو آزمودو هو. جڏهن پهريون پهريون خط مون کيس لکيو پڇڻ لاءِ تہ ڇا منهنجي گهرج آهي تہ جواب ڏنائين: ”جيل وڃڻ لاءِ تيار هجين، لٺيون کائڻ لاءِ تيار هجين، ڦاسيءَ تي لٽڪڻ لاءِ تيار هجين تہ هليو آءُ.“ ۽ آءٌ هليو آيس.

باهه جو اُلو هو. سرڪار پنهنجي نہ هئي، ڪڏهن سر غلام حسين جي، ڪڏهن خان بهادر الله بخش جي، ڪڏهن خان بهادر کهڙي جي. ڪا پرواهه ڪانهي. طاقت سرڪار مان نہ پر عام جنتا مان ايندي آهي. عام ماڻهن جو ڪو اهڃ هوندو تہ ان لاءِ اهڙي زبردست نموني تحريڪ هلائيندو جو

٣٩- جڏهن سنڌ ساٿيءَ کي اهڙن ڪيو

شري کانچند گدومل سوڳڻ ۾ هجي، شڪارپور ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري هئو ۽ مان سنڌ جائنٽ سيڪريٽري. جڏهن ڊاڪٽر گوبندرام ۽ ڊاڪٽر ڪشنچند جي وچ ۾ ٽڪيٽ لاءِ جهڳڙي تي هلي تڏهن ڪنهن ڪارڻ سبب هو ڊاڪٽر ڪشنچند جو سمرٿڪ هئو ۽ مان ڊاڪٽر گوبندرام جو.

شري کانچند لاءِ ڪليو ڪلايو ڊاڪٽر ڪشنچند جي پٺڀرائي ڪرڻ مشڪل هئو، ڇو ته ڊاڪٽر گوبندرام شڪارپور ڪانگريس جو پريزيڊنٽ هو ۽ ٻيو ته هو جيل مان به تي آيو هئو، ٻئي طرف ڊاڪٽر ڪشنچند هڪ جوڙجڪي ڪارڪن ڪرتا هو ۽ جيل ڪونه ويو هئو. البت ٻنهي جي کٽڻ جو امڪان ذري گهٽ هڪ جيترو هو.

شري کانچند ڇا ڪيو جو ڊاڪٽر گوبندرام کي ريٽائر لاءِ پاڻ به ٽڪيٽ لاءِ درخواست ڪيائين ۽ ائين سمجهيائين ته شايد ٻنهي جي وچ ۾ جهڳڙي لڳڻ ڪارڻ ٽڪيٽ ڊاڪٽر ڪشنچند کي ملي ويندي.

مان ان زماني شڪارپور مان روزانه ”سوراج“ اخبار ڪڍندو هوس. مون ان جهڳڙيءَ جي باري ۾ ڪجهه اخبار ۾ لکيو ۽ ان سلسلي ۾ ڪجهه شري کانچند جي روش جي باري ۾ به لکيو. کانچند کي ڏاڍو دل ۾ ڏک ٿيو.

جنهن ۾ ٺهراءُ پاس ڪيا ويا. ٻئي ڏينهن صبوح جو ڪوچ ڪرڻ کان اڳ ٺهراءُ ٽائيپ ٿيندا، صحيحون پونديون ۽ سرڪار ۽ عملدارن ڏانهن موڪليا ويندا.

٥ ڪانفرنسون پوريون ٿيون ته هليو ڪراچيءَ. ڪمشنر سان ملاقات لاءِ. ڪمشنر چيس: ”ڪهڙي ڳاله ٻاري ڏني اٿيئي. صبوح جو آفيس ۾ اچڻ سان اوهان جون تارون ۽ اوهان جا ٺهراءَ ٽيبل تي رکيا آهن.“ ڪمشنر اڳ ۾ ئي رپورٽون گهرائي رکيون هيون. تحرڪ سڦل ٿيو، آبادگارن کي وڏي پيماني تي ڍل جون معافيون ڏنيون ويون ۽ ايندڙ فصل لاءِ ٻج ۽ آئيندي لاءِ پاڻيءَ جي خاطري ملي.

”ڪانگريس ٽڪيٽ لاءِ ڊاڪٽر ڪشنچند ۽ ڊاڪٽر گوبند رام ڪانسواءِ شري خانچند گدو مل بہ اُميدوار آهي. ڪي شخص، شري خانچند جا مخالف، اِهي افواهہ ڦهلائي رهيا آهن تہ شري خانچند کي جيڪڏهن ڪانگريس ٽڪيٽ نہ ملي تہ هو هندو سڀا جي ٽڪيٽ تي بيهندو. اسان سمجهون ٿا تہ شري خانچند جهڙي پڪي ۽ نشٺا واري ڪانگريس سيوڪ خلاف اهڙا اِلزام آڻڻ بلڪل بيواجب آهي. اُميد تہ شري خانچند انهن افواهن کي رد ڪري ڇڏيندو.“

مونکي خبر نہ آهي تہ خانچند جي من ۾ ڇا هئو. سنڌس ئي ڪي دوست سچ پچ سنڌس لاءِ ائين چئي رهيا هئا. ڏٺي جاڻي هو چوائين چئي رهيا هئا. اِهو نمونو بليڪ ميل ڪرڻ جو هو يا ڇا هئو سو آءٌ چئي نہ ٿو سگهان.

شري ڪنعيالعل جيڪا فتوي ڏني سا مون خوشيءَ سان پنهنجي اخبار ۾ ڇاپي. ان جي نتيجي طور سنڌس ڪيس وڌيڪ ئي ڪمزور ٿي ويو.

ڪانگريس ڪم ڪندڙ سائي ٻن ٽولين ۾ ورهائجي ويا هئاسون. هڪڙا ڊاڪٽر ڪشنچند جي فاعدي ۾ ٻيا ڊاڪٽر گوبند رام جي فائدي ۾؛ شري خانچند کي ته ڪنهن ساپيا ۾ اُميدوار سمجهيو ئي ڪو نه ٿي.

خير شري خانچند سائين سان منهنجون شڪايتون ڪندو ٿي وتيو. سندس هڪ پڪو سائي هئو شري ڪنعيالعل جماڻي (سرگواسي)، جو هر ڳالهه ۾ سندس پٺڀرائي ڪندو هو.

هڪ ڏينهن اهڙو پرسنگ ٿيو جو صبوح جو پرڀات ڦيريءَ ۾ ٿي هلياسون. اُتي ٻه شري خانچند مونکي خراب ڪرڻ لاءِ دوستن سان شڪايت ڪئي ته ڏسو بلديو منهنجي لاءِ اخبار ۾ هيئن ڪي هيئن لکيو آهي. مون شري خانچند کي چيو ته اوهان مون لاءِ شڪايت ٿا ڪريو سو اچو ته امانت ڪرايون ۽ امين ڪريون ٿا شري ڪنعيالعل جماڻيءَ کي.

منهنجن سائين چيو تون ڀُليو ٿيو آهين ڇا. ڪنعيالعل ته خانچند جو سمرٿڪ آهي. مون دوستن کي چيو پلي هجي. مونکي ڪو ڊپ نه آهي. خانچند لاءِ وڏي مشڪلات پيدا ٿي. امين ڪرڻ کان ڪيئن اِنڪار ڪري خاص ڪري جڏهن امين ٿيڻ لاءِ نالو مون انجو ڏنو جو سندس پڪو سائي هئو.

شري ڪنعيالعل امانت ڪئي ۽ فتوىٰ شري خانچند جي خلاف ڏنائين. البت ايترو چيائين ته مونکي اِها ڳالهه اخبار ۾ لکڻ نه گهربي هئي. انجو مونکي ڪو ارمان ڪو نه ٿيو ڇو ته مکيه ۽ بنيادي ڳالهه ۾ ڪ مون ڪتيو.

هاڻ پاڻکي ڪي انڪشا هوندي ته آخر مون اخبار ۾ ڇا لکيو. جيتري قدر ياد ٿو اچيم مون ڪجهه هيئين دستور لکيو:

وسند مل (سوڳن ۾ هجي) اُميدوار هئو. هيو اڙٻنگ، سوڳ-واسي ڊاڪٽر ليلارام ڦيرواڻيءَ جو ساٿي، مگر اڙٻنگ هئڻ ڪارڻ ٿي ڪجهه لوڪن ۾ پيارو هئو. جيل مان ٿي آيو هئو انڪري قربانيءَ جي لياقت به ڪيس هئي. ڪي مٿو ته وري رونشي ڪاٿو به اهڙن ماڻهن جو ساٿ ڏيندا آهن. وڏي مشڪلات اِها هئي ته پيرڻ گنگا ديوي شڪارپور ۾ ان وقت هئي ڪانه؛ بمبئي ڏانهن ويل هئي. وڏان موجب سندس لاءِ رت به ڏيئي نه ٿي سگهياسون جو اُميدوار جي سوڀڪرتيءَ جي ضرورت ٿيندي آهي. مدجهي پياسون ته ڇا ڪريون. بلعد بادشاهه ته مڙڻ وارو ڪونه هو؛ ڪنهنڪي به سندس سامهون بهاريون ها ته هو پڪ هارائي ها. ساٿين مونکي چيو ته تون ئي سندس مقابلو ڪري سگهين ٿو سو تون وائيس پريزيڊنٽ جي پد لاءِ اُميدوار ٿيڻ قبول ڪر. ساٿين جي چوڻ تي مون ها ڪئي.

ساٿي ڏاڍي اِنتظار ۾ هئا. ڪتنداسون هارائيندا سون؟ پيرڻ گنگا ديويءَ لاءِ اسانکي ڏاڍي عزت هئي ڇو ته هوءَ پهرين پيرڻ هئي جا سنڌ ۾ گرفتار ٿي هئي ۽ سزا پوڳي هئائين. سندس عزت ته هر ڪانگريسيءَ کي هئي پر هوءَ اُتي هئي ئي ڪانه ته سندس اُميدواري ڪيئن بحال ٿئي. انڪري ئي مٿون مونکي بهاريو. مراد اِها هئي ته جڏهن پيرڻ گنگا ديوي بمبئيءَ مان واپس ايندي تڏهن آءٌ اِستيفا ڏيندس ۽ کيس اُپ پرڌان چونڊينداسون. اسان کيس ڪيئن به اُپ پرڌان جي پد تي آڻڻ تي گهريو.

ميٽنگ شروع ٿي وئي. وايو منڊل ۾ چڱي ڇڪتاڻ هئي. اٽڪل ٥٠٠ ڪن ڪانگريس جا رواجي چئين آني وارا ميمبر، گاڏين ۾ مونـرن تي چڙهي به ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آيا هئا. ڪير جاڻي نتيجو ڇا نڪرندو. دوست ڏاڍي چنتا ۾ هئا پر

٤٠- جڏهن گنگا ديوي شڪارپور ۾ نه هئي

منهنجو رڪارڊ آهي ته مون ڪا به سياسي چڪري هارائي ڪينهي. هارائي ڪينهي نه، ان ڪري ته، ڪو مان وڏو نيتا آهيان يا ڪا وڏي پهچ يا هلندي پڄندي آهي. مان ته هڪ بلڪل رواجي سيوڪ آهيان. سياسي چڪرين ۾ منهنجا ٻه هٿيار مددگار هوندا آهن- هڪڙو سچائي ۽ ٻيو ڪجهه سمجهداري. اڄ مان اهڙيءَ هڪڙيءَ چڪريءَ جو بيان ٿو ڪريان، جا مون انهن ٻن هٿيارن جي مدد سان جيتيم.

سال ياد ڪونه ٿو اچيم، پر تن ڏينهن شڪارپور ۾ ڪانگريس ايترو ته لوڪ پريه هئي جو اسانجي ساليانين چونڊن جي موقعي تي اٽڪل ٥٠٠ ميمبر اچي حاضر ٿيا- سڀ سگهڙ ماڻهو، سيوڪ، ڪم ڪندڙ، همدرد، ڪيترا شڪارپور جا بوڪ واپاري ۽ ٻڌڪر به اچي ڪٺا ٿيا هئا جو هڪ جبري چڪري لڳڻ جو اِمڪان هو.

ڊاڪٽر گوبند رام شڪارپور ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو پريزيڊنٽ هو، ڀيڻ گنگا ديوي وائيس پريزيڊنٽ ۽ مان جنرل سيڪريٽري. چونڊن ۾ اسانجي رٿ هئي ته ساڳيا ئي مٿر وري ساڳين عهدن تي چونڊيا وڃن. ڊاڪٽر صاحب ۽ منهنجي چونڊجي اچڻ ۾ ڪو ڀوَ ڀولو ڪونه هئو، ڀيڻ گنگا ديوي جي جڳهه لوڏي ۾ هئي جو ان پد لاءِ هڪ اسانجو اربنگ ساٿي شري بلند رام

مون چيو- ڊاڪٽر اسان جنگ ڪئي.
چيائين "سو ڪيئن؟"
"اجهو ڏسو، مان ڇا ٿو ڪريان!"
مان اُٿي ڪڙو ٿيس. شري واڌومل کي وينتي ڪيم تہ مونکي هڪڙو مدت ڳالهائڻ ڏيو، ڇوته جو ڪڙ ڪسو ئي ختم ٿي ويندو.
اجازت ملي.
مون چيو: شري بلندرام جي پدرائي بدي اسانکي ڏاڍي خوشي ٿي آهي. خوشيءَ جي ڳالهه آهي تہ ڪيس پيرڻ گنگا ديويءَ لاءِ ايتري ئي عزت آهي جيتري اسانکي ۽ هو بہ پيرڻ گنگا ديويءَ جي اچڻ تي جڳهہ خالي ڪرڻ لاءِ تيار آهي. پوءِ تہ حل تمام سولو آهي. ڇونته ن جي ڪڙ ڪسي ۾ پڻون ٿي ڇـو. مان پنهنجي اُميدواري واپس ٿو وٺان ۽ شري بلندرام بہ واپس وٺي. اَب پردان جي جڳهہ خالي ٿا ڇڏي ڏيون. جڏهن پيرڻ آئي تڏهن ڪيس ان عهدي تي چونڊيندا سون.
بس ڪوڙ جو پانڊو ڦٽي پيو. شري بلندرام چيو تہ مان اُميدواري واپس وٺڻ لاءِ تيار نہ آهيان. پلي ووٽ وٺو.
ڪيس تہ اسان سان چڪري ڪائڻي هئي ۽ اسانکي شڪست ڏيڻ جو لطف وٺڻو هو. پر مون ڪيس شهہ ڏئي ڇڏي. اُميدواري واپس نہ وٺڻ ڪري هن سموري همدردي وڃائي.
ووٽ ٿيا. شايد لڪل ووٽ. ڪيس رڳو هڪڙو ووٽ مليو- سندس پنهنجو. جن مٿون سندس لاءِ رت ڏني هئي ۽ ٽڪو ڏنو هو، انهن بہ ڪيس ووٽ ڪونہ ڏنو. نتيجو ڏسي ڏاڍو ڦڪو ٿيو.
آخر پيرڻ گنگا ديويءَ جي واپس اچڻ تي مون استيفا ڏني ۽ ڪيس وائيس پريزيڊنٽ جي پد تي چونڊيوسون.

مونکي خاطري هئي ته اسين کٽينداسون.

شري واڌومل کيسواڻي کي سنڌ پرانتڪ ڪانگريس ڪاميٽيءَ وارن چونڊون ڪرائڻ لاءِ موڪليو هئو. هو اچي ميڙ ۾ صدر جي ڪرسيءَ تي ويٺو.

پهريائين پريزيڊنٽ جي چونڊ لاءِ پڪار ٿي. هڪڙي رٿ آئي- ڊاڪٽر گوبند رام لاءِ. پڪراءِ بحال.

پوءِ وائيس پريزيڊنٽ لاءِ شري کيسواڻيءَ رٿون گهريون. ٻه رٿون آيون هڪڙي منهنجي لاءِ ٻي شري بلند رام لاءِ. شري بلند رام جي رٿ شڪارپور جي هڪ نهايت ئي رچ مڙس، شري پيچلعل ميندا ڏني.

مون شري واڌومل کي وينتي ڪئي ته مونکي مٿ ڳالهائڻ ڏي. هن اجازت ڏني. مون اٿي چيو ته مونکي وائيس پريزيڊنٽ بڻجڻ جي ڪا چاهنا ڪانهي. ڪم نصيبا پيرڻ گنگا ديوي هتي ڪانه آهي. اسين چاهيون ٿا ته هوءَ ئي وائيس پريزيڊنٽ جي پد لاءِ چونڊي وڃي. مگر سندس غيرحاضريءَ ۾ سندس لاءِ رٿ ڏيڻي نه ٿي سگهجي انڪري مونکي اميدوار بهاريو اٿون جيئن جڏهن پيرڻ گنگا ديوي بمبئيءَ مان واپس اچي تيئن ئي مان ان عهدي جي استيفا ڏيان ۽ کيس ان پد تي چونڊيون.

بس ايترو چئي مان ويهي رهيس. حاضر ميمبرن تي چڱو اثر ٿيو ۽ اسانجي منطق کين تسڪين ڏني. پر شري بلند رام به پنهنجي نالي هو. هن اٿي اعلان ڪيو: مونکي به پيرڻ ديوي لاءِ ايتري ئي عزت آهي جيتري هن مٿون کي ۽ آءٌ به اعلان ٿو ڪريان ته پيرڻ گنگا ديوي ايندي ته مان به اِستيفا ڏيندس ۽ اِهو پد پيرڻ گنگا ديوي لاءِ خالي ڪندس.

جهسي ٿي. ڊاڪٽر چيو بلديو تنهنجو داءُ ته بيڪار ويو. بلند رام به اهڙي ئي پڌرائي ڪري قصو منجهائي ڇڏيو. هاڻ ڇا ٿيندو؟

C-5
32